

# پاڪستان ۾ موسمياتي ڦير گهير ۽ قدرتي آفتون

# Climate Change and Natural Disasters in Pakistan

نصير ميمڻ



UNITED NATIONS ESCAP

SPO
Strengthening
Participatory
Organization
ادارہ استحکام شرکتی ترقی

# پاڪستان ۾ موسمياتي ڦير گهير
# ۽ قدرتي آفتون

نصير ميمڻ

جولائي 2012

# ليکڪ جي باري ۾



نصير ميمڻ ايس پي او جو چيف ايگزيڪيٽو آهي، هو گذريل 12 سالن کان وڌيڪ عرصي کان ماحول ۽ ترقي، تعليم ۽ نجي شعبن سان واڳيل ادارن ۾ اهم عهدن تي ڪم ڪري رهيو آهي. نصير ميمڻ ليڊ پاڪستان، ڊبليو ڊبليو ايف پاڪستان، پريميئر آئل، يو اين ڊي پي ۽ مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي ۾ خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو آهي.

هو مختلف حڪومتي ادارن، سول سوسائٽي جي تنظيمن ۽ بين الاقوامي تنظيمن جي اعليٰ سطحي ڪميٽين ۽ بورڊن جو ميمبر پڻ رهيو آهي. نصير ميمڻ موسمياتي ڦير گهير، قدرتي آفتن، معاّشي معاملن، انساني ترقي ۽ بهتر حڪمراني سان لاڳاپيل معاملن تي باقاعدگي سان لکندو رهي ٿو. سندس لکڻيون قومي ۽ بين الاقوامي اخبارن ۽ رسالن ۾ڇپجن ٿيون. هو قومي ۽ بين الاقوامي فورمن تي ليڪچرز ۽ بحث مباحثن ۾ پڻ حصو وٺندو پئي رهيو آهي.

هن ڪتابڙي ۾ پيش ڪيل خيال ليکڪ جا پنهنجا آهن ۽ اداري جو انهن سان سهمت هجڻ ضروري ناهي.

# سنڌاءُ


ٻہ اکر---------------------------------------------------------------------------------1

مهاڳ-------------------------------------------------------------------------------------2

سانوڻي جي ايندڙ برساتن لاءِ اڳواٽ تياري--------------------------------------------4

فنڊن جي کوٽ----------------------------------------------------------------------9

پاڻيءَ جا گڏيل وسيلا ۽ برفاني جبلن جو ڳرڻ-------------------------------------14

موسمياتي ڦيرگهير جا اثر----------------------------------------------------18

قدرتي آفتن کان پوءِ واري صورتحال کي منهن ڏيڻ -----------------------------23

ٻوڏن جا بنيادي سبب--------------------------------------------------------27

آفتن کي منهن ڏيڻ-----------------------------------------------------------31

بحالي جو اڻانگو پنڌ--------------------------------------------------------36

آفتن جا غير فطري ڪارڻ---------------------------------------------------42

ٻوڏ جي تباهي وڌائيندڙ عنصر------------------------------------------------46

موسمياتي ڦير گهير ۽ وڏن ڊيمن جو مستقبل------------------------------------51

موسمياتي ڦير گهير ۽ سنڌو ڊيلٽا جي تباهي-------------------------------------56

ماحولياتي ڦير گهير ۽ سنڌ جي ساموندي پٽيءَ کي درپيش خطرا--------------62

سنڌ ۾ ٻوڏ جي تباهي جا ذميوار محرڪ--------------------------------------68

ميراڻي ڊيم سبب آيل تباهي------------------------------------------------75

# پہ اکر

موسمياتي ڦير گھير اسان جي ڌرتي لاءِ پيدا ٿيل هڪ وڏو خطرو آهي. ان جي نتيجي ۾ دنيا جي مختلف حصن ۾ شديد نوعيت جون اهڙيون قدرتي آفتون آيون آهن جن جو اڳي مثال نٿو ملي. پاڪستان کي پڻ موسمياتي ڦير گهير جي مختلف اثرن کي منهن ڏيڻو پئجي ويو آهي، 2010ع ۾ آيل وڏي ٻوڏ ۽ 1999ع ۽ 2007ع ۾ آيل سامونڊي طوفان اسان کي اها حقيقت ياد ڏيارين ٿا تہ اسان موسمياتي ڦيرگهير جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ شديد خطرن ۾ وڪوڙجي رهيا آهيون.

ايس پي او پاڪستان اندر حقن لاءِ جاکوڙيندڙ وڏي ۾ وڏي غير نفعي بخش تنظيم طور قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳوات تيار ۽ امدادي سرگرمين ۾ فعال نموني شريڪ رهي آهي جنهن ۾ ڪميونٽيز کي متحرڪ ڪرڻ، سندن صلاحيتن کي وڌائڻ، رابطا ڪرڻ، تباهي جو تجزيو ڪرڻ توڙي امداد ۽ بحالي جا منصوبا شامل آهن. ايس پي او جي جنرل باڊي بورڊ آف ڊائريڪٽرز ۽ سينيئر مئنيجمينٽ ان ڏس ۾ پنهنجي لڪٽين، ٿاڪ شوز ۽ پاليسي سازيءَ ۾ راءِ ڏيڻ وسيلي انهن ڪمن ۾ هٿ ونڊايو آهي.

ايس پي او جو چيف ايگزيڪيٽو نصير ميمڻ قومي اخبارن ۾ موسمياتي ڦير گهير ۽ آفتن جي مختلف رخن تي باقاعدگي سان مضمون لکندو رهي ٿو. سندس انهن موضوعن تي لکيل مضمونن جو هي ڪتاب ڇپرائڻ اسان لاءِ خوشيءَ جوڳو آهي. اميد آهي تہ لکيڪ توڙي اداري جي هي ننڍڙي ڪاوش سول سوسائٽي، فيصلا ڪندڙن ۽ ايڊووڪيسي گروپن لاءِ لاڀائتي ثابت ٿيندي.

ڊاڪٽر طفيل محمد خان
چيئرپرسن بورڊ آف ڊائريڪٽر
ايس پي او

# مهاڳ

چيو ويندو آهي تہ مستقبل جي واقعن جا پيرا ماضي ۾ هجن ٿا، سرڪاري توڙي خانگي شعبي سان واڳيل دنيا جي مختلف سائنسدانن موسمياتي ڦيرگھير بابت مختلف حڪومتن جي گڏيل پينل (آءِ پي سي سي) ان ڳالھ جي تصديق ڪئي آهي تہ هن دنيا جي موسمياتي وايومنڊل ۾ گذريل ڏيڍ صدي دوران اهم ڦيرگھير ٿي آهي. ان ڦيرگھير ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم تبديلي گلوبل وارمنگ يعني ڌرتي جي گرمي پد ۾ واڌارو آهي. سائنسدانن موجب 1990ع وارو ڏهاڪو هن ڌرتي جو گرم ترين ڏهاڪو، جڏهن تہ 2005ع جو سال 1860ع کان موجود رڪارڊ موجب گرم ترين سال رهيو. ان جي نتيجي ۾ برفاني جبل تيزيءَ سان پگھري ۽ سسي رهيا آهن، سمنڊ جي سطح بلند ٿي رهي آهي، طوفانن جي شدت وڌي رهي آهي ۽ موسمون نهايت سخت ٿينديون وڃن.

سائنسدان ان ڳالھ تي متفق آهن تہ اها تبديلي انساني سرگرمين، تيل ۽ گئس جي سڙڻ، وڌندڙ آبادي جي ڪري ٻيلن جي واڍي، صنعتن ۽ شهرن جي وڌڻ جهڙن عملن جو نتيجو آهي. انسان جي انهن سرگرمين جي ڪري گرين هائوس گئسون پيدا ٿين ٿيون جن ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ، ميٿين ۽ نائيٽرس آڪسائيڊ شامل آهن اهي گئسون ڌرتي جي وايومنڊل جي اندر ئي رهن ٿيون ۽ گرمي ۾ واڌارو ڪنديون رهن ٿيون. چيو وڃي ٿو تہ گذريل هڪ صديءَ اندر ڌرتي جو گرمي پد 0.74 ڊگري سينٽي گريڊ وڌيو آهي. ڌرتي جو گرمي پد وڌڻ سبب وڏا سمنڊ گرم ٿي رهيا آهن، برف جا تھ ڳري رهيا آهن ۽ سڄي دنيا ۾ موسمياتي صورتحال ۾ تبديلي اچي رهي آهي. انهن تبديلين جي نتيجي ۾ سمنڊ جي سطح 20 هين صدي دوران 10 کان 20 ملي ميٽر تائين بلند ٿي، جڏهن تہ 1960ع کان وٺي ڌرتي تي موجود 10 سيڪڙو برف ڳري وئي. ان کانسواءِ الپائين ۽ ٻيا وڏا گليشيئرز 5 ڪلو ميٽر تائين پوئتي هٽي چڪا آهن. آرڪٽڪ جي جميل ڪنڊ ۾ صورتحال نهايت سنگين آهي جتي سموري دنيا جي سراسري جي ڀيٽ ۾ برف وڌيڪ تيزي سان ڳري رهي آهي ۽ جيڪڏهن اهو

## پاڪستان ۾ موسمياتي ڦير گهيرءَ قدرتي آفتون

لاڙو ائين ئي جاري رهيو تہ اها اڳڪٿي ڪئي پئي وڃي تہ ايندڙ 100 سالن اندر آرڪٽڪ ۾ اونهاري جي موسم دوران ڪٿي بہ برف جو وجود نہ رهندو.

آءِ پي سي سي جون اهي ڳالهيون اهم آهن پر انهن کان وڌيڪ اهم موسمياتي ڦيرگهير جا انسان ذات تي پوندڙ اثر آهن، موسمياتي ڦيرگهير جي ڪري دنيا ۾ پاڻي جي کوٽ، خوراڪ جي گهٽتائي، سمنڊ جي سطح وڌڻ سان ٻيٽن جو ٻڏڻ ، شديد موسمي تبديلين جي نتيجي ۾ قدرتي آفتن ۾ المين، صحت لاءِ خطرن، ماحولياتي نظام تي ناڪاري اثرن ۽ حياتياتي تبديلين جهڙا اثر سامهون ايندا.

ڏنو ويو آهي تہ ڪنهن بہ اوچتي آفت جو اثر وڌيڪ شديد ٿئي ٿو ۽ جيڪڏهن ان جي اڳواٽ ڄاڻ ۽ تياري هجي تہ ان اثر کي گهٽي حد تائين گهٽائي سگهجي ٿو. سنڌو درياءَ جي پيچڙي تي هجڻ ڪري سنڌ موسمياتي ڦيرگهير کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندي ۽ ان کي گليشيئرن جي ڳرڻ جي نتيجي ۾ ڪڏهن پاڻي جي گهٽائي تہ ڪڏهن پاڻي جي کوٽ جي ڪري پوکي ۾ گهٽتائي، ڊيلٽا جي تباهي ۽ سمنڊ ۾ چاڙهہ اچڻ جهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻو پوندو. انهن مسئلن بابت شعوري جاڳرتا پيدا ڪرڻ اصل ۾ ماڻهن کي قدرتي آفتن لاءِ اڳواٽ تيار ڪرڻ ۽ انهن جي تڪليفن کي گهٽائڻ مثل آهي.

نصير ميمڻ پنهنجي لکڻين ذريعي ماحولياتي ڦيرگهيرجي نتيجي ۾ مستقبل جي صورتحال کان سنڌ جي ماڻهن کي جاڳائڻ لاءِ دانشمنداڻو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هن جي ڄاڻ ڏيڻ جو طريقو نهايت سولو ۽ سڌو سنئون آهي، جيڪو گهڻ پاسائن چئلينجن کي منهن ڏيندڙ هن ڌرتي سان سندس محبت ۽ لاڳاپي کي ظاهر ڪري ٿو. سندس اهي ڪوششون مستقبل ۾ ان وقت سنڌ جي عوام جي پيڙا ۽ اهنجن کي گهٽائڻ ۾ مددگار ثابت ٿينديون، جڏهن انهن تبديلين جا اثر سامهون اچي رهيا هوندا. سندس اهي ڪوششون جس لهڻن.

محمد ادريس راجپوت
اڳوڻو سيڪريٽري آبپاشي ۽ بجلي
سنڌ حڪومت

# سانوڻي جي ايندڙ برساتن لاءِ اڳواٽ تياري

انهيءَ ڪان اڳ جو گهڻي دير ٿي وڃي ۽ ڪجهه به نه ڪري سگهجي، تيزي سان ويجهو ايندڙ سانوڻيءَ جي مند بابت ڏنل چتاءَ کي حڪومت جي اوليتن ۾ مناسب جڳهه ملڻ گهرجي. نيشنل ڊيزاسسٽر مينجمنٽ اٿارٽي (اين ڊي ايم اي) اهو چتاءُ ڏنو آهي ته هن سال سانوڻي جي مند ۾ تمام گهڻيون برساتون پونديون. اين ڊي ايم اي موجب ايندڙ سانوڻي جي برساتن ۾ 2 ڪروڙ 90 لک ماڻهن کي ٻوڏ کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو. اهو چتاءُ ظاهري طور وقت کان اڳي جي ڳالهه لڳي ٿي پر گذريل سالن جي صورتحال تي نظر وجهجي ته اهو هر ڪنهن لاءِ وقتائتو سڏ آهي. ڪنهن به سنگين صورتحال جي امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي. لڳاتار ٻن سالن تائين هڪ ٻئي پويان تباهي آڻيندڙ برساتن جي ڪري ماڻهو ڳڻتي ۾ ورتل آهن ۽ جيئن جيئن سانوڻ ويجهو ايندو ٿو وڃي انهن جون نظرون آسمان ۾ ڪتل رهن ٿيون.

حڪومت ۽ انساني امداد وارا ادارا هڪ ٻئي امڪاني شديد موسمي صورتحال کي منهن ڏيڻ جي تياري ڪري رهيا آهن. خاص طور گذريل ٻن سالن اندر موسم جي ڇرڪائيندڙ ڦير گهير چوڪس رهڻ لاءِ ٺوس جواز مهيا ڪري ٿي. 2010ع ۾ سانوڻي جي ڏس ۾ اها اڳڪٿي ڪئي وئي هئي ته عام رواجي مينهن کان ڏهوڻ تي وڌيڪ برسات پوندي پر خيبرپختونخوا ۾ موسم جو ڦهر اهڙي نموني اچي ڪڙڪيو جو سڀ انداز غلط ثابت ٿي ويا. پنجاب، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڄمون ڪشمير جي ڪجهه حصن ۾ سيپٽمبر جي عام رواجي سراسري کان 400 ۽ 200 سيڪڙو وڌيڪ مينهن وٺو.

ساڳيءَ ريت 2011ع ۾ سنڌ جي هيٺين حصي ۾ پيل رڪارڊ ٽوڙ مينهن سمورين اڳڪٿين کي ٻي هر شيءِ جيان پاڻ سان گڏ وهائي ڇڏيو. ساموندي پٽيءَ واري علائقي جي ڪجهه حصن ۾ ٽن ڏينهن ۾ 300 ملي ميٽر برسات پئي جيڪا انهيءَ علائقي ۾ سڄو سال پوندڙ مينهن جي سراسري کان

ٻيڻو هو. سو گذريل ورهين ۾ سانوڻي جو مزاج ڏاڍو پرفريب رهيو آهي. گذريل ٻن سالن ۾ آيل مينهن موسمياتي ڦير گهير جي ٻن اثرن / خاصيتن کي واضح ڪري ڇڏيو آهي، هڪ غير معمولي شدت ۽ ٻيوان جو سيني ڪاٽن کان متاثهون هجڻ.

انهن ٻن شين کي نظر ۾ رکندي ملڪ اندر سانوڻي جي مند ۾ پيدا ٿيندڙ صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ نت نئين سوچ جي ضرورت آهي. موسم بابت رڳو ٽن کان چئن ڏينهن تائين جي اڳڪٿي ڪري سگهڻ جي محدود صلاحيت انهيءَ کي اڃان بہ ضروري بڻايو ڇڏي. پاڪستان ۾ عام طور تي ٻوڏ جي مند 15 جون کان 15 آڪٽوبر تائين هجي ٿي، ان جو مطلب تہ اسان وٽ ڪم شروع ڪرڻ لاءِ گهڻو وقت ناهي بچيو.

گذريل ٻن سالن جي ٻوڏ سٽيلن خاص طور سنڌ جي هيٺين حصن جي رهواسين جي زندگي اڃا تائين معمول تي ناهي اچي سگهي. گڏيل قومن جي امدادي ڪارروائين ۾ رابطي واري اداري (UNOCHA) جي تازن انگن اکرن موجب سنڌ ۾ اڃا بہ 10 هزار ماڻهو وقتي اجهن ۾ زندگي گهاري رهيا آهن ۽ يو اين اوچا جي ايمرجنسي رسپانس فنڊ کي ملڪ ۾ امدادي سرگرمين جو هدف حاصل ڪرڻ لاءِ اڃا ڪروڙين رپيا گهربل آهن.

اهي حقيقتون انهن ٻوڏ سٽيلن جي پيڙا کي چٽي نموني ظاهر ڪن ٿيون جن کي ڪجهہ مهينن ۾ ئي وساري ڇڏيو ويو هجي. گڏيل قومن پاران 356 ملين ڊالرن جي امداد واري اپيل جي جواب ۾ هيءُ سال شروع ٿيڻ تائين اڌ رقم بہ نہ ملي سگهي هئي. سنڌ جي ڏاکڻي حصي جي ڪيترن ئي علائقن ۾ اڃا بہ پاڻي لٿو ناهي. ٻين لفظن ۾ ايئن ڪٿي چئجي تہ هزارين ٻوڏ سٽيلن جون مصيبتون ختم ٿيندي نظر نٿيون اچن.

شروعاتي سرگرمين کان پوءِ گهٽيون ٿيون امدادي ڪارروائيون آهستي آهستي ختم ٿينديون پيون وڃن. عالمي امداد ايتري ملي سگهي جيڪا

ڊگهي عرصي تائين امدادي ڪارروايون جاري رکڻ لاءِ ناڪافي آهي. سنڌ سرڪار جو ريليف آپريشن پنهنجن کي نوازڻ ۽ سياسي پسند نا پسند واري رويي جي ور چڙهي ويو. جڏهن ته بحالي واري مرحلي لاءِ گهربل ڪان تمام گهٽ وسيلا رکيا ويا.

مٿان وري سنڌ سرڪار ٻوڏ سٽيلن واسطي رکيل لڳ ڀڳ چار ارب روپيا چونڊيل عيوضين واري فنڊ حوالي ڪري انهن جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ جو ڪم ڪيو. عام چونڊن ڪان هڪ سال اڳ اهو ڪم پڪ سان پارٽي جي جيالن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو پر انهيءَ سان هزارين ماڻهو دربدر ٿي ويا. انهيءَ صورتحال ۾ موسم جو هڪ جهٽڪو تباهي جي ڪنڌي تي ويٺل ماڻهن جي زندگي ۾ طوفان آڻي سگهي ٿو.

هڪ ٻيو ڳڻتي جوڳو ڪارڻ مدي خارج انفرااسٽرڪچر آهي. مثال طور 2011ع ۾ ڪيترن ئي ضلعن جي هزارين ايڪڙ زمين کي ٻوڙيندڙ ليفٽ بينڪ آئوٽ فال ڊرين جون ڪنڌيون ۽ گهارا اجا تائين ٻڌا ناهن ويا. مرمت جو ڪم هاڻ مس وڃي شروع ٿيو آهي ۽ ان کي جون تائين مڪمل ڪرڻ جو غير حقيقت پسندانو هدف رکيو ويو آهي. اهڙي تڙ تڪڙ ۾ ڪيل ڪم جي معيار جو اندازو هر ڪوئي آساني سان لڳائي سگهي ٿو. غير معمولي برساتن کي ته هڪڙي پاسي رکو، هاڻوڪي صورتحال ۾ اهو گهارن لڳل سم نالن جي عام رواجي پاڻي جو نيڪال ڪرڻ جوڳو به نه آهي.

مينهن لاڙ کي لڳندڙ ضلعن ۾ تباهي جو ڪارڻ بڻجي ويو آهي. 2010ع واري ٻوڏ کان پوءِ هنگامي بنيادن تي سنڌو نديءَ جي ڪنارن جي مرمت ڪئي وئي پر انهن جي پختو هجڻ کي اجا آزمايو نه ويو آهي. جابلو نئين ۾ شديد چاڙهه واري ڏس ۾ پڻ گهٽ ڌيان ڏنو ويو آهي، جبلن تان ايندڙ انهن نئين ئي 2010ع ۾ مهراڻ کي موج ۾ آڻي ڇڏيو هو جو ان ئي وقت ڏکڻ پنجاب ۽ سنڌ مان گذاري سگهجندڙ پاڻي جو وهڪرو سمنڊ ڏانهن وڌي رهيو هو. خطري جي ترت چاڻ ڏيندڙ نظام جي غير موجودگي ۾ اهي جابلو

وهڪرا وڏي ٻوڏ جو ڪارڻ بڻجي سگهن ٿا. انهيءَ ڪري انهن جي چوڪسي سان نگراني ضروري آهي. سڀ کان اهم رخ جنهن تي گهربل ڌيان نہ ڏنو ويو آهي اهو ڪنهن آفت واري صورتحال ۾ ادارن وچ ۾ رابطا نہ هئڻ ۽ انتظامي نظام ۾ گڏيل حڪمت عملي جي کوٽ آهي. صوبائي ڊيزاسٽر مينجمنٽ اٿارٽيون اڃان تائين وسيلن کان وانجهيل آهن. پي ڊي ايم ايز ۾ تجربيڪار ۽ سکيا ورتل افرادي قوت جي وڏي کوٽ آهي جيڪا فوري ڌيان جي گهرجائو آهي. مڪمل طور تي نظر انداز ٿيل هڪ ٻيو اهم عنصر ضلعي ڊزاسٽر مينيجمنٽ اٿارٽيز آهن. جيئن تہ ڪنهن بہ قدرتي آفت جي صورت ۾ ضلعي انتظاميہ عوام تائين پهچندڙ پهريون ادارو هجي ٿي انهيءَ ڪري انهيءَ جو وسيلن کان وانجهيل هجڻ ٻوڏ سٽيل ماڻهن لاءِ سنگين صورتحال پيدا ڪري سگهي ٿو. چونڊيل مڪاني حڪومتون قائم نہ هئڻ ڪري ڊي ڊي ايم ايز انهيءَ ڏس ۾ مقامي سطح تي حڪومت جو واحد ادارو آهن.

عملي طور تي اهي ڊي ڊي ايم ايز هر لحاظ کان ڊپٽي ڪمشنر واري آفيس جو ئي ٻيو نالو هجن ٿيون. سندن ٻين انتظامي ترجيحن جي ڪري اهي متاثرن لاءِ لاڀ ڏيندڙ ڪم تي گهٽ وقت توڙي ڌيان ڏئي سگهن ٿا. گهڻو ڪري اهي انهيءَ وقت حرڪت ۾ اچن ٿا جڏهن آفت اچي مٿان ڪڙڪندي آهي، جڏهن تہ ڊزاسٽر مينجمنٽ سڄو سال ڌيان گهرندڙ ڪم آهي ۽ ان کي اهڙي انتظامي ڍانچي جي آسري تي نہ ٿو ڇڏي سگهجي جيڪو وقت کان پوءِ ظاهر ٿيندو هجي.

انتظامي اجلاسن ۽ گڏجاڻين ۾ سٺو ڏيک ڏيندڙ ڊي ڊي ايم ايز جي آفت کان پوءِ واري صورتحال کي منهن ڏيندڙ ادارن طور جوڙجڪ ئي ڪئي ناهي وئي ۽ اهي ڪنهن بہ قدرتي آفت کان پوءِ واري صورتحال ۾ انتظام سنڀالڻ جي پيشيوراڻي قابليت کان محروم آهن. انهن جون ڏوريون مقامي سطح تي اختيار رکندڙن جي هٿ ۾ هجن ٿيون ۽ ايستائين جو ڪجهہ جاين

تي اهي متاثرن جي مصيبتن گهٽائڻ بدران آفت جي اثرن کي وڌيڪ موتمار بڻايو ڇڏين.

حڪومت ويجهڙائي ۾ موسمياتي ڦير گهيرواري وزارت قائم ڪئي آهي جيڪا انهيءَ ڏس ۾ سندس سجاڳي کي ظاهر ڪري ٿي پر موسمن ۾ پاڻي جي ڪري ايندڙ آفتون وڌيڪ اثرائتن قدمن جون گهرجائو آهن ته جيئن آفتن جي بروقت اڳڪٿي ۽ فوري چتاءُ، امڪاني اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڀرپور تياري ۽ آفت کي شفاف ۽ پيشيوراڻي انداز ۾ منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل طريقيڪار کي يقيني بڻائي سگهجي.

گڏريل ٻن ٻوڏن دوران ڊزاسٽر مينجمنٽ سان واڳيل ادارن جي وچ ۾ مختلف سطحن تي رابطن جي وڏي پيماني تي کوٽ محسوس ڪئي وئي. ساڳي نموني ملڪي ۽ بين الاقوامي امدادي ادارن سان حڪومتي خاص طور تي صوبائي سطح تي رابطن جي صورتحال ڳڻتي جوڳي رهي. انهيءَ ڏس ۾ رابطن جو بهترين وقت ايندڙ سانوڻي جي مند کان اڳ وارو آهي. هن وقت جڏهن حڪومت پنهنجن ٻين ڪيترن ئي ترجيحي ڪمن ۾ رڌل آهي، تيزي سان ويجهو ايندڙ سانوڻي جون برساتون ترجيحن واري انهيءَ لسٽ ۾ پنهنجي مناسب جاءِ جون گهرجائو آهن انهيءَ کان اڳي جو گهڻي دير ٿي وڃي ۽ ڪجهه به نه ڪري سگهجي انهيءَ پاسي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي.

روزاني دي نيوز، 27 مئي 2012ع

# فندن جي کوٽ

نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (اين ڊي ايم اي) جي چيئرمين چيو آهي ته گڏيل قومن طرفان ٻوڏ سٽيلن جي سهائتا لاءِ اپيل ڪيل رقم جي پيٽ ۾ هينئر تائين صرف 40 سيڪڙو فنڊ مليا آهن. گڏيل قومن سنڌ ۽ بلوچستان جي ٻوڏ سٽيلن جي واهر لاءِ 356 ملين ڊالر جي رقم جي اپيل ڪئي هئي. هينئر تائين مشڪل سان 150 ملين ڊالر ملي سگهيا آهن. جڏهن ته هن سال آيل ٻوڏ گذريل سال جي ٻوڏ کان وڌيڪ تباهي آندي آهي پر هن ڀيري ڊونرز پاران واهر جي معاملي ۾ جوش ۽ جذبو نظر ناهي آيو.

هينئر تائين يورپي ڪميشن، جاپان، آمريڪا، برطانيه ۽ ناروي وڏا ڊونر رهيا آهن، اين ڊي ايم اي جي تازن انگن اکرن موجب ٻوڏ ۾ 520 ماڻهو مارجي ويا، 34 هزار جي لڳ ڀڳ ڳوٺ متاثر ٿيا ۽ 16 لک گهرن کي نقصان پهتو، جنهن ۾ رهندڙ 96 لک ماڻهو متاثر ٿيا آهن.

سنڌ جي ڳوٺاڻي معيشت تباهه ٿي وئي چو ته 22 لک ايڪڙن تي بيٺل فصلن کي نقصان پهتو ۽ هڪ لک 16 هزار چوپايو مال لڙهي ويو. گڏيل قومن موجب سنڌ جي 13 شديد متاثر ضلعن ۾ ٻوڏن جي نتيجي ۾ 73 سيڪڙو بيٺل فصل، 36 سيڪڙو چوپايو مال ۽ 67 سيڪڙو ڪاڏي پيتي جون شيون لڙهي ويون. فصل ۽ چوپائي مال جو نقصان گهٽو ڳٽتي جوڳو آهي چو ته اهي ٻئي ٻوڏ سٽيل علائقن ۾ گذر سفر جو اهم وسيلو آهن.

انساني واهر ڪندڙ ادارن پاران امدادي ڪارروائن ۾ سُستيءَ جي ڪري امدادي سرگرمين تي شديد دٻاءُ پئجي رهيو آهي سڀ کان وڌيڪ کوٽ کاڌ خوراڪ (86 سيڪڙو) پيئڻ جي پاڻي (83 سيڪڙو) ۽ اجهي (49 سيڪڙو) ۾ ڏٺي وئي. انهيءَ جي نتيجي ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي ٻوڏ سٽيل گهراڻن جي ٽئين حصي لاءِ اجهي جو بندوبست نه ٿي سگهيو آهي. سياري جي مند ۾ اجهي ۽ گرم ڪپڙن جي ضرورت وڌي وئي آهي. سنڌ ۽ بلوچستان ۾ 30 لک ٻوڏ

سنڌيل ماڻهن کي شديد خطرو لاحق آهي ۽ کين خوراڪ لاءِ امداد جي ترت گهرج آهي. امدادي ادارن موجب 50لک کان وڌيڪ ماڻهن کي پوڪي لاءِ فوري مدد گهربل آهي تہ جيئن اهي اناج جي پيداوار ۽ پنهنجي گذر سفر جون سرگرميون ٻيهر شروع ڪرڻ جوڳا ٿي سگهن. واضح طور تي اها صورتحال مستقبل ۾ انساني بحران ڏانهن وڌي رهي آهي. خوراڪ جي عالمي اداري فيبروري 2012ع تائين ٻوڏ سنڌيل ماڻهن جي ڪاڻ خوراڪ جي گهُرجن کي پورو ڪرڻ لاءِ 107 ملين ڊالرن جي کوٽ تي ڳڻتي ظاهر ڪئي آهي.

http://jang.com.pk/thenews/jan2012-weekly/nos-15-01-2012/images/N-lost-steam11.jpg.

خوراڪ جي عالمي اداري چتاءُ ڏنو آهي تہ جيڪڏهن فوري طور وسيلن جو بندوبست نہ ڪيو ويو تہ انهن جا ڪاڻ خوراڪ جا ذخيرا نومبر جي پڇاڙي تائين ختم ٿي ويندا ۽ اهي ڊسمبر کان پوءِ راشن ۽ ماڻهن جي انگ ۾ ڪٽوتي ڪرڻ تي مجبور ٿي پوندا.

اين ڊي ايم اي پاران 2 ڊسمبر تي جاري ڪيل انگ اکر ڏيکارين ٿا تہ اڃان تائين 2 لک 32 هزار ماڻهو 755 ڪئمپن ۾ رهن پيا ۽ انهن کي هر قسم جي امداد جي ضرورت آهي. يو اين اوچاموجب ٻوڏ سنڌيل 90 لک آبادي جي چوٿين حصي جو مختلف وچڙندڙن بيمارين جو شڪار ٿيڻ جو خطرو آهي چو تہ مليريا، ڪالرا، ساهہ ۽ چمڙيءَ جي بيمارين جون رپورٽون ملي رهيون آهن. اها صورتحال حڪومت ۽ واهر ڪندڙ ادارن پاران فوري ڪارروائي جي گهرجائو آهي.

ويجهڙائي ۾ آيل قدرتي آفتن دوران واهر ڪندڙ ادارن جي ڪاررواين ۾ لاٿ جو لاڙو ڏٺو ويو آهي. 2010ع واري ٻوڏ ڪانپوءِ گڏيل قومن هڪ ارب 90 ڪروڙ ڊالرن جي اپيل ڪئي هئي جنهن جي جواب ۾ ڊونرن هڪ ارب 30 ڪروڙ ڊالر امداد ڏني. 11 وڏن ڊونرن هڪ ارب 60 ڪروڙ ڊالر جا عطيا ڏنا ۽ سڀ کان گهٽ امداد ڏيندڙ 15 ملڪن 33 ملين ڊالر فراهم ڪيا.

ڊينمارڪ پاران 23 ملين ڊالر امداد ڏني وئي پر ان کان وڌيڪ جي ڊي پي رکندڙ ملڪ پرتگال ڪجھ بہ نہ ڏنو. فرانس 42 لک ڊالرن جي واھر ڪئي جيڪا سوئيڊن پاران ڏنل امداد کان 9 ڀيرا گهٽ آھي، جيتوڻيڪ فرانس جي جي ڊي پي سوئيڊن کان 6 ڀيرا وڌيڪ آھي. امدادي اداري اسلامڪ رليف جي ھڪ رپورٽ موجب ھيٽي ۾ آيل زلزلي جي ڀيٽ ۾ ٻوڏ سٽيلن لاءِ مليل امداد ۾ واضح فرق موجود آھي.

ھيٽي ۾ 37 لک ماڻھو متاثر ٿيا ۽ کين 948 ڊالر في متاثر جي حساب سان امداد ملي پر 2010ع جي ٻوڏ کان پاڪستان ۾ 2 ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻھو متاثر ٿيا پر کين صرف 122 ڊالر في ماڻھو جي حساب سان امدد ملي.

بين الاقوامي امدادي اداري آڪسفيم جي بي جي ھڪ تجزئي موجب گڏيل قومن جي اپيل ڪانپوءِ وارن 10 ڏينھن ۾ عالمي امدادي ادارن ھر متاثر شخص واسطي 1.30 ڊالر ڏيڻ جو واعدو ڪيو، انھي جي ڀيٽ ۾ گذريل سال جي ٻوڏن ڪانپوءِ واري ساڳئي عرصي ۾ 3.20 ڊالرن جو واعدو ڪيو ويو ھو. 2005ع واري زلزلي ڪانپوءِ وارن 10 ڏينھن ۾ اھا امداد 70 ڊالر جڏھن تہ ھيٽي جي زلزلي ڪانپوءِ اعلانيل امداد 495 ڊالر في ماڻھو ھئي. اھي انگ اکر ظاھر ڪن ٿا تہ واھر وارن ادارن جي موٽ ھن تباھي جي ڀيٽ ۾ ڪجھ بہ نہ ھئي. صرف مري ويلن جي انگن اکرن کي ڇڏي، گذريل ٻوڏ ۾ ٿيل تباھي جو ڪاٿو ھيٽي جي زلزلي کان گھڻو وڌيڪ ھو.

حڪومت پاران دير سان اپيل، يورو زون ۽ آمريڪا ۾ اقتصادي ٻاڙائي، حڪومت ۾ اھليت ۽ شفافيت جي کوٽ ۽ عالمي ميڊيا پاران مناسب ڌيان نہ ملڻ کي انساني واھر وارن ادارن پاران مناسب جواب نہ ملڻ جو اھم ڪارڻ قرار ڏئي سگھجي ٿو.

حڪومت هن تباهي جو ڪاٿو تمام گهٽ لڳايو ۽ عالمي واهر لاءِ اپيل گهٽي دير سان ان وقت ڪئي وئي جڏهن لکين ماڻهو پنهنجا اجها وڃائي چڪا هئا. ان ڪانسواءِ يورپ ۽ آمريڪا جهڙن امداد ڏيندڙ ملڪن کي پاڻ ئي اقتصادي ٻاڙائي کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو. افغان جنگ ۾ 550 ارب ڊالر وڃائڻ ڪانپوءِ آمريڪا ۾ بيروزگاري جي صورتحال گذريل ڪجهه ڏهاڪن جي ڀيٽ ۾ نهايت خراب هئي ۽ هڪ ڪروڙ 40 لک بيروزگار آمريڪي حڪومت لاءِ پريشاني جو وڏو ڪارڻ بڻيل هئا.

عالمي درجي بندي ۾ هڪ درجو هيٺ ڪرڻ ڪانپوءِ آمريڪي قانونساز پنهنجي ملڪ پاران ڏني ويندڙ بين لاقوامي امداد ۾ ڪٽوتي ڪري چڪا هئا، جنهن جي نتيجي ۾ آفريڪا لاءِ خوراڪ ۽ دوائن جي فراهمي ۽ قدرتي آفتن لاءِ امداد ۾ ڪٽوتي تي سنجيدگي سان غور ڪيو پئي ويو. آمريڪا پاران پرڏيهي ملڪن کي ملندڙ امداد 2011ع ۾ وفاقي بجيٽ جي هڪ سيڪڙو کان به گهٽجي چڪي هئي، جيڪا 70 ۽ 80 واري ڏهاڪي ۾ 2 سيڪڙو کان وڌيڪ هوندي هئي.

آمريڪي پارليامينٽ جي اپروپريئيشن ڪميٽي پاران ايران، افغانستان ۽ پاڪستان جي مالي واهر ۾ ڪٽوتي جي تجويز پيش ڪئي وئي هئي. ساڳئي وقت يورپي يونين جي اهم ملڪن کي به قرض جي شديد بحران کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو. هن وقت يورو زون جو ڪُل قرض سندن جي ڊي پي جي 85 سيڪڙو تائين پهچي چڪو آهي. برطانيه جو بجيٽ خسارو 10.4 جڏهن ته آمريڪا جو 8.9 سيڪڙو تي چڪو آهي. برطانيه ۾ 16 کان 24 سالن وارن نوجوانن ۾ بيروزگاري جو انگ گذريل ٽن سالن دوران 14 سيڪڙو تائين وڃي پهتو آهي، حڪومت جي خرچن ۾ اڳي ئي 10 سيڪڙو ڪٽوتي تي غور ڪيو پيو وڃي.

اهڙي صورتحال ۾ مستقبل ۾ ڪنهن قدرتي آفت جي نتيجي ۾ بين الاقوامي امداد اچا به گهٽ رهڻ جو خدشو آهي. پاڪستان جهڙن ملڪن کي هنگامي

ضرورتن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجا وسيلا وڏيڪ بهتر نموني استعمال ڪرڻ جي ضرورت آهي. قدرتي آفتن ۾ وچوٽي خطرناڪ حد تائين گهٽجندي پئي وڃي ۽ پاڪستان ڪي آفتن جي نتيجي ۾ ٿيندڙ نقصانن ڪي گهٽائڻ لاءِ ڊگهي مدي واري رٿابندي ڪرڻ جي ضرورت آهي. امداد ۽ بحالي جي سرگرمين لاءِ وڏي رقم رکي آفتن کان اڳ بهتر انتظامن ڪي يقيني بڻائي سگهجي ٿو.

روزاني دي نيوز، 15 جنوري 2012ع

# پاڻيءَ جا گڏيل وسيلا ۽ برفاني جبلن جو ڳرڻ

هن مهيني ۾ هماليہ جي جابلو سلسلي مان نڪرندڙ دريائن جي پاڻي تي مالڪي جي دعويٰ ڪندڙ 7 ملڪن تي ٻڌل ابوظهبي ڊائلاگ گروپ جو اجلاس هڪ نهايت اهم ۽ تاريخي واقعو هوندو ڇو تہ اميد ڪئي پئي وڃي تہ انهيءَ اجلاس ۾ اهي ملڪ برفاني جبلن جي ڳرڻ جي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ گڏيل قدم کڻڻ تي غور ڪندا.

هن گروپ ۾ پاڪستان، افغانستان، بنگلاديش، ڀوٽان، چين، ڀارت ۽ نيپال شامل آهن. اهي سڀ ملڪ هن خطي جي پاڻي جي اهم وسيلي يعني هماليہ جي جابلو سلسلي مان نڪرندڙ دريائن جو پاڻي هڪٻئي سان ونڊين ٿا. بنگلاديش، ڀوٽان، ڀارت، مالديپ، نيپال، پاڪستان ۽ سريلنڪا جي ڪُل آبادي دنيا جي آباديءَ جي 21 سيڪڙو کان وڌيڪ آهي پر دنيا جي پاڻيءَ وارن وسيلن منجهان صرف 8.3 سيڪڙو انهن ملڪن ۾ آهن. جنهن جي ڪري چين جي انتظام هيٺ تبت وارو علائقو ڏکڻ ايشيا جي ملڪن لاءِ وڌيڪ اهميت رکي ٿو. پاڻيءَ وارن وسيلن سان مالا مال تبت جو ڏاکڻو حصو ٻن وڏن دريائي نظامن سنڌو ۽ برهم پترا سميت ڏکڻ ايشيا جي ٻين ڪيترن ئي دريائن جو مُنڍ آهي.

ڀارت مان وهي اچي سنڌو ۾ ڇوڙ ڪندڙ 1550 ڪلو ميٽر ڊگهو ستلج جو درياءُ پڻ هن علائقي ۾ موجود ڪيلاش جبل جي ڏاکڻي پاسي کان شروع ٿئي ٿو. برهم پترا، گنگا، ميگهنا ۽ سنڌو سميت اهم دريائن جي پاڻي تي دارو مدار رکندڙ ڏيڍ ارب آبادي وارن انهن علائقن جو جياپو هماليہ جي فطري نظام سان ڳنڍيل آهي. صرف گنگا ندي جي ڀر واري علائقي ۾ 60 ڪروڙ جي لڳ ڀڳ ماڻهو آباد آهن.

جيئن جيئن برفاني جبل سُسندا ويندا تيئن تيئن پاڻي جي وهڪرن ۾ گهٽتائي اٽڪر ٿيندي ويندي. موسمياتي ڦيرگهير بابت گهڻ حڪومتي پينل آءِ پي سي

سي جي رپورٽ موجب 2050ع تائين برهم پترا جي وهڪرن ۾ 14 سيڪڙو جڏهن تہ سنڌو جي وهڪري ۾ 27 سيڪڙو لاٽ اچي سگهي ٿي. تيزي سان ڳرندڙ هماليہ علائقي جي پاڻيءَ وارن وسيلن جي جٽاءَ لاءِ سنگين خطرو بڻيل آهي.

موسمياتي ڦيرگهير جي ڪري هڪ وڏي آبادي رکندڙ ڏکڻ ايشيا کي وڏين آفتن کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو. گذريل ٻن ڏهاڪن اندر هن علائقي جا 75 ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ضرور ڪنهن قدرتي آفت کان متاثر ٿيا آهن. مئي 2011ع ۾ سارڪ جي سيڪريٽري جنرل اداري جي هڪ اجلاس ۾ قدرتي آفتن جي صورت ۾ فوري ڪارروائي بابت ٺاهہ جو مسودو پيش ڪيو هو. سندس چوڻ هو تہ گذريل 40 سالن اندر ڏکڻ ايشيا ۾ 1333 قدرتي آفتون آيون جن جي نتيجي ۾ 9 لک 80 هزار ماڻهو مري ويا، 2 ارب 40 ڪروڙ ماڻهو متاثر ٿيا ۽ هڪ کرب 5 ارب ڊالرن جي ملڪيتن کي نقصان رسيو.

هن علائقي جي ملڪن جي آبادي جي وڏي حصي جي جياپي جو دارومدار پاڻيءَ جي  وسيلن تي آهي. هماليہ مان نڪرندڙ درياءَ انهن جي معيشت ۽ معاشري ٻنهي جو بنياد آهن ان ڪري برفاني جبلن جو ڳرڻ علائقي جي سماجي ۽ سياسي صورتحال لاءِ نهايت هاڃيڪار ثابت ٿي سگهي ٿو. موسمياتي تبديلين ۽ پاڻي جي ڪري ايندڙ آفتن جي ڏس ۾علائقائي سطح تي سهڪار جي وڌيڪ گهُرج آهي.

ڏکڻ ايشيا جي آبادي 2050ع تائين ڏيڍ ارب کان 2 ارب 20 ڪروڙ ماڻهن تائين پهچي سگهي ٿي، جن منجهان 60 ڪروڙ کان وڌيڪ آبادي جي روزاني ڪمائي 1.25 ڊالر کان بہ گهٽ هوندي ۽ اهڙي صورتحال ۾ ڪو تباهي آڻيندڙ واقعو وڌيڪ لکين ماڻهن کي غربت ۽ مصيبن جي ڏٻڻ ۾ ڌڪي ڇڏيندو. سڀ کان وڏو خطرو تيزي سان ڳرندڙ هماليہ کان ٿي سگهي ٿو جيڪو هن علائقي جي

سانوڻيءَ واري مند تي وڏو اثر رکي ٿو. اهو نظام هن علائقي جي دريائي نظام جو بنياد آهي.

برفاني جبلن جي تيزيءَ سان ڳرڻ جي نتيجي ۾ سمنڊ جي سطح ۾ پڻ گهٽتو واڌارو ٿيندو. ڏکڻ ايشيا جي ساموندي پٽي انتهائي گُتيل آبادي واري آهي جنهن ۾ ڪيئي هيٺانهان ٻيٽ پڻ آهن جن کي سمنڊ ۾ چاڙهه جي ڪري سڌا سنوان خطرا پيش ايندا. هن خطي جي ساحلي پٽي 12 هزار ڪلو ميٽر جي لڳ ڀڳ آهي ۽ ان ۾ وڏي انگ ۾ ٻيٽ پڻ موجود آهن. تنهن ڪري هماليہ ۾ برف ڳرڻ سان هي خطو قدرتي آفتن جي ور چڙهي سگهي ٿو.

مالديپ، سريلنڪا ۽ بنگلاديش جي هيٺانهن ٻيٽن کي خاص طور تي سمنڊ جي سطح بلند ٿيڻ مان خطرو آهي. ڪراچي، چنائي، ڪلڪتي، ممبئي ۽ ڪوچين جهڙن ساموندي ڪناري واري اهم شهرن کي ساموندي چاڙهه جهڙين ماحولياتي آفتن جا خطرا درپيش ٿي سگهن ٿا.

سنڌو،ڪرشنا، ڪاويري ۽ نرمدا ندين جا زرخيز ۽ نازڪ ڊيلٽا پڻ ساموندي چاڙهه جي خطري ۾ آهن. سنڌوءَ جي ڊيلٽا واري علائقي مان 20 لک ايڪڙ زمين سمنڊ ڳڙڪائي چڪو آهي، هن صورتحال جي ڪري بنگلاديش، ڀارت ۽ پاڪستان جهڙن ملڪن لاءِ وڏيڪ ڳنڀير معاملا پيدا ٿي سگهن ٿا، جيڪي اڳئي ساموندي طوفانن جهڙن تباهي آڻيندڙ قدرتي آفتن جي زد ۾ آهن.

انهن حقيقتن مان اهو بلڪل چٽو ٿي وڃي ٿو ته اسان جي گڏيل دريائي نظامن جي سارسنڀال لاءِ علائقائي سهڪار ۽ آفتن کي منهن ڏيڻ جي گڏيل حڪمت عملي کانسواءِ هن خطي کي Hydro-meteorological آفتن کي منهن ڏيڻو پوندو.

علائقائي سهڪار واري تنظيم سارڪ کي ان ڏس ۾اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ جي ضرورت آهي.

## پاڪستان ۾ موسمياتي ڦير گهير۽ قدرتي آفتون

علائقائي سهڪار بابت بحث تي گهڻو ڪري روايتي سلامتي ۽ علائقائي واپار جهڙا معاملا حاوي رهن ٿا ۽ گڏيل پاڻي ۽ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل حڪمت عملي جهڙيون ڳالهيون پوئتي رهجيو وڃن. موسمياتي ڦيرگهير ۽ ان سان واڳيل آفتن جا اثر انهن ملڪن واسطي هڪجهڙي سان هڪ خطي طور سهڪار پيدا ڪرڻ ۽ ڪروڙين ماڻهن جي زندگين کي محفوظ بڻائڻ جو جواز فراهم ڪن ٿا جيڪي اڳي ئي قدرتي آفتن جي منهن ۾ آهن.

معلومات جي ڏي وٺ، صلاحيتن ۾ واڌارو ۽ پاڻيءَ جي گڏيل وسيلن بابت دانشمنداڻي پاليسي، علائقائي سهڪار لاءِ اهم آهن ۽ اهي موسمياتي ڦيرگهير جي غير معمولي اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڊگهي مدي واري رٿابندي ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿيون. هن خطي جو هر ملڪ انفرادي طور تي پنهنجين حدن ۾ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ ۽ ان ڏس ۾ انتظامن جي حڪمت عملي ۽ پاليسي فريم ورڪ تہ جوڙي چڪو آهي پر ايندڙ سالن ۾ سرحدن کان مٿانهون ۽ ويجهو سهڪار اڻٽر بڻجي ويندو. علائقائي سهڪار جو هڪ اهم پاسو چين کي اعتماد ۾ وٺڻ پڻ آهي جنهن جو اظهار ابوظهبي ڊائلاگ گروپ جي جوڙجڪ ۾ پڻ ٿئي ٿو. ڏکڻ ايشيائي ملڪن کي پاڻيءَ جي گڏيل وسيلن، ماحولياتي ڦيرگهير ۽ قدرتي آفتن جي ڏس ۾ چئلينجن جو ويجهو ڳانڍاپو چين سان آهي چو تہ ڏکڻ ايشيائي ملڪن جا اهم درياءَ تبت واري علائقي مان نڪرن ٿا. ان ڪري اهو نهايت اهم آهي تہ سارڪ پنهنجي ميمبر ملڪن وچ ۾ گڏيل ڪوشش کي هٿي وٺرائڻ سان گڏوگڏ پاڻيءَ جي وسيلن، ماحولياتي ڦيرگهير ۽ قدرتي آفتن وارن معاملن تي علائقائي سهڪار ۾ چين کي پڻ بامعنيٰ انداز ۾ پاڻ سان گڏ ڪٽي هلي.

روزاني ڊان، پهرين جنوري، 2012ع

# موسمياتي ڦيرگهير جا اثر

هاڻوڪن تجربن کي آڏو رکندي اهو چئي سگهجي ٿو ته ايشيا کنڊ موسمياتي ڦيرگهير ۽ قدرتي آفتن جي مُنهن ۾ آهي. تيزيءَ سان منجندڙ شديد موسمن هن خطي جي ڪروڙين ماڻهن کي اهڙن اهنجن ۾ وجهي ڇڏيو آهي جن جو اڳ ۾ ڪو مثال نٿو ملي.

ماحول جي بچاءُ واري عالمي اداري آءِ يو سي اين ويجهڙائي ۾ ڏکڻ ڪوريا جي شهر انچيون ۾پنجين ايشيا ريجنل ڪنزرويشن فورم ڪوٺايو جنهن ۾ مختلف ملڪن مان 500 کان وڌيڪ وفدن شرڪت ڪئي. انهي فورم ۾ شرڪت دوران مون کي اهو موقعو مليو ته پاڙيسري ملڪن مان آيل وفدن سان ڳالهه ٻولهه ڪري سگهان. انهي فورم ۾ شريڪ سمورن ملڪن ۾ مينهن، ٻوڏن، قدرتي آفتن ۽ متاثرن جي ڪهاڻي ذري گهٽ هڪجهڙي آهي. پاڪستان ۾ آيل هاڻوڪين قدرتي آفتن واري صورتحال خطي جي مجموعي صورتحال کان گهڻي مختلف نه آهي. موسمن ۾ آيل شدت ۽ اوچتن واقعن هر هنڌ محققن ۽ فيصلا ڪندڙن کي منجهائي ڇڏيو آهي.

شديد موسمن جهڙي نموني ايشيا جي مختلف حصن ۾ رهندڙ ماڻهن کي متاثر ڪيو آهي ان جو اندازو ويجهڙائي جي ڪجهه مثالن مان لڳائي سگهجي ٿو.

آگسٽ ۾ بنگلاديش ۾ 750 ملي ميٽر مينهن پيو جنهن کان راج شاهي ۾ ٻن لکن جي لڳ ڀڳ ماڻهو متاثر ٿيا. ڏاکڻي اوپرندي علائقي ۾ مٽيءَ جون ڇپون ڪرڻ ۽ ٻوڏن جي ڪري 50 کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا جڏهن ته سرائي گنج ۾ 3 هزار هيڪٽرز کان وڌيڪ ايراضي تي بيٺل فصل ٻڏي ويا ۽ ڪاڪس بازار ۽ ٽيڪناف جي ضلعن ۾ 20 هزار کان وڌيڪ ماڻهو بي گهر ٿي ويا.

ڀارت ۾ اوڙيسا جا 3 هزار ڪان وڌيڪ ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويا ۽ 20 لک ڪان وڌيڪ ماڻهو متاثر ٿيا جن منجهان هڪ لک 30 هزار متاثرن کي ٻوڏ هيٺ آيل علائقن مان ڪڍيو ويو. بيهار ۾ 1975ع ڪان پوءِ دريائي وهڪرن ۾ آيل وڏي چاڙهه جي نتيجي ۾ بند ٻڏجي پيا. نئين دهلي ۾ هڪ ڪلاڪ اندر ٿيندڙ شديد مينهن گذريل 50 سالن جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا.

ساڳئي نموني ڏکڻ ڪوريا جي گادي واري هنڌ سيول ۾ هڪ ڏينهن اندر 300 ملي ميٽر ڪان وڌيڪ مينهن پيو جيڪو 1907ع ڪان موجود رڪارڊ موجب جولاءِ ۾ هڪ ڏينهن اندر پوندڙ سڀ ڪان وڌيڪ مينهن آهي.

جنوري ۾ سريلنڪا ۾ شديد مينهن جي ڪري 10 لک جي لڳ ڀڳ ماڻهو متاثر ٿيا، انهي موسمياتي ڦيرگهير جي نتيجي ۾ اها اڳڪٿي ڪئي پئي وڃي ته 2050ع تائين سريلنڪا ۾ چانهه پيدا ڪندڙ اهم علائقا ان فصل جي پيداوار لاءِ مناسب نه رهندا.

ٿائيلينڊ ۾ شديد مينهن جي ڪري هزارين گهر تباهه ۽ لکين ايڪڙن تي بيٺل فصل پاڻي هيٺ اچي ويو. جون ۾ چين جي 6 صوبن ۾ مينهن وڏي تباهي آندي جنهن ڪري ساڍا 3 لک ماڻهن کي پنهنجا اباڻا اجها ڇڏڻا پيا جڏهن ته 33 هزار گهر ڊهي پٽ ٿي ويا. چيان ٽانگ دريائن ۾ پاڻي جو وهڪرو 50 سالن جي بلند ترين سطح تي وڃي پهتو.

انهن سمورن واقعن ۾ اها هڪجهڙائي آهي ته ماضي جو سمورو رڪارڊ موسم جي اڳڪٿي ۽ ان جي اثرن ڪان محفوظ رهڻ لاءِ رٿابندي جي قابل نه رهيو آهي.

پاڪستان پڻ انهي خطي ۾ موجود آهي ۽ اهو به موسمياتي ڦيرگهير واري ساڳي صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي. گذريل سال ملڪ اندر غير معمولي تبديلي اها ڏني وئي ته سانوڻي جي مينهن جو مرڪز اوڀر وارن علائقن ڪان

اولهہ طرف هليو ويو. هن سال سنڌ جي هيٺئين حصي ۾ رڪارڊ ٽوڙ مينهن پيو، سنڌ جي هيٺئين حصي ۾ مينهن جي سراسري 200 کان 250 ملي ميٽر رهي ٿي ۽ اهي مينهن گهڻو ڪري جولاءِ کان آگسٽ واري عرصي ۾ وسن ٿا.

هن سال مينهن سيپٽمبر ۾ وسيو ۽ ميرپورخاص، بدين ۽ شهيد بينظير آباد ضلعن ۾ ترتيب وار 810، 680، 640 ملي ميٽر مينهن رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو هن علائقي جي سراسري کان تمام گهڻو وڌيڪ آهي. بدين ۾ صرف 11 ۽ 12 آگسٽ تي ٻن ڏينهن ۾ 297 ملي ميٽر مينهن رڪارڊ ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ سوين ڳوٺ ٻڏي ويا ۽ ليفٽ بئنڪ آئوٽ فال ڊرين (ايل بي او ڊي) جو پاڻيءَ جي نيڪال وارو رستو پڻ تباهہ ٿي ويو. هن سال ٿيل تباهي جو ڪاٿو گذريل سال جي انگن اکرن کان بہ وڌيويو. سنڌ جي سڌي متاچري جي ڪري صوبي ۾ هڪ ڪلو ميٽر کان وڌيڪ فاصلي تائين صرف 200 ملي ميٽر جي لاٿهين اچي ٿي ۽ ان جي نتيجي ۾ عام صورتحال ۾ بہ پاڻي جي عربي سمنڊ ڏانهن وهڪرن ۾ رنڊڪون پئجن ٿيون.

غير معمولي مينهن جي ڪري هر هنڌ پاڻي بيهجي وڃڻ ڪري صورتحال تمام پوائتي ٿيجي وئي جڏهن تہ ناقص انفرااسٽرڪچر انهي آفت کي وڌيڪ شديد بڻائي ڇڏيو.

مٿي ذڪر ڪيل ملڪن جي تجربن مان اها ڳالهہ سامهون اچي ٿي تہ خاص طور آبپاشي ۽ روڊن رستن واري شعبي ۾ ناقص رٿابندي سان اڏيل انفرااسٽرڪچر ۽ بغير سوچيل سمجهيل انساني آبادڪاري جي ڪري قدرتي آفتن جا اثر موتمار ٿيجي وڃن ٿا. پاڪستان ۾ 2005ع واري زلزلي ۽ 2010ع ۽ 2011ع واريون ٻوڏون انهي جو جيئرو جاڳندو مثال آهي.

بلوچستان ۽ سنڌ ۾ 2007ع ۾ آيل سامونڊي طوفان ۾ ٿيل تباهي جي فوري تجزئي ۾ اها حقيقت سامهون آئي تہ ميراڻي ڊيم جو بند، پاڻي جي نيڪال جو غير مناسب انتظام ۽ پاڻي جي قدرتي لنگهن تي ٿيل انساني آبادڪاري پاڻي

جي ابتي وهڪري جا اهم ڪارڻ آهن. 2010ع ۾ درياءَ جي پيٽ ۾ ٽيل غير قانوني قبضن کي ٻوڏ جي اٿرن کي وڌائڻ جو اهم ڪارڻ قرار ڏنو ويو. ساڳئي سال ايل بي او ڊي 1999ع جي سامونڊي طوفان ۽ 2003ع جي برساتي ٻوڏن واري تباهي جو ورجاءُ ڪيو، انهن ٽنهي موقعن تي ايل بي او ڊي کي برساتي پاڻي جي رڻ ڪڇ ڏانهن وهڪري ۾ وڏي رڪاوٽ قرار ڏنو ويو.

موسمياتي ڦيرگهير واري ان صورتحال ۾ اهو ضروري آهي ته نئين پيدا ٿيل صورتحال جي ڏس ۾ بنيادي ڍانچي ۽ انتظامي نظام ۾ ضروري تبديليون آنديون وڃن. ماحولياتي ڦيرگهير جي حوالي سان عالمي سطح تي مهم هلائيندڙ نالي واري جاڪوڙي الگور جو چوڻ آهي ته خطرن جي تجزئي جا قاعدا اسان جي اکين آڏو ٻيهر لکيا پيا وڃن. صرف هن سال اندر آمريڪا ۾ قدرتي آفتن جي ڪري 10 ارب ڊالرن کان وڌيڪ نقصان ٿي چڪو آهي. الگور جيڪا ڳالهه آمريڪا جي حوالي سان چئي آهي اها دنيا جي گهڻي حصي تي پڻ لاڳو ٿئي ٿي.

پاڪستان جو آبپاشي ۽ پاڻي جي نيڪال جو نظام غير معمولي وهڪرن کي اڳتي ڪڍي هلڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. ايل بي او ڊي واري نالي وسيلي 4 هزار ڪيوسڪ پاڻي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرائي سگهجي ٿو پر هن سال ان کي 18 هزار ڪيوسڪ پاڻي ڪڏڻو پيو. انهي جي نتيجي ۾ ايل بي او ڊي ۾ ڪيترائي گهارا پيا ۽ سوين ڪلو ميٽرن تي پکڙيل نالن جي ان نظام مان پاڻي ٻاهر نڪري ڳوٺن ۽ زمينن کي ٻوڙيندو رهيو، ساڳئي نموني انهي قدرتي آفت جي شدت انتظاميه کي پڻ مُنجهائي وڌو جنهن کي ڪجهه ڏينهن اندر لکين ماڻهن کي ٻوڏ وارن علائقن مان ڪڍي ڪئمپن تائين پهچائڻو هو.

صوبائي ۽ ضلعي سطح تي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ وارن ادارن وٽ نه ته ايتري وڏي سطح تي امدادي ڪارروائين لاءِ مناسب اوزار ۽ سامان آهي ۽ نه ئي انهن کي ان جي سکيا مليل آهي. پاڪستان 10 -2009ع واري موسمياتي ڦير گهير سان واڳيل خطرن واري اهڃاڻ ۾ 29 هين نمبر تي هو جڏهن ته ويجهڙائي ۾

## پاڪستان ۾ موسمياتي ڦير گهير۽ قدرتي آفتون

پاڪستان انهي اهجاڻ ۾ 16 نمبر تي اچي ويو آهي. شديد موسمن جي ڪري قدرتي آفتن جي گهٽ مدي اندر ڀيهر ڪڙڪڻ واري صورتحال ۾ اهو ضروري ٿي پيو آهي تہ انتظامي ۽ بنيادي ڍانچي جي وڏي پئماني تي نئين سر جوڙجڪ ڪئي وڃي ڇو تہ ايندڙ وقت پاڪستان ۽ ايشيا جي ٻين ملڪن جي لاءِ اجان وڌيڪ سخت ۽ ڏکيو هوندو.

روزاني ڊان، 23 آڪٽوبر، 2011ع

# قدرتي آفتن ڪان پوءِ واري صورتحال کي منهن ڏيڻ

هن سال پڻ سانوڻي جي گهٽي مينهن جي اڳڪتي آهي. ملڪ جي مٿانهن علائقن ۾ عام رواجي کان 10 سيڪڙو وڌيڪ مينهن جي اڳڪتي کي خطري جي گهنٽي سمجهڻ گهرجي.

اڃان گذريل سالن جي ٻوڏ جون ڀوائتيون يادون ماڻهن جي ذهنن مان ميسارجي نہ سگهيون آهن جڏهن تہ ٻوڏ کان بچاءَ واري ڍانچي جي نامڪمل بحالي پڻ ڳڻتي جو اهم ڪارڻ بڻيل آهي. سنڌ جيڪا انهن ٻوڏن کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿي هئي ۾ اڃان 40 سيڪڙو جي لڳ ڀڳ تعميراتي ڪم پورو ڪرڻ جي اهڙي وقت ضرورت آهي جوتہ سانوڻي جا مينهن اڳ ئي مٿان اچي ڪڙڪيا آهن.. پنجاب ۽ خيبرپختونخواه پنهنجي حصي جو 80 سيڪڙو کان وڌيڪ ڪم ڪري چڪا آهن پر ڪشمير ۾ اڏاوتي ڪم شروع نہ ٿيڻ سيني لاءِ ڳڻتي جو سبب بڻيل آهي. ٻوڏ جي پاڻي کي محفوظ نموني گذارڻ لاءِ جوڙيل اداراجاتي ۽ انتظامي ڍانچي جي پَت گذريل سال وائکي ٿي چڪي آهي ۽ اهو ڍانچو اڃان تائين بهتر بڻجي نہ سگهيو آهي، گذريل سال جنهن نموني امداد ۽ ريسڪيو جو ڪم ڪيو ويو هو سو هن سال پڻ پريشاني پيدا ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

سپريم ڪورٽ جي جوڙيل جوڊيشل ڪميشن جي رپورٽ پيش ٿيڻ ڪانپوءِ پنجاب هاءِ ڪورٽ پاران ساڳئي نوعيت جي جوڙيل هڪ ٻي ڪميشن پڻ ملڪ ۾ ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ جوڙيل نظام جي ڪارڪردگي تان پردو ڪڻي چڪي آهي. ٻنهي رپورٽن ۾ پيش ڪيل نتيجا لڳ ڀڳ ساڳيا آهن، سنڌ ۽ پنجاب ۾ ايتري وڏي پئماني تي تباهي جو ڪارڻ صوبائي آبپاشي وارن کاتن جي انتظامي ناڪامي، وڏي پئماني تي ڪرپشن، مجرماڻي غفلت ۽ ڪچي وارن علائقن ۾ غير قانوني حد دخلين کي قرار ڏنو ويو آهي. جوڊيشل ڪميشنن جي رپورٽن کي غور سان پڙهڻ سان اهو انڪشاف ٿئي ٿو تہ ملڪ ۾ ٻوڏ کي

منهن ڏيڻ لاءِ ڪو گڏيل ۽ مربوط نظام موجود ئي ناهي. الڳ الڳ ڪنيل قدم عارضي طور تي رليف ته فراهم ڪري سگهن ٿا پر انهن وسيلي مستقبل ۾ ڪنهن وڏي آفت کي منهن نٿو ڏئي سگهجي.

ڊزاسٽر مئنيجمينٽ جا 3 اهم پاسا ٿين ٿا جيڪي خطرن کي گهٽائڻ، اڳواٽ تياري ۽ فوري ڪارروائي آهن. پاڪستان ۾ خطرن کي گهٽائڻ واري معاملي تي سنجيدگي سان ڌيان ئي نه ڏنو ويو آهي. اڳواٽ تياري پڻ مناسب ناهي جڏهن ته مٿي بيان ڪيل ٽنهي اهم پاسن جي صورتحال پڻ ڪُٽتي جوڳي آهي. سڀ کان وڌيڪ ڏکي پر اهم مرحلي يعني خطرن ۾ گهٽتائي آڻڻ کي اوليت ڏيڻ جي ضرورت آهي. جيئن ته بنيادي ڍانچو سيني کان وڌيڪ اهميت رکي ٿو تنهن ڪري خطرن ۾ گهٽتائي کي صرف انجنيئرنگ واري سطح تائين محدود نه رکڻ گهرجي. پاڪستان ۾ خطرن کان بچاءُ واري روايتي سوچ جي ڪري بچاءُ بندن کان اڳتي نه پيو سوچيو وڃي. انهي ڏس ۾ سماجي، حياتياتي ۽ اداراجاتي قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. هي اهي شعبا آهن جتي سرڪاري کي پنهنجي پاليسي بهتر بڻائڻي پوندي. ڊزاسٽر مئنيجمينٽ وارن ادارن کي مضبوط بڻائي انهن کي ٻين لاڳاپيل ادارن ۽ ڪاتن سان ڳنڍڻ نهايت اهم هوندو. پنجاب جي جوڊيشل ڪميشن پڻ ٻوڏ کان پوءِ واري صورتحال کي سنڀالڻ لاءِ هڪ گڏيل رٿابندي جوڙڻ جي اهميت کي اجاگر ڪيو آهي.

جوڊيشل ڪميشن جي رپورٽن ۾ انتظامي ۽ حڪومتي خامين جي نشاندهي سان گڏوگڏ سياسي نظام جي ناڪامي جو پڻ ذڪر ڪيو ويو آهي. اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته پوليس ڪانپوءِ آبپاشي واري ڪاتي ۾ تمام گهڻو سياسي اثر رسوخ هلي ٿو. جيئن ته پاڪستان ۾ اقتداري سياست جاگيردار طبقي ۽ شهري آفيسر شاهي جي ڪلهن تي بيٺل آهي ان ڪري سياسي طاقت جي لاءِ پاڻي هڪ اثرائتو ڪردار رکي ٿو. آبپاشي واري ڪاتي ۾ 17 ۽ 18هين گريڊ جي آفيسرن جي مقرري سڌي سنئين آبپاشي واري وزير ۽ وڏي وزير ذريعي ٿئي ٿي. سٺين عهدن تي مقرري جا اگهه 20 لک روپين تائين مقرر ٿيل آهن. ٿوڙي

بند جي اهم انتظامي عهدي کي جونيئر گريڊ واري آفيسر حوالي ڪرڻ صرف انتظامي غلطي نہ هئي پر دراصل اهو هڪ سياسي فيصلو هو.

ڄاڻي واڻي غفلت جو هڪ ٻيو مثال ٽوڙي بند جي حالت آهي. سپريم ڪورٽ جي ڪميشن اهو ڏڪائيندڙ انڪشاف ڪيو تہ گهاري ڪان 6 مهينا اڳ 4 فيبروري 2010ع تي انڊس ريور ڪميشن جي هڪ اجلاس ۾ اهو چيو ويو هو تہ جيستائين ان بند کي هن سال ٻوڏ واري موسم کان اڳ مضبوط نہ بڻايو ويندو تيستائين وڏي نقصان کي ٽاري نٿو سگهجي. مينهن شروع ٿيڻ کان اڳ ان بند کي مضبوط ڪرڻ لاءِ گهربل وسيلا رکڻ تي ان اجلاس ڪانپوءَ ڪم اڳتي ڇو نہ وڌايو ويو؟ ڇا ان ڏس ۾ناڪامي جي ذميواريءَ کان سياسي قيادت کي آجو قرار ڏئي سگهجي ٿو؟

ساڳئي نموني ڪچي ۾ غير قانوني نموني ٻڌل بند صرف انتظامي غفلت نہ آهي پر اهو هڪ باضابطہ ڪاروبار آهي جنهن جي سرپرستي علائقي جا سياستدان ڪن ٿا. ساڳئي ڳالهہ ڪچي ۾ ٻيلن تي قبضن جي ڏس ۾ پڻ چئي سگهجي ٿي. علائقي جي جاگيردارن انتظامي آفيسرن ۽ سياستدانن تي ٻڌل ٽياڪڙ ان جي ذميدار آهي. جوڊيشل ڪميشن اها سفارش پڻ ڪئي هئي تہ آبپاشي کاتي جي آفيسرن خلاف سخت قدم کنيو وڃي پر انهن جاگيردارن ۽ سياسي قيادت جي غلطين کي نظرانداز ڪيو ويو. ٻيو ڪجهہ نہ تہ صوبائي حڪومت کي اهو چئي سگهجي پيو تہ انهن ماڻهن جي لسٽ پڌري ڪري جيڪي ڪچي ۾ وڏي ايراضي تي قبضا ڪيو ويٺا آهن. آبپاشي کاتي ۾ جونيئر ۽ ناتجربيڪار آفيسرن کي وڏن عهدن تي رکڻ جا سبب پڻ عوام آڏو آڻي سگهجيا پئي. اهڙيءَ ريت پنهنجن کي نوازڻ واري پاليسي کي عوام آڏو اڻي سگهجيو پئي جنهن جي نتيجي ۾ غريب ماڻهو کي نہ سَهڻ جوڳو نقصان پهتو.

هڪ ٻيو اهم معاملو بنيادي ڍانچي جي ناقص انجنيئرنگ آهي. گذريل سال جي ٻوڏن جو هڪ دلچسپ پاسو مختلف بئراجن جي وچ ۾ ٻوڏ جي پاڻي جو

## پاڪستان ۾ موسمياتي ڦير گهير ۽ قدرتي آفتون

غير معمولي مدي تائين موجود رهڻ هيو. اهي وهڪرا جيڪي عام طور تي گڊو کان سکر بئراج تائين 24 ڪلاڪن ۾ پهچندا هئا انهن کي ان سفر ۾ 33 ڪلاڪ لڳا. ساڳئي نموني سکر بئراج کان ڪوٽڙي بئراج تائين پاڻي پهچڻ ۾ 408 ڪلاڪ لڳي ويا جڏهن ته عام طور تي اهو وقت 72 ڪلاڪ هجي ٿو. ان جو هڪ سبب مٿانهين طرف کان پاڻي جو لاڳيتو وهڪرو پڻ آهي پر ساڳئي وقت نين پلين جي اڏاوت جي ڪردار کي پڻ گهرائي سان جانچڻ جي ضرورت آهي. سنڌو درياءَ تي ڪيتريون ئي اڏاوتون ماحولياتي اثرن جي جائزي وٺڻ کانسواءِ ڪيون ويون آهن ۽ ان امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي ته انهن اڏاوتن جي ڪري ٻوڏ جي صورتحال وڌيڪ خراب ٿي هوندي.

هن سال ڪنهن ٻوڏ جي اثرن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ ترت اپاءَ وٺڻ لاءِ انهن سمورن سوالن جا جواب ڳولڻ جي ضرورت آهي. هي ملڪ هٿ هٿ تي رکي ويهي رهڻ ۽ ڪنهن آفت جي ڪڙڪي پوڻ جو انتظار ڪرڻ واري رويي جي سٽ وڌيڪ سهي نٿو سگهي.

روزاني ڊان، 14 جولائي، 2011ع

# ٻوڏن جا بنيادي سبب

سپريم ڪورٽ جي هدايت موجب 2010ع واري ٻوڏ ڪانپوءِ جوڊيشل ڪميشن اهو انڪشاف ڪيو آهي تہ ٽوڙي بند ڪي لڳل تباهي آڻيندڙ گهاري جو اهم ڪارڻ آبپاشي کاتي جي مجرماڻي غفلت آهي. ان رپورٽ ۾ اهو مڃيو ويو آهي تہ درياءَ جي گهٽن بندن جي سارسنڀال قاعدن ۽ ضابطن موجب مناسب طريقي سان نہ ڪئي وئي.

ان کان اڳ ڪيل جانچن ۾ پڻ اها ڳالهہ سامهون اچي چڪي آهي تہ ٻوڏ واري صورتحال ڪي منهن ڏيڻ جي ذميوار سينئر آفيسرن مينوئل ئي ناهي پڙهيو. ساڳئي نموني صدر پاران سنڌ جي آبپاشي نظام جي بحالي ۽ مرمت واري ڪم جي نظرداري لاءِ جوڙيل پارلياماني ڪميٽي اهو قرار ڏئي چڪي آهي تہ گذريل سال جي ٻوڏن ۾ تباهہ ٿيل بندن جي مقرر وقت اندر مڪمل طور تي مرمت نٿي ڪري سگهجي.

پهرين اهو ڪم رليف وارين سرگرمين جي ڪري دير جو شڪار ٿيندو رهيو ۽ بعد ۾ منصوبن جي منظوري جي عمل ۾ قاعدن، قانونن جي ڪري وڏيڪ دير ٿي وئي.

صوبائي حڪومت پاران مختلف بندن جي مرمت لاءِ 14 ارب روپين جون 76 اسڪيمون تجويز ڪيون ويون هيون پر وفاقي حڪومت صرف 5 ارب روپيا فراهم ڪيا. انهي جي نتيجي ۾ وڏيڪ تباهي کان بچڻ لاءِ صوبو وڏيڪ اهميت رکندڙ 41 جڳهن تي مرمت وارو ڪم شروع ڪرڻ تي مجبور ٿي پيو. بيورو ڪريسي واري طريقيڪار جي ڪري هن وقت تائين صرف 17 سيڪڙو ڪم ٿي سگهيو آهي.

اها ڳالهه ويچار جوڳي آهي ته بندن جي مرمت ۽ بهتريءَ وسيلي گهٽ شدت واري ٻوڏ ۾ پڻ مڪمل حفاظت جي ضمانت نٿي ڏئي سگهجي. سنڌ ۾ ٻوڏن بابت تاريخي انگن اکرن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته گذريل سال واري ٻوڏ پنهنجن وهڪرن جي ڪري تمام وڏي ٻوڏ نه هئي پر ان ڪي ٿيل نقصان جي ڪري شديد ترين ٻوڏ سمجهيو پيو وڃي. سنڌو درياءَ ۾ انهي ساڳئي سطح جون ٻوڏون 1973، 1975، 1976، 1978، 1986، 1988 ۽ 1992ع ۾ پڻ آيون هيون. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته صرف بندن ڪي لڳل گهارا ايتري وڏي تباهي جو اڪيلو ڪارڻ نه هئا. حقيقت ۾ گذريل سال جي بدترين صورتحال جو بنيادي ڪارڻ درياءَ جي قدرتي لنگهه سان انساني هٿ چراند آهي. سنڌ جي ٽن بئراجن وٽ 11 ڏينهن تائين 11 لک ڪيوسڪ پاڻي جو ريلو گذرڻ ان حقيقت ڏانهن اشارو ڪري ٿو ته درياءَ جي لنگهه ۾ تبديلي ٻوڏ جي صورتحال کي پڻ متاثر ڪيو.

جيڪڏهن اصل ڪارڻن تي ڌيان نه ڏنو ويو ته رڳو اڏاوتي ڍانچي واري علاج سان مسئلي کي مڪمل طور تي حل نٿو ڪري سگهجي.

ان ڳالهه کان پڻ انڪار نٿو ڪري سگهجي ته تباهه ٿيل بنيادي ڍانچي جي مرمت کي اوليت ملڻ گهرجي پر ٻين پاسن کي نظر انداز ڪرڻ پڻ ساڃاهه وارو ڪم نه هوندو.

سنڌو درياءَ جي تاس واري علائقي ۾ مستقبل ۾ ايندڙ ٻوڏن جي شدت جو دارو مدار ٽن اهم ڳالهين تي هوندو، جيڪي هي آهن: موسمياتي ڦيرگهير،آبپاشي ۽ ٻوڏ وارن علائقن ۾ ٻيلن جي واڍي ۽ درياءَ جي قدرتي وهڪري سان هٿ چراند. جيڪڏهن ڊگهي مدي وارن انهن معاملن تي ڌيان نه ڏنو ويو ته سنڌو درياءَ جو تاس وارو علائقو سدائين قدرتي آفتن جي ور چڙهيل رهندو ۽ اتي ڪڏهن شديد خشڪ سالي ته ڪڏهن وري ٻوڏون اينديون رهنديون. موسم جي غير يقيني صورتحال سڌي نموني موسمياتي ڦيرگهير سان واڳيل آهي. ان مسئلي جو ڪو مقامي حل نه هئڻ ڪري پنهنجي حالتن موجب گهارڻ ئي واحد رستو آهي. انهيءَ ڏس ۾ سماجي، حياتياتي ۽ فني

پاسن سان لاڳاپيل قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. ماحولياتي سمجهه کان وانجهيل انجنيئرنگ وارن ڪمن جي وسيلي ٻوڏ وارن علائقن ۾ هٿراڌو تبديلين جي ڪري درياءَ جي قدرتي نظام کي ايترو نقصان رسيو آهي جنهن جو ازالو نٿو ڪري سگهجي ۽ ان جو نتيجو وري ٻوڏن جي صورت ۾ نڪتو آهي.

تربيلا ڊيم جي اڏاوت کان اڳ وارن سالن ۾ سنڌ مان ذري گهٽ هر سال 3 لک ڪيوسڪ ٻوڏ وارو ريلو گذرندو هو ۽ ڪئين سالن ۾ اهو ريلو 5 لک ڪيوسڪ پڻ هوندو هو. ڪئين ڏهاڪن تائين ٻوڏ جي انهي لاڳيتي وهڪري جي ڪري درياءَ جو هڪ فطري نظام جڙي ويو هو ۽ انهي سان ٺهڪندڙ سماجي ۽ انتظامي نظام پڻ وجود ۾ اچي چڪا هئا.

تربيلا ڊيم جي ٺهڻ ڪانپوءِ تمام وڏي يا وچولي سطح واري ٻوڏ ورلي اچڻ لڳي. انهيءَ مان فائدو وٺندي ماڻهن ڪچي واري علائقي ۾ رهڻ ۽ زمينون آباد ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون. ڪجهه ڪاٿن موجب سنڌ ۾ 5 لک ايڪڙن جي لڳ ڀڳ ڪچي واري زمين تي انساني آبادي ٿي چڪي آهي. پڪي وارن علائقن ۾ آبادي وڌڻ ۽ ڪمزور انتظاميه جي ڪري ڪچي وارن علائقن ۾ وڏي پئماني تي حد دخليون ٿي چڪيون آهن. ساڳئي وقت پلن ۽ بئراجن جهڙين اڏاوتن جي ڪري پاڻي جي قدرتي لنگهه ۾ ڪيتريون ئي رنڊڪون پڻ اچي ويون آهن. ٻوڏ جي پاڻيءَ تي آباد ٿيندڙ علائقن ۾ زرعي زمينن کي بچائڻ لاءِ اڏيل غير قانوني بندن پڻ درياءَ کي متاثر ڪيو آهي ۽ ٻوڏ کان بچاءَ لاءِ وڏن بندن وٽ پاڻي ۾ چاڙهه اچي ٿو.

جيئن ته ٻوڏ جي نتيجي ۾ آيل تباهي کي انهن پاسن کان تمام گهٽ ڌيان ڏنو ويو آهي ان ڪري ان ڏس ۾ ٿيل بحث گهڻو ڪري انتظامي ناڪامي تائين محدود رهي ٿو ۽ آفت جا ٻيا بنيادي ڪارڻ پردي پويان ئي رهن ٿا. وڏن ڊيمن جي اڏاوت جهڙا فني حل ڳولڻ کان اڳ هينئر تائين اڏيل انجنيئرنگ واري ڍانچي جو جائزو وٺڻ گهرجي. موسمياتي ڦيرگهير انجنيئرنگ تي ٻڌل اهڙا حل تمام

## پاڪستان ۾ موسمياتي ڦير گهيرءَ قدرتي آفتون

جلد لوڙهي ويندي. مسئلن جا منجهيل حل ڳولڻ واري روايتي سوچ سان اها صورتحال وڌيڪ منجهندي ويندي. ان ڏس ۾ ساڃاهه جي ضرورت آهي.

پاڪستان ۾ ڪنهن زماني ۾ انتهائي سنياليل پاڻيءَ جا وسيلا هاڻي تباهي جي ڪنڌي تي پهچي چڪا آهن. دريائن جي مٿانهن علائقن ۽ سنڌ ۽ پنجاب جي ميداني علائقن ۾ ٻيلن جي بنا روڪ ٽوڪ واڍي جي ڪري دريائن جي پاڻي کي جذب ڪندڙ قدرتي ڍال ختم ٿي وئي آهي. ڪجهه ڪاٽن موجب پاڪستان ۾ هر سال 66718 ايڪڙن تان ٻيلن جي واڍي ٿئي ٿي، جڏهن ته هر سال ڪچي واري علائقن مان 5683 ايڪڙن تي ٻيٺل وڻ وڍجيو وڃن. دريائي ٻيلا نه صرف ٻوڏ لاءِ قدرتي رنڊڪ بڻجن ٿا پر اهي درياءَ جي پيٽ ۽ ان جي ڪنارن کي پڻ پڪو ڪن ٿا.

ويجهڙ وارن ڪجهه ڏهاڪن ۾ ٽمبر مافيا جابلو علائقن جڏهن ته قبضا گروپ ميداني علائقن ۾ انهن ٻيلن کي پاڙون پٽي ختم ڪري ڇڏيو آهي. پنجاب ۽ سنڌ ۾ زرعي ۽ رهائشي مقصدن لاءِ ٻيلن جي سوچيل سمجهيل نموني واڍي ڪئي وئي، اڄان تائين انهن ختم ٿيل ٻيلن جي جاءِ تي نوان ٻيلا پوکڻ لاءِ ڪو سنجيده قدم نه کنيو ويو آهي تنهنڪري ٻيلن کان وانجهيل علائقا سولائيءَ سان ٻوڏ جو شڪار ٿي سگهن ٿا. حڪومت کي مختصر مدي وارن قدمن کڻڻ سان گڏوگڏ ڊگهي مدي وارا اپاءُ وٺڻ تي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي، هماليه جو قدرتي برفاني نظام هن وقت موسمياتي ڦيرگهير سان مهاڏو اٽڪايو بيٺو آهي ۽ برف جي تيزيءَ سان ڳرڻ واري لاڙي جي ڪري پاڪستان، ڀارت، بنگلاديش ۽ نيپال ۾ اڄان به شديد نوعيت جون ٻوڏون اچڻ جو خطرو آهي. اها صورتحال گڏيل حل ڳولڻ جي گهرجائو آهي.

روزاني ڊان، 21 جون 2011ع

# آفتن کي منهن ڏيڻ

جپان هن وقت ويجهڙائي ۾ آيل زلزلي ۽ سونامي جي تباهي کي منهن ڏئي چڪو آهي. دنيا جي وڏين اقتصادي طاقتن منجهان هڪ ۽ ٽيڪنالاجي جي لحاظ کان اڳيري قوم طور جپان اها دعويٰ ڪندو رهيو آهي ته اتي زلزلي کان مڪمل طور تي محفوظ اڏاوتون ۽ سونامي جي اڳواٽ ڄاڻ ڏيندڙ چوڪس نظام موجود آهي.

جپان ۾ آيل قدرتي آفتن ۾ پاڪستان جهڙن ملڪن لاءِ ڪهڙو سبق ٿي سگهي ٿو؟ هڪ مٿاڇري نظر وجهڻ سان ئي اهو اندازو ٿي ويندو ته گهڻ شدت جي به ڪا تباهي اسان جي ساموندي ڪناري وارن علائقن کي ڌرتيءَ جي نقشي تان ميساري سگهي ٿي. اهڙي حتمي تجزيي تي مجبور ڪندڙ ڪجهه حقيقتون هيٺ بيان ڪجن ٿيون.

هندي وڏي سمنڊ ۾ هڪ به Tsunamograph موجود نه آهي جنهن جي وسيلي ڪنهن به ايندڙ سونامي جي درست معلومات حاصل ڪري سگهجي. ساموندي ويرن جي ماپ لاءِ پاڪستان ۾ لڳايل اوزار ايترا اثرائتا نه آهن جو بروقت خبردار ڪري سگهجي. ڇتاءُ ملڻ ۽ علائقا خالي ڪرائڻ واري عمل جي وچ ۾ وقت جي وٿي تمام ٿورڙي ۽ هاڃيڪار هجڻ ڪري ان جا نتيجا تباهه ڪن هوندا.

پاڪستان جي ساموندي علائقن لاءِ سونامي جي صورت ۾ فوري لڏ پلاڻ واسطي سائنسي انداز ۾ جوڙيل ڪو منصوبو موجود نه آهي. ڪجهه جاين تي مقامي سطح تي اهڙيون مشقون عالمي ادارن جي مدد سان ڪيون ويون پر انهن جي آزمائش اجا نه ٿي آهي. ڪنهن حقيقي آفت جي پيٽ ۾ علائقو

خالي ڪرڻ جون آزمائشي مشقون تمام گهٽيون مختلف هجن ٿيون چوتهڪ حقيقي قدرتي آفت سمورن انتظامن کي ناس ڪري سگهي ٿي.

يارنهن سو ڪلوميٽر ڊگهي ساموندي پٽي تي رهندڙ ماڻهن کي پنهنجي علائقي ۾ سونامي سان واڳيل خطري جي ڪا ڄاڻ ڪونهي. ڪيترن تہ اهو تصور ئي نہ ڪيو آهي تہ سمنڊ مان ايندڙ اهي ويرون انهن لاءِ موت جو پيغام آڻيندڙ بڻجي سگهن ٿيون.

ساحلي علائقن خاص طور تي ننڍڙن ٻيٽن ۽ ڪريڪز (ڪارين) ۾ رهندڙن لاءِ نہ تہ ڪا مٿاهين زمين هوندي آهي نہ ئي انهن وٽ ساموندي ويرن کان بچي نڪرڻ لاءِ مناسب وقت هوندو ۽ انهيءَ ڪري اهي ڪنهن سونامي جي صورت ۾ شديد خطري ۾ هوندا. مڇي مارڻ لاءِ سمنڊ ۾ ويل هزارين مهاڻن جي قسمت پڻ انهن کان مختلف نہ هوندي چو تہ اهي ڪيترن ئي هفتن تائين بنا ڪنهن رابطي جي وچ سمنڊ ۾ رهندا آهن.

ساموندي پٽيءَ جي آبادين ۾ ورلي ئي اڳواٽ چتاءُ وصول ڪرڻ لاءِ ڪو اوزار يا ڳل موجود هوندي آهي. اڪثر ماڻهن کي تہ سونامي جي خبر ئي تڏهن پوندي جڏهن اها اچي مٿان ڪڙڪندي. انهيءَ آبادي کي موت جي چنبي مان بچي نڪرڻ لاءِ گهربل قدمن جي پڻ ڪا ڄاڻ ڪانهي. شايد ئي ڪو اهڙو ماڻهو هجي جنهن کي اڳتي وڌندڙ سونامي جي قدرتي اشارن جي سمجهہ هجي.

آفتن کان پوءِ ترت ڪارروائي جي ذميوار ادارن جي پڻ حالت خراب آهي. ويجهڙائي ۾ آيل ٻوڏ صوبائي ۽ ضلعي سطح تي ڊزاسٽر مينجمنٽ اٿارٽيز جي قابليت جي پٽ وائکي ڪري ڇڏي آهي. ٻوڏ وارن ڏينهن ۾ ماڻهن کي محفوظ جاين تي منتقل ڪرڻ انتظاميہ لاءِ هڪ پوائنٽو خواب بڻجي ويو هو.

ملڪ جو سڀ کان وڏو شهر ڪراچي پڻ سامونڊي ڪناري تي آهي ۽ ان جو موجوده بنيادي ڍانچو ۽ زمين جي استعمال جو طريقو ڪنهن وڏي تباهي جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿو. شهر جو انتظام هلائيندڙن گذريل ڪجهه سالن اندر پاسي کان لنگهي ويندڙ سامونڊي طوفانن واري تجربي مان ڪو سبق ناهي پرايو. جيواڻي، گوادر، پسني، اورماڙا، سون مياڻي، بدين ۽ ٺٽي جهڙا سامونڊي ڪناري تي آباد ڳتيل آبادي وارا شهر پڻ غفلت واري ساڳي صورتحال ڪي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ سمنڊ مان ايندڙ ڪابہ قدرتي آفت ڪنهن بہ وقت انهن مٿان ڪڙڪي سگهي ٿي.

خطري جي شدت جو اندازو انهيءَ حقيقت مان لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪراچي ۽ مڪران جي ڏاکڻي ڪناري جي ويجهو زلزلي جو سبب بڻجندڙ چار مُک فالٽ (Fault) موجود آهن. مڪران سبڊڪشن زون مان زلزلو اٿي سگهي ٿو ۽ اهو دنيا جو اهڙو زون آهي جنهن تي تمام گهڻ ڪوجنا ٿيل آهي. عام طور تي ريڪٽر اسڪيل تي 8 کان وڌيڪ شدت وارو زلزلو علائقي ۾ موتمار سونامي جو سبب بڻجي سگهي ٿو.

ڪراچي ۾ اڏاوتي قاعدن جي پيچيدگي ڪندي ويجهڙائي ۾ اڏيل وڏيون عمارتون انهيءَ شدت جي زلزلي جو هڪ لوڏو بہ برداشت نہ ڪري سگهنديون ۽ ڍهي پٽ پونديون. انهيءَ علائقي ۾ سونامي جي صورت ۾ مڪران جي سامونڊي ڪناري جي رهواسين ڪي پنهنجي جان بچائڻ لاءِ 7 کان 15 منٽن جو وقت ملي سگهندو. اڳ آيل زلزلي ۽ ان جي ڪري پيدا ٿيل ڀاڄ جي باوجود جيڪڏهن ڪو بچيو تہ ڪراچي جي سامونڊي ڪناري تي پهچي تباهي مچائڻ ۾ ان سونامي ڪي هڪ ڪلاڪ کان ٿورو ئي وڌيڪ وقت لڳندو.

پاڪستان جي سامونڊي ڪناري وارن علائقن ڪي سونامي جي خطرن کان آجو قرار نٿو ڏئي سگهجي. حقيقت ۾ سونامي پاڪستان جي سامونڊي ڪنارن لاءِ ڪا اوپري ڳالهہ بہ نہ آهي. 28 نومبر 1945ع تي پاڪستان جي

مڪران واري سامونڊي ڪناري پرسان آيل هڪ شديد زلزلي سمنڊ ۾ خطرناڪ سونامي پيدا ڪري ڇڏي هئي. پاڪستان جي سامونڊي ڪنارن لاءِ هڪ ٻيو خطرو سمنڊ ۾ اٿندڙ طوفان آهن. انگن اکرن جي بنياد تي انهن طوفانن جي شدت ۾ ڪوٽ واڌ جون شاهديون موجود آهن. ”پاڪستان ۾ ڊزاسٽر مينجمنٽ بابت پاليسين ۽ نظامن جو جائزو“ جي سري هيٺ هڪ رپورٽ موجب سنڌ جي سامونڊي ڪناري وارن علائقن کي سڀ کان وڌيڪ خطرو آهي ۽ اهي سامونڊي طوفانن جي وڪڙ ۾ آهن. تاريخي طور تي هڪ صدي دوران سنڌ جي سامونڊي ڪنارن تي چار وڏا طوفان آيا. 1971ع کان 2001ع تائين 14 سامونڊي طوفان رڪارڊ ڪيا ويا. اهي حقيقتون خطري جي شدت ڏانهن اشارو ڪن ٿيون.

تنهن هوندي به پاڪستان جي سامونڊي ڪناري کي تمر جي ٻيلن جي صورت ۾ هڪ قدرتي ڍال مليل هئي جيڪا غضبناڪ طوفانن ۽ سونامين کان بچاءَ جي سگهه رکندي هئي. قدرت جي انهيءَ انوکي نظام ۾ سامونڊي ويرن جي 80 سيڪڙو سگهه روڪڻ جي صلاحيت موجود هئي. قدرت جي انهيءَ شاندار نظام جي پيٽ ڪنهن به هٿراڊو اڏاوت سان نٽي ڪري سگهجي. جپان سامونڊي ڪناري واري شهر ڪامااشي ۾ دنيا جي سڀ کان وڏي سامونڊي بند جي اڏاوت تي ڏيڍ ارب ڊالر خرچ ڪيا پر سامونڊي ويرن ان شهر کي به ٻوڙي ڇڏيو.

2004ع واري سونامي کان پوءِ ڪيل هڪ کوجنا اهو ثابت ڪري ٿي ته اهي سامونڊي ڪنارا جن تي تمر جا ٻيلا موجود آهن انهن کي سونامي ۾ گهٽ نقصان رسيو. جيئن ته بي عقلي جو ڪو دنگ نه هوندو آهي ۽ پاڪستان هن وقت پنهنجي سڀ کان محفوظ قدرتي بچاءَ بند جي مڪمل تباهي جي ڪنڌيءَ تي آهي. تمر جا اهي ٻيلا 1970ع واري ڍاڪي جي پيٽ ۾ ٽيون حصو وڃي بچيا آهن ۽ انهيءَ سان آفت جو خطرو پڻ وڌي ويو آهي.

مستقبل ۾ ڪنهن به قدرتي آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪستان کي سيٽلائيٽ وسيلي اڳواٽ ڄاڻ ڏيڻ واري ۽ ان جي اطلاع پهچائڻ جي نظام کان وٺي محفوظ هنڌن تائين پهچ ۽ ٽيڪنالاجي، اڳواٽ تياري ۽ مناسب رٿابندي جهڙن گڏيل قدمن جي ضرورت آهي. سڀ کان وڏيڪ لاپائتي سيڙپ خطري جي مقابلي لاءِ اڳواٽ تياري هوندي جنهن ۾ عام ماڻهن کي پڻ شامل ڪيو ويو هجي. انهيءَ ۾ ماڻهن کي قدرتي آفتن جي قدرتي نشانين کي سڃاڻڻ، محفوظ هنڌن ۽ انهن جي رستن جي ڄاڻ ۽ قدرتي آفت کان پوءِ واري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ رضاڪاراڻي ڪم جي سکيا پڻ شامل هئڻ گهرجن.

روزاني ڊان، 19 اپريل 2011ع

# بحالي جو اڻانگو پنڌ

ٻوڏ جو پاڻي ته لهي ويو پر پويان چوڏس تباهي جا منظر ڇڏي ويو آهي. آفت جا اهي گهرا گهاءُ ڀرجڻ لاءِ ڪيترائي سال گهرجن. ريليف وارو مرحلو ختم ٿيڻ تي آهي پر تڪڙي بحالي ۽ ڇگيلائي جا ٻه اهم ۽ ڏکيا مرحلا پڻ انهيءَ سان جڙيل آهن ۽ انهن ۾ دير برداشت جوڳي نه آهي. ٻوڏ سٽيلن جي ڪيمپن واري زندگي جي پيڙا ته جلد پڄاڻي تي پهچندي پر انهن جا مسئلا ختم ٿيڻ بدران انهيءَ وقت ٻئي روپ ۾ ڪر ڪڍندا، جڏهن ته اهي پهنجن ڊٺل اباڻن اجهن ڏانهن موٽندا.

تڪڙي بحاليءَ لاءِ عام طور تي اهڙي فوري تجزيي جي ضرورت هوندي آهي جيڪو ٻوڏ سٽيل علائقن ۾ زندگي بچائڻ لاءِ شروع ڪيل سرگرمين کي جياپي جي جدوجهد ۾ تبديل ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهي. انهيءَ مرحلي ۾ ٻيهر پنهنجا اجها وسائڻ، گذر سفر جي وسيلن جي بحالي، بنيادي ڍانچي جي نئين سر اڏاوت ۽ اثرائتي بحالي جي رٿابندي جا مامرا شامل آهن. انهيءَ جبل جيڏي چيلينج جو اندازو ٿيل نقصان جي انگن اکرن مان لڳائي سگهجي ٿو. اين ڊي ايم اي پاران 23 ڊسمبر تي جاري ڪيل انگن اکرن موجب ملڪ اندر 19 لکن کان وڌيڪ گهر ڊهي پٽ ٿي ويا. سنڌ ملڪ جو سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ صوبو آهي جنهن ۾ 11 لکن کان وڌيڪ گهر تباهه ٿيا.

انهيءَ رپورٽ ۾ روڊن، پلين، سرڪاري آفيسن سميت بنيادي ڍانچي کي پهتل نقصان جو ڪاٿو نه ڪاٿايو ويو آهي پر ڪيئي ٻيون رپورٽون انهيءَ ڏس ۾ ڄاڻ ڏين ٿيون. يونيسيڪو جي هڪ رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته تباهه ٿيل اسڪولن جو انگ 10 هزار آهي جنهن سان 15 کان 25 لک شاگرد متاثر ٿيندا. پنجاب سرڪار جي ابتدائي ڪاٿن ۾ ٿيل نقصان جو ڪاٿو 67

ارب رپيا ڏيکاريو ويو آهي. پي ڊي ايم اي سنڌ جي ويب سائيٽ تي چڙهائي جي نقصان جو ڪاٿو 4 کرب 46 ارب رپيا ٻڌايو ويو آهي.

مختلف شعبن جي حوالي سان جائزو ورتو وڃي ته هائوسنگ ۽ زراعت سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيل شعبا آهن جن جي نقصان جو ڪاٿو ترتيبوار 134 ارب ۽ 122 ارب رپيا آهي. سنڌ جي صنعتن واري سيڪريٽري صوبي ۾ 67 صنعتي يونٽن کي نقصان پهچڻ جي تصديق ڪئي آهي. ساڳيءَ ريت زراعت کاتي زرعي شعبي ۾ 102 ارب رپين جي نقصان جو ڪاٿو لڳايو آهي. يو اين اوچا جي 10 آگسٽ تي جاري ٿيل رپورٽ موجب خيبرپختونخوا ۾ 281 پليون ۽ 283 روڊ متاثر ٿيا. بلوچستان کي شڪايت آهي ته صوبي جو نقصان اصل ٿيل نقصان کان گهٽ ڄاڻايو ويو آهي. ڳالهه جو تت اهو آهي ته نقصان جو ڪاٿو ذهن کي ڌوڏيندڙ آهي ۽ اهو بحاليءَ جي اٽانگي پنڌ ۽ ڏکين پيچرن کي ظاهر ڪري ٿو. وفاقي ڪابينا کي اها ڄاڻ ڏني وئي هئي ته ٿيل نقصان جو ڪُل ڪاٿو 43 ارب ڊالر آهي جيڪو پاڪستان جي ڪُل ملڪي اپت (جي ڊي پي) جي 25 سيڪڙو جي لڳ ڀڳ آهي.

متاثر علائقن ۾ تڪڙي بحالي وارو عمل زراعت ۽ انهيءَ سان واڳيل گذر سفر جي وسيلن تي ڀرپور ڌيان ڏيڻ جو گهُرجائو آهي. جيئن ته ملڪ خاص طور تي سنڌ ۽ پنجاب جي ٻوڏ سٽيل علائقن جي معيشت زراعت سان جُڙيل آهي تنهن ڪري چيٽ جي فصلن خاص طور ڪڻڪ جي پوکي کي محفوظ بڻائڻ تي ترت ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. ڇو ته ڪڻڪ ڪروڙين ماڻهن جي کاڌ خوراڪ جو بنيادي جُز آهي. انهيءَ معاملي ۾ ڪابه غفلت يا سستي ڳوناٽي معيشت ۽ آمدني جي وسيلن کي تباهيءَ جي ڪنڌي ڏانهن ڌڪي ڇڏيندي ۽ ان جو سنگين نتيجو خطرناڪ سماجي ڇڪتاڻ جي صورت ۾ اڀري ايندو. انهيءَ هاڃيڪار صورتحال کان بچڻ لاءِ حڪومت کي هنگامي بنيادن تي ٻُڏل علائقن مان پاڻي جي نيڪال، واهن ۽ ريگوليٽري جي مرمت ۽ ٻج پاڻ ۽ ٻين ضرورتن جي فراهمي لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو.

گهربل شين جي کوٽ اگهن کي آسمان تي پهچائي ڇڏيندي. شروع ۾ پيداوار لاءِ گهربل مال مهانگو ٿيندو ۽ ان جي نتيجي ۾ اناج ۽ ٻين شين جو قيمتون چوٽ چڙهي وينديون. خريف جي فصل جي پوکائيءَ جو مناسب انتظام ڪرڻ سان ٻوڏ سٽيلن جي مشڪلاتن ۾ ڪنهن حد تائين گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي ڇو تہ پلو فصل لهڻ سان علائقي جي معيشت کي هٿي ملي ويندي. انهيءَ سان نہ صرف پريشان حڪومت کي ڪجهہ سڪون ملي پوندو پر بحالي واري عمل جون ڏکيائون پڻ گهٽجي وينديون.

بحالي واري مرحلي جو هدف زندگي کي تباهي کان اڳ واري حالت تي واپس آڻڻ هوندو آهي. انهيءَ مرحلي ۾ متاثرن توڙي سرڪاري خدمتن ٻنهي تي ڌيان ڏيڻو پوندو. ڊزاسٽر مينيجمنٽ جا ڪيترائي ماهر بحالي واري عمل کي بهتر رٿابندي، سماجي اقتصادي سڌارن، ڳوناٽي معيشت جي محرڪن جي نئين سرجوڙجڪ ۽ ماحول دوست ۽ آفتن کان بچاءَ جي صلاحيت رکندڙ بنيادي ڍانچي جي ٻيهر اڏاوت جو موقعو سمجهن ٿا.

مُک انفرااسٽرڪچر جي نئين سر اڏاوت ۽ سماجي اقتصادي محرڪن جي نئين سر جوڙجڪ واسطي ڳُوڙهي رٿابندي ۽ سگهاري ادارتي نظام جي ضرورت آهي جيئن تبديلي جي انهيءَ عمل کي خامين کان پاڪ رکي سگهجي. ورلڊ بينڪ جي آزاد تجزياتي گروپ پنهنجي رپورٽ ۾ پڻ انهيءَ ڏس ۾ اشارو ڏنو آهي تہ پاڪستان وٽ زمين ۽ آبپاشي ۾ سڌارا آڻڻ جو هڪ منفرد موقعو آهي جنهن جا ڏُور رس سياسي ۽ اقتصادي فائدا حاصل ٿيندا. رپورٽ ۾ اهو پڻ چيو ويو آهي تہ هن قدرتي آفت اهو وَجُهہ پڻ ڏنو آهي تہ بلوچستان، سنڌ ۽ ڏکڻ پنجاب جهڙن علائقن ۾ طاقتور زميندار ۽ قرضن جي پنجوڙ ۾ ڦاٿل هاري سان واسطو رکندڙ زمين جي ملڪيت جي پراڻي تڪرار کي مڪمل طور تي ختم ڪرڻ يا انهيءَ جي حل جي شروعات ڪري سگهجي.

ساڳيءَ ريت ايراضيءَ جي استعمال جي بهتر رٿابندي ماحولياتي لحاظ کان جٽادار انساني وسندين جي نئين سر اڏاوت ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي. اهڙي رٿابندي کان وانجهيل پاڪستان جا ڳوٺ ۽ ننڍا شهر سماجي دٻاءُ ۽ ماحولياتي تباهي جا مرڪز بڻجي ويا آهن. ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن جي بنا ڪنهن رنڊڪ جي تيزي سان پکيڙ ۾ ترقي جي بنيادي اصولن کي مڪمل طور تي نظر انداز ڪيو پيو وڃي. انهيءَ عرصي ۾ ٻوڏ سٽيل علائقن ۾ بنيادي ڍانچي جي مُک منصوبن تي ڪم ڪيو ويو آهي.

ڪچي واري علائقي ۾ خانگي بندن، غير قانوني گڙين ۽ بنا سمجهه جي ٻين اڏاوتن جي هاجيڪار چار کي بي پرواهي سان پکيڙڻ جي اجازت ڏني وئي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ماحول جي سمجهه کان وانجهيل انهيءَ اوسر جي نقصانن تي ڳوڙهو ويچار ڪيو وڃي. بحالي وارو مرحلو انهن غلطين کي سڌارڻ لاءِ قدرت جو ڏنل موقعو آهي. زرعي سڌارا خاص طور تي ڪچي واري زمين جي منصفاڻي ورڇ ۽ دريائي ٻيلن تي ٿيل غير قانوني قبضا ڇڏائڻ وارا ڪم هن شديد قدرتي آفت مان ملندڙ بهترين نتيجا ٿي سگهن ٿا.

حڪمران طبقي کي بنا ڪنهن رنڊڪ جي اهي ڪم ڪرڻ تي راضي ڪرڻ وڏو چيلينج هوندو. جيئن ته اسان جو ڪمزور جمهوري نظام بدعنوان جاگيردار طبقي جي ڪُلهن تي بيٺل آهي، انهيءَ ڪري اهي سُڌارا هڪ ڏورانهون خواب ٿي لڳن ٿا. ٻي صورت ۾ سماجي اڻبرابري جو خاتمو پاڪستان ۾ جمهوريت لاءِ مضبوط پيڙهه فراهم ڪري سگهي ٿو. بحالي واري عمل ۾ مُک مسئلو گهربل وسيلا گڏ ڪرڻ هوندو. سيڪيورٽي تي هميشه کان ٿيندڙ ڳري خرچ حڪومت کي رهيل سهيل موڙيءَ کان به محروم ڪري ڇڏيو آهي. اخباري خبرن موجب بچاءُ ۽ ترقياتي فنڊن ۾ ويجهڙائي ۾ ٿيل وڏي ڦير گهير وفاقي بجيٽ جي شڪل ئي مٽائي ڇڏي آهي. بچاءَ جي لاءِ وڌيڪ 110ارب رکيا ويا آهن، جڏهن ته ترقياتي پروگرام

۾ 73 ارب رپين جي ڪٽوتي ڪئي وئي آهي جنهن سان ترقياتي پروگرام نستو ٿي ويو آهي.

گڏيل مفادن واري ڪائونسل هر ٻوڏ متاثر ڪٽنب لاءِ هڪ لک رپين جي امداد جو اعلان ڪيو آهي پر صوبن وٽ ايتري خرچ لاءِ گهربل رقم ئي ڪونهي. سنڌ سرڪار جو رٿابندي ۽ ترقي بابت صلاحڪار اڳي ئي اهو چئي چڪو آهي تہ انهيءَ مقصد لاءِ صوبو 190 ارب رپين جو بار نٿو سهي سگهي. عالمي امداد پڻ گهٽڻ ئي سببن جي ڪري سُست رهي آهي. گڏيل قومن ٻوڏ سٽيلن جي امداد لاءِ هنگامي رٿا ”پاڪستان فلڊز ايمرجنسي رسپانس پلان“ جو اعلان ڪندي انهيءَ لاءِ 2 ارب ڊالر گهريا هئا. انهيءَ رٿا ۾ 483 منصوبن وسيلي هڪ ڪروڙ 40 لک ماڻهن جي امداد ۽ تڪڙي بحالي وارا ڪم اڳتي وڌائڻا آهن. خالي خزاني ڪي بحالي وارو اربين ڊالرن جو ڳرو خرچ ڪٽڻ لاءِ امداد جو سهارو گهرجي. ٻوڏ سٽيلن علائقن جي تباهہ حال معيشت ۾ نئون ساهہ وجهڻ لاءِ سرڪار پاران ڳري سيڙپ جي ضرورت آهي.

انهيءَ سيڙپ ڪي صرف امداد تائين محدود رکڻ بدران سماجي ۽ اقتصادي بحالي لاءِ ساڳي نموني نئين سوچ اختيار ڪئي وڃي جهڙي آمريڪا 1930ع واري ڏهاڪي جي عظيم مالي گهوٽالي کان پوءِ نئين معاهدي تحت اختيار ڪئي هئي. صدر روزويلٽ انهيءَ ڪي امن واري زماني جي هنگامي صورتحال (ايمرجنسي) قرار ڏنو ۽ فيڊرل ايمرجنسي ريليف ايڊمنسٽريشن قائم ڪئي جنهن ڪم ڪار ذريعي ريليف وارين سرگرمين لاءِ رقم فراهم ڪئي. روڊن، پلين ۽ اسڪولن سميت وڏي پيماني تي ترقياتي رٿائون شروع ڪيو ويون جن جي ذريعي 40 لک ماڻهن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ٿيا.

اهڙو ماڊل اختيار ڪرڻ جا ڪيترائي فائدا ملندا جن ۾ سرڪاري خدمتن جي نئين سر اڏاوت، تباهہ ٿيل مُندين ۾ نئون روح ڦوڪڻ ۽ متاثرن لاءِ شديد

گهربل روزگار جا موقعا شامل آهن. شهري علائقن ۾ ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار جي همت افزائي ۽ انهن کي سولن قرضن جي فراهمي جي وسيلي ٻوڏ سٽيلن جي انهيءَ بحران مان نڪري سگهڻ ۾ مدد ڪري سگهجي ٿي. ڳرا قرض چُڪائڻ ۽ بچاءَ جي وڌندڙ خرچ سبب سرڪاري شعبي جي ترقياتي پروگرام لاءِ باقي وڃي ٿوري رقم بچي ٿي. اها صورتحال چونڊيل حڪومت کي وڏيڪ مُنجهائي ڇڏي ٿي. انهن تلخ حقيقتن کي آڏو رکندي، بحالي واري مرحلي ۾ تڙ تڪڙ ۾ ترقياتي رٿائون شروع ڪرڻ کان اڳ هڪ جامع ماسٽر پلان جڙڻ گهرجي. انهيءَ پلان ۾ گهٽ، وچولي ۽ ڊگهي مدي وارا هدف رکڻ سان گڏوگڏ وسيلا هٿ ڪرڻ ۽ انهن جي ساڄاهه ڀري سيڙپ جي حڪمت عملي به شامل هئڻ گهرجي جيئن اهم نوعيت جا سماجي ۽ اقتصادي فائدا حاصل ڪري سگهجن.

روزاني دي نيوز، 10 آڪٽوبر 2010ع

# آفتن جا غير فطري ڪارڻ

اهڙن ادارن جي ڪردار کي سمجهڻ جي ضرورت آهي جن جي ڪري تازو ٻوڏن ۾ وڏيڪ تباهيون ٿيون آهن، ڪيترائي ماهر انهن ٻوڏن کي تباهين جي شروعات سمجهن ٿا، مفروضن ۾ مُنجهڻ ڪانسواءِ ائين چئي سگهجي ٿو ته فطرت جي اوچتو ايندڙ آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان کي تيار رهڻ گهرجي.

آگسٽ ۾ پاڪستان ۾ پيل مينهن جو اڌ کان وڏيڪ حصو هڪ هفتي اندر پيو جيڪو عام طور تي 3 مهينن ۾ وسندو آهي ۽ ان سال ٻوڏ جو عرصو ٻه تمام گهٽو وقت هليو.

سنڌ جي 3 بئراجن مان 11 ڏينهن ۾ 11 لک ڪيوسڪ پاڻي جو ريلو گذريو، ايڏي وڏي مقدار ۾ پاڻي جو ريلو اهو پيغام آڻي ٿو ته اسان سنجيدگي سان موسمياتي ڦير گهير جي اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ تياريون ڪيون.

قدرتي آفتن کي جنهن انداز سان مُنهن ڏنو ويو اهو اسان جي انتظاميا جي اهليت کي وائکو ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته انهن برساتن دوران اسان جو سڄو نظام بيوس بڻجي ويو. مينهن وقت نيشنل ڊزاسٽر مئنجمينٽ اٿارٽي کان وٺي ضلعي سطح جا ادارا مڪمل طور تي ناڪام بڻجي ويا، پي ڊي ايم ايز ۽ ڊي ڊي ايم ايز بي اثر ثابت ٿيا.

ڪنهن به آفت ۾ ڊي ڊي ايم اي بنيادي ذميوار ادارو هوندو آهي ڇاڪاڻ ته ماڻهن جي تحفظ لاءِ بچاءَ جو پهريون ۽ آخري ادارو هئڻ جي ڪري اهو تمام گهڻي اهميت رکي ٿو. نيشنل ڊزاسٽرمئنجمينٽ آرڊيننس جي سيڪشن 21 هيٺ تحت ڊي ڊي ايم ايز ضلعي سطح تي ڪنهن به آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ رٿا بندي ڪرڻ جون ذميوار هونديون ، پر ائين ڪٿي به نظر نه آيو. ملڪ

جي ڪجھ چونڊ ضلعن ۾ ڊي ڊي ايم ايز جي صلاحيتن ۾ بهتريءَ لاءِ ڪجھ عالمي امدادي ادارن لاجسٽڪ ۽ ٽيڪنيڪل مدد پڻ ڏني پر صوبائي حڪومتن پي ڊي ايم ايز ۽ ڊي ڊي ايم ايز کي ادارن واري شڪل ڏيڻ تي سنجيدگي سان غور به نه ڪيو آهي. جيتوڻيڪ ڊي ڊي ايم ايز صوبائي حڪومتن جي ماتحت آهن پر ڪنهن به عالمي اداري کي ڪا مدد ڪرڻي هوندي آهي ته اهي اين ڊي ايم اي معرفت ان سان رابطو ڪندا آهن، سنڌ ۾ پي ڊي ايم اي وٽ ڪراچي ۾ هڪ درجن ڪان به گهٽ ماڻهن تي ٻڌل عملو ته موجود آهي پر باقي سموري سنڌ ۾ ڪٿي به سندس آفيس قائم ناهي.

پنجاب ۾ اجا تائين پي ڊي ايم اي جو وجود به نه پيو آهي جڏهن ته باقي جن صوبن ۾ ٺهيو آهي ته اتي وري اسٽاف ۽ مالي وسيلن جي سخت کوٽ آهي. آفتن کان پوءِ واري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ جوڙيل اسان جي بناوتي انتظاميا جي ٻٽ تڏهن ترت وائکي ٿي پوندي جڏهن پاڻي کي روڪڻ لاءِ جوڙيل بند آفت جي سَٽ نه سهي سگهندا.

مستقبل ۾ ڪنهن به آفت جي تباهي کان بچاءَ ۽ ان کي منهن ڏيڻ لاءِ جوڙيل نظام تي سنجيدگي سان ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. هر سطح تي موجود ڊي ايم ايز کي پنهنجو سرشتو بهتر بنائڻ لاءِ سنجدگي سان ڌيان ڏيڻو پوندو ۽ ان لاءِ فني ماهرن تي ٻڌل اسٽاف ۽ مالي وسيلن جي کوٽ کي ختم ڪرڻو پوندو.

بهتر ته اهو ٿيندو تهدي ايم ايز کي تعلقي ۽ يونين ڪائونشل سطح تائين وڌايو وڃي. ان جو مقصد اهو ناهي ته وڌيڪ آفيسر ڀرتي ڪيا وڃن، پر هيٺين سطح تائين ادارن کي مضبوط ۽ متحرڪ بنائڻ گهرجي ته جيئن ڪنهن به آفت کي منهن ڏئي سگهن. موجوده نظام منجھ ڊي سي اوز وٽ ڊي ڊي ايم اي جا اختيار آهن، جن مان ڪيترن کي قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي نه ته صلاحيت آهي ۽ نه ئي ڄاڻ. ان جي تقاضا آهي ته صوبائي ۽ ضلعي سطح تي رابطي وارو طريقيڪار مضبوط هئڻ گهرجي.

ڪنهن به قدرتي آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ عمل جوڳي نظام واسطي آفتن يا خطرن جي مڪمل ڄاڻ جي ضرورت هوندي آهي پر افسوس سان اهو چوڻو پوي ٿو ته انهيءَ بنيادي اصول کي نظر انداز ڪيو ويو آهي، نتيجي ۾ جڏهن به ڪا آفت اچي ٿي ته انهيءَ بنيادي اصول جي غير موجودگي ۾ سڀ ڪوششون رڳو ترڙ تڪڙ ۾ ٿين ٿيون.

بيلن جي خاتمي ۽ پاڻيءَ وارن وسيلن جي وڌندڙ گدلاڻ، سامونڊي ڪناري جي فطري ماحولياتي نظام ۾ ڀڃ ڊاهه ۽ شهري آبهوا ۾ گدلاڻ جي نتيجي ۾ زمين  جي زرخيزي ۾ گهٽتائي اچڻ، زمين جي مٿاڇري واري سطح ۾ ڪاڏ ۽ مٺي پاڻي جي ذخيرن جي خراب ٿيڻ جهڙا مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن پر غلطي سان انهن کي ننڍڙو خطرو سمجهيو پيو وڃي جو ته اهي هڪدم ڊپ واري صورتحال پيدا نٿا ڪن. جيستائين هن ملڪ ۾ آفتن کي منهن ڏيڻ جو نقشو نه هوندو تيستائين سموريون تياريون بيڪار آهن.

مقامي سطح تي ڪنهن به آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ بچاءَ جا طريقا اختيار نه ڪرڻ جو سڀ کان وڏو ڪارڻ اهو آهي ته اسان وٽ اڳواٽ چتاءُ  ڏيڻ جو نظام تمام گهڻو ڪمزور آهي. وقت سر چتاءُ  ڏيڻ ڪنهن به مصيبت کي منهن ڏيڻ ۾ اثرائتو ثابت ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ ته ان وسيلي ڪنهن به آفت جي شدت جو اڳواٽ اندازو لڳائي ان جي اثر کي گهٽ ڪري سگهجي ٿو. پاڪستان جو ٻوڏ وارو نقشو مقامي سطح تي ڪنهن به اڳواٽ واري چتاءَ جي نظام کان خالي آهي. راولپنڊي ۽ اسلام آباد ۾ نالہ لئي کان سواءِ سموري ملڪ ۾ ڪٿي به اهو نظام موجود ناهي. جابلو وهڪرن جي خاص خطري وارن علائقن ۾ وارننگ نظام هجڻ لازمي آهي ته جيئن علائقن کي آساني سان خالي ڪرائي سگهجي. تازو ٻوڏ ۾ ڪوهه سليمان مان ايندڙ جابلو وهڪرا ڏکڻ پنجاب  جي انهن علائقن ۾ بغير ڪنهن چتاءَ جي اوچتو اچي پهتا هئا. 2007ع ۾ سامونڊي طوفان يمين بلوچستان جي سامونڊي ڪناري سان اچي ٽڪرايو هو ۽ ان جي ڪيچمنٽ ايريا ۾ ٿيندڙ شديد مينهن سنڌ جي غير محفوظ اولهندن ضلعن کي ٻوڙي ڇڏيو. اهو سانحو ڪيرٿر جي جابلو سلسلي ۾ ترت چتاءَ جي ڳنڍيل نظام نه هئڻ ڪري پيش

آيو.

دريائن جي بهتر انتظام جي موجودگي ۾ ٻوڏ جي اڳڪٿي هاڻي آسان بڻجي چڪي آهي پر اسان جي نظام منجهه اجا گهڻي کوٽ آهي. ٽيليميٽري نظام ٿوري گهڻي مدد ڪري سگهي ٿو پر انگن اکرن ۾ ڦير گهير جو ڪٽيو ڪائيندڙ ڪجهه عنصر ان کي صحيح طريقي سان هلائڻ نہ ٿا ڏين. ان جو نيتجو اسان جي سامهون آهي تہ سنڌ ۾ اڳواٽ ڪنهن بہ قسم جي تياري نہ ڪئي وئي نتيجي طور شروعاتي ٻوڏ ۾ 8 لک ڪيوسڪ پاڻي اچڻ سان چا ٿيو ۽ صوبي کي ان جو اطلاع اڳواٽ نہ مليو هو، شروعاتي طور ٽوڙي بند کي گهارو لڳڻ کان پوءِ سڄي سنڌ ۾ خوف پکڙجي ويو، نتيجي ۾ اتر سنڌ کي ڪشمور کان دادو ۽ ڄامشوري تائين وڏي قيمت ادا ڪرڻي پئي، ٻوڏ دوران سنڌ ۾ حڪمراني جا پول بہ پڌرا ٿي ويا جتي قانون مٿان شخصيتون حاوي آهن.

هن معاملي تي وفاق ۽ صوبن وچ ۾ بي اعتمادي اختلافن جو بنيادي ڪارڻ آهي، ٻوڏ جي ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ سمورا ڪئنال پرجي ويا پر چشما جهلم لئنڪ ڪئنال کي کولڻ تي سنڌ ۽ پنجاب ۾ تڪرار ٿيو. ان وقت جي اخباري رپورٽن مطابق فيڊرل فلڊ ڪميشن جي انگن اکرن موجب پنجاب ۾ ٻوڏ سٺيلن جي انگ ۾ 331 سيڪڙو واڌ ٿي وئي. 20 آگسٽ تائين جيڪو انگ 19 لک هو اهو پهرئين سيپٽمبر تي 82 لک تائين وڃي پهتو، جڏهن تہ فيڊرل فلڊ ڪميشن جي رپورٽن ۾ متاثر ٿيل ڳوٺن، ڪٽنبن ۽ زمين جي ايڪڙن جو انگ ساڳيو ئي رهيو. ساڳي طرح سنڌ ۾ بہ مري ويل چوپائي مال جو انگ هڪ لک 29 هزار 416 مان گهٽائي 24 هزار 788 ڪيو ويو.

انگن اکرن ۾ هيراڦيري ان ڪري ڪئي ويئي تہ جيئن امداد اچڻ جي صورت ۾ وڏو حصو ڪٽي سگهجي، جڏهن تہ ماڻهن انهن ادارن جي ڪارگردگي تي بي اعتمادي پڻ ظاهر ڪئي، ان قدرتي آفت ۾ حاصل ٿيل تجربو اسان لاءِ هڪ قوت بڻجي سگهي ٿو، ۽ اسان مستقبل لاءِ ڪجهه ڪري سگهون ٿا. ان لاءِ اسان کي ادارن کي مضبوط ڪرڻو پوندو.

روزاني دي نيوز، 19 سيپٽمبر 2010ع

# ٻوڏ جي تباهي وڌائيندڙ عنصر

خوبصورت دريائن هن سال غير متوقع طور سيني صوبن ۾ تباهي آندي. نااهل انتظاميا جي سموري سول انفراسٽرڪچر سميت هر شيءِ ان ٻوڏ ۾ لڙهي ويئي، اها ٻوڏ هن ڌرتي تي قدرتي آفتن جو سڀ کان وڌيڪ تباهي آڻيندڙ اثر ثابت ٿي آهي. ڊوبين رتنائڪي موجب 1986 کان 1995ع تائين آيل قدرتي آفتن ۾ 3 لک 67 هزار انساني جانيون ضايع ٿيون آهن، جن منجهان اڌ ماڻهو طوفان، دريائي ٻوڏ ۽ برساتي ٻوڏن جو شڪار ٿيا. 1998ع کان 2002ع تائين دنيا ۾ 683 ٻوڏون آيون جن مان 97 سيڪڙو ٻوڏون ايشيا جي ملڪن ۾ آيون، ايندڙ سالن لاءِ ان حوالي سان ٻوڏن ۾ مينهن جو رحجان واضع نظر اچي ٿو تنهن ڪري پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ واري نظام ۾ وڏي تبديلي جي سخت ضرورت آهي.

پنجاب ۽ سنڌ صوبن ۾ وڏي تباهي آڻيندڙ سنڌو درياءَ اجا تائين انساني وسندين کي ٻوڙي رهيو آهي، جڏهن ته اجا سانوڻي جو مينهن ختم ناهي ٿيو ۽ وڌيڪ مينهن هن صورتحال کي وڌيڪ خراب ڪري سگهن ٿا. ان تباهيءَ جا ذميدار قدرتي ۽ انساني ٻئي عنصر آهن. ڊل هوزي يونيورسٽي جي پروفيسر مارٽن گبلنگ جو چوڻ آهي ته 6 هزار سال اڳ گرم دور ۾ ٻه سنڌو درياءُ تمام گهڻي موج ۾ هوندو هو. ان کانپوءِ 4 هزار سال اڳ جيئن موسم ٿڌي ٿي ته سنڌوءَ جو گهڻو حصو خشڪ ٿي ويو ۽ دريائي وهڪرن جي جاءِ ريگستان والاريندا ويا. پروفيسر نشاندهي ڪئي آهي ته ان تباهي جو سبب علائقي جي گرمي پد ۾ واڌ اچڻ آهي. سندس راءِ آهي ته هندي وڏي سمنڊ جي گرمي پد جو سڌو سنئون اثر چوماسي جي مينهن جي شدت تي پوي ٿو. سندس چواڻيءَ ته موسم ٿڌي هئڻ وقت سمنڊ مان آبي بخار گهٽ اٿن ٿا ان ڪري مينهن ٻه گهٽ وسن ٿا ۽ سنڌو درياءَ ۾ وهڪرو ٻه گهٽ رهي ٿو. ان نقطي مان واضح ٿئي ٿو ته موسمياتي ڦير گهيرجي ڪري سانوڻ جي مينهن ۾ واڌارو آيو آهي،

موسمياتي ڦير گهير جا تاريخي انگ اکر پروسي جوڳا نہ هئڻ سبب سموريون اڳڪٿيون جُڙتو تصور ڪيون وڃن ٿيون. هن ڀيري خيبرپختونخواه ۾ پڻ غير معمولي مينهن پيو ، جنهن جو ماضي ۾ اڳ ڪڏهن بہ مثال نہ ٿو ملي. هن وقت جيڪي ڪجھ ٿيو آهي اهڙا انگ اکر ماضي ۾ ڪڏهن بہ ڏسڻ لاءِ نہ ٿا ملن. پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ جتي ٻوڏ کي منهن ڏيڻ جا انتظام ڪمزور هجن اتي موسمياتي ڦير گهيرهڪ وڏو چئلينج آهي، موسم جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي اهو چئي سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن ويجهي مستقبل ۾ ڪنهن بہ قسم جي آفت آئي تہ انتظاميا لاءِ هاڻوڪي صلاحيت وسيلي ان کي منهن ڏيڻ ممڪن نہ هوندو.

بين ڪارٽن ڪانسواءِ اهڙين آفتن کي وڌيڪ خطرناڪ بڻائڻ ۾ نااهلي، ٻوڏ جي انتظامن کي سنياليندڙ انتظاميا وچ ۾ رابطي جي کوٽ ۽ اڳواٽ اطلاع وارو نظام نہ هئڻ بہ شامل آهن. حفاظتي اُپائن لاءِ رٿا بندي ۽ بهتر انتظامي صلاحيتن ۽ انتظامن جي نگراني جي ضرورت آهي. آيل ٻوڏ ڪانپوءِ انتظامي ادارن، خاص طور صوبائي ۽ ضلعي سطح تي ڊزاسٽر مينجمنٽ جي ادارن جي صلاحيت وائڪي ٿي ويئي آهي.

جيتوڻيڪ ان ٻوڏ ۾ سمورا صوبا متاثر ٿيا پر 20 هين آگسٽ تي فيڊرل فلڊ ڪميشن جي رپورٽ موجب سنڌ سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيو. جتي اٽڪل 36 لک ماڻهو متاثر ٿيا، جڏهن تہ باقي سڄي ملڪ ۾ 77 لک ماڻهو متاثر ٿيا. سڄي ملڪ ۾ 3 لک 3 هزار 698 گهر ڊهي پٽ ٿي ويا، جن مان رڳو سنڌ ۾ 2 لک 11 هزار 375 متاثر ٿيا. سڄي ملڪ ۾ 11 هزار 27 ڳوٺ متاثر ٿيا، جڏهن تہ صرف سنڌ جا 4 هزار 359 ڳوٺ متاثر ٿيا. مجموعي طور تي 47 لک ايڪڙ زمين متاثر ٿي جنهن مان سنڌ جي 15 لک ايڪڙ زمين شامل آهي. ان ڪانپوءِ سنڌ سرڪار جي ويجهڙائي ۾ جاري ڪيل بيانن ۾ متاثرن جو انگ 70 لک ماڻهن کان وڌيڪ ڄاڻايو ويو. امڪان آهي تہ اهو انگ اڃا وڌندو ۽ ڏينهون ڏينهن اها صورتحال وڌيڪ سنگين ٿيندي ويندي. انهيءَ

قدرتي آفت خيبر پختونخواه ۽ ڏکڻ پنجاب جي عوام تي پڻ گهرا اثر ڇڏيا، جيتوڻيڪ ان جي شدت سنڌ جي ڀيٽ ۾ ڪجهه گهٽ آهي.

ان تي ڪي به رايا ناهن ته جيڪڏهن انتظام صحيح ۽ بهتر هجن ها ته ماڻهن کي مشڪلاتون گهٽ پيش اچن ها. پشاور ۾ موسميات کاتو ڪنهن به قسم جي اڳڪٿي ان ڪري جاري نه ڪري سگهيو جو چارسده ۽ نوشهره جي ڊي سي او آفيس جون فئڪس مشينون ڪم نه ڪري رهيون هيون. ساڳي طرح سکر بئراج وٽ به شروعاتي طور وهڪري بابت صحيح انگ اکر فراهم نه ٿي سگهيا ۽ سنڌ حڪومت وائڙي ٿي ويئي، جنهن جي نتيجي ۾ بندن، ريلوي ٽريڪن ۽ روڊن تان ڪٽ هڻي بئراج تان دٻاءُ گهٽايو ويو، جڏهن ته اهڙن تڪڙن فيصلن سبب ڪيترائي تڪرار پڻ پيدا ٿيا.

ٻوڏ جي انتظامن کي سنڀالڻ لاءِ جي آءِ ايس وارو طريقو اختيار ڪري ڪٽ لڳائڻ لاءِ مناسب جاين جي چونڊ جي ڏس ۾ صحيح انداز ۾ رٿا بندي ڪري وڏيڪ نقصان کان بچي سگهجي ها. جڏهن ته ميڊيا رپورٽن موجب اهڙا تڪڙا فيصلا باخبر انداز ۾ ادارتي طريقيڪار بدران سياسي اثر رسوخ هيٺ ڪيا ويا. سنڌ ۾ ٽوڙي ۽ غوثپور بندن کي ڪٽ هڻڻ سبب وڏي تباهي آئي، اتر سنڌ جي وڏي آبادي کي ان پاڻي هيٺ آڻي لکين ماڻهن کي بي گهر بڻايو ويو. نتيجي ۾ ڪشمور، جيڪب آباد، شڪارپور ۽ قمبر_شهداد ڪوٽ ضلعن ۾ تاريخي انساني تباهي جا منظر ڏسڻ ۾ آيا. ان صورتحال ۾ ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي پهچائڻ لاءِ سواري جا انتظام به نه هئا جنهن ڪري ماڻهن لڏ پلاڻ دوران وڏيون مشڪلاتون ڏٺيون. 70 لک ماڻهو پنهنجو الهه تلهه ڇڏي صرف جانيون بچائي نڪتا ۽ اهي ڏکوئيندڙ ۽ ڀيانڪ منظر انهن کان سڄي زندگي نه وسرندا.

اها حقيقت نظر انداز ڪندي ته ڏهه لک ڪيوسڪ پاڻيءَ جو ريلو تجويز ڪيل ڪالا باغ ڊيم جيتري ڪنهن به ڊيم جون ڪنڌيون ٻوڙي ڇڏي ها، اها دعويٰ ڪئي پئي وڃي ته جيڪڏهن وڏا ڊيم هجن ها ته ايڏي وڏي تباهي نه

اچي ها. ڪاٻہ انجنيئرنگ يا ٻوڏ انتظامن جي سائنس ان دليل کي مڃڻ لاءِ تيار ناهي. سکر، گڊو ۽ ڪوٽڙي بئراج مان 10 ڏينهن تائين وهڪرو 10 لک ڪيوسڪ هو. ڪنهن بہ ڊيم ۾ ايتري صلاحيت نہ هوندي آهي تہ ايتري پاڻي کي ذخيرو ڪري سگهي ۽ جيڪڏهن ڪو وڏو ڊيم هجي ها تہ اهو ايتري پاڻي سان ڏماڪي سان ختم ٿي وڃي ها ۽ نتيجي ۾ ان مان پڻ تمام وڏي تباهي اچي ها.

پاڪستان وانگر چين بہ ساڳي قسم جي ٻوڏ کي منهن ڏيئي چڪو آهي ۽ هڪ موقعي تي وين ڪوائن ڊيم جي تباهہ ٿيڻ جي خطري سبب اتي سوين سپاهي مقرر ڪيا ويا، چاڪاڻ تہ خطرو هو تہ جيڪڏهن اهو ڊيم ٽٽو تہ گولمڊ شهر ۽ ان جي 2 لک کان وڌيڪ آبادي 4 ميٽر پاڻيءَ هيٺ اچي ويندي. ساڳي سال ڏڪار جي ڪري برازيل جي مشهور اتر اوڀرندن علائقن ۾ ايڏي وڏي ٻوڏ آئي جنهن جي نتيجي ۾ 50 ماڻهو مري ويا ۽ ڏيڍ لک بي گهر ٿي ويا. ايڏي وڏي تباهي ٻن دريائن تي اڏيل ڊيمن جي تباهہ ٿيڻ سان آئي. مارچ 2009ع ۾ جڪارتا ۾ هڪ ڊيم ٽٽڻ سان ڪيترائي ماڻهو فوت ٿي ويا. اها بہ حقيقت آهي تہ دريائن تي ڊيمن جي اڏاوت سان سنڌو درياءَ جي قدرتي وهڪري ۽ ڪچي وارن علائقن ۾ وڏيون تبديليون آيون آهن ۽ ان جي نتيجي ۾ سنڌو درياءَ جي پيٽ جو سوڙهو ٿيڻ پڻ ٻوڏ جي شدت ۾ واڌ جي مک ڪارڻن مان هڪ آهي. ڊيمن ۽ بيراجن جي لاڳيتي اڏاوت جي ڪري دريائن ۾ لٽ بہ وڌي وئي ۽ ان سان خطري واري سطح ۾ بہ واڌ ٿي. ٻوڏ کان پوءِ ڪچي وارن علائقن مان ماڻهن جي وڏي انگ ۾ لڏ پلاڻ اها حقيقت ظاهر ڪري ٿي تہ انهيءَ علائقي ۾ انساني وسنديون صورتحال کي وڌيڪ خراب ڪرڻ جون ذميدار بڻيون آهن.

گذريل ڪجهہ ڏهاڪن ۾ ڊيمن جي اڏاوت ۽ پاڻي جو رُخ تبديل ڪرڻ واري عمل پڻ ٻوڏ جي مزاج کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. پراڻا وهڪرا خشڪي جو ڏيک ڏئي رهيا آهن، جنهن جي ڪري انهن علائقن ۾ آبادڪاري جي رجحان ۾ اضافو آيو آهي. تربيلا کان اڳ سنڌ جي ڪچي واري علائقي ۾

## پاڪستان ۾ موسمياتي ڦير گهير ۽ قدرتي آفتون

سراسري طور هر سال ٽي لک ڪيوسڪ پاڻي ايندو هو، جڏهن ته 77 سيڪڙو ٻوڏ وارن سالن ۾ 5 لک ڪيوسڪ پاڻي ايندو هو. تربيلا ۽ چشما بيراجن جي اڏاوت ڪان پوءِ وهڪرن جو رُخ مڪمل طور تبديل ٿي ويو. ڪچي جو گهڻو علائقو بنجر بڻجي ويو، اتي ماڻهن اچي آبادي ڪئي. هڪ رپورٽ موجب ڪچي جي پنجاهه هزار ايڪڙ زمين تي آبادي ٿي وئي آهي، جتي روڊ ۽ ٻيو سرڪاري ڍانچو پڻ موجود آهي. ڳوٺاڻن علائقن کي ڏهاڪن تائين رٿابندي ۾ نظر انداز ڪرڻ ۽ غير منصفاڻي ترقياتي رجحانن ڳوٺاڻن کي مجبور ڪري وڌو ته اهي درياءَ جي ٻنهي ڪنارن جي لڳو لڳ قبضا ڪري ترقيءَ واري عمل ۾ نظر انداز ٿيڻ جو حساب برابر ڪن. انهن علائقن جي رهواسين پنهنجا اجها ڇڏڻ جي سخت مزاحمت ڪئي ڇو ته انهن جي ملڪيتن جو تعلق ڪچي وارن علائقن سان ئي آهي. جڏهن ته وهڪرا گهٽجڻ سبب ٻيلن ۾ پڻ گهٽتائي آئي ۽ ڪنهن حد تائين سياستدانن ۽ بيوروڪريسي ۾ موجود مفاد پرست عناصر پڻ انهيءَ جا ذميوار آهن. ٻيلا نه هجڻ جي ڪري ٻوڏ جي وهڪرن کي روڪڻ واري قوت ۾ پڻ گهٽتائي آئي آهي.

بحالي ۽ ٻيهر اڏاوت واري مرحلي کي جيڪڏهن شفافيت ۽ سماج جي مختلف طبقن خاص طور سول سوسائٽي تنظيمن ۽ خانگي شعبي جي شرڪت سان رٿابندي ڪندي نه هلايو ويو ته گهرا اثر رکندڙ سماجي ڀڃ ڊاهه جو خطرو موجود آهي، مستقبل ۾ اهڙين قدرتي آفتن کان بچڻ لاءِ ڊگهي مدي واري مربوط رٿابندي سان گڏوگڏ ان تي عمل واسطي پرعزم ۽ اعتبار جوڳي طريقيڪار جي ضرورت آهي. انهيءَ کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ سڀ کان وڏيڪ سياسي ارادي جي ضرورت آهي.

روزاني دي نيوز، 5 سيپٽمبر 2010ع

# موسمياتي ڦير گهير ۽ وڏن ڊيمن جو مستقبل

موسمياتي ڦير گهير هاڻ ڪو افسانو نہ رهي آهي پر اڄوڪي دنيا ۾ فيصلاسازن، رٿابندي جي ماهرن ۽ پيشيوراڻن ماهرن جي لاءِ هڪ وڏو چئلنج ۽ حقيقت بڻيل آهي. اهو سچ آهي تہ هن وقت فيصلاسازن لاءِ ڪنهن بہ رٿا جي منظوري موسمياتي ڦير گهير جو جائزو وٺڻ کان سواءِ ممڪن ناهي. پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ جتي نہ صرف معيشت پر سماجي ڍانچو ۽ سياست سڌي ريت زراعت سان ڳنڍيل آهي، اتي پاڻي جا وسيلا تمام گهڻو تڪراري بڻيل هوندا آهن. جيتوڻيڪ صنعت ۽ خدمتن جو شعبو پڻ قومي معيشت ۾ هاڻ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي پر ان هوندي بہ زراعت سماجي معيشت تي حاوي آهي ۽ رهندي. انهيءَ ڪري پاڻي جي فراهمي ۽ موجودگي قومي معشيت جو اهم جُز آهي.

پاڪستان وٽ دنيا جو وڏي ۾ وڏو آبپاشي نظام آهي پر اهو گهربل نتيجا نٿو ڏئي جنهن جي ڪري پاڪستان پاڻيءَ جي وسيلن جي انتظامن جي ڏس ۾ ڪيترن ئي چئلنجن کي منهن ڏئي رهيو آهي. پاڻي جي ورهاست تي مُنڍ ۽ پڇڙي وارن آبادگارن جي وچ ۾ تڪرار هميشہ هلندو رهي ٿو ۽ اهو تڪرار هن ملڪ جي وجود کان بہ پراڻو آهي. جڏهن تہ ڊيمن، لنڪ ڪئنالن ۽ بيراجن جي لاڳيتي اڏاوت سان لاڳاپيل ڌرين ۾ بي اعتمادي پيدا ٿيندي پئي رهي آهي. پاڻي جو انتظام هلائيندڙن جي غير پيشيوراڻي رويي صورتحال کي ويتر خراب ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ نہ ختم ٿيندڙ ڪرپشن ۽ ادارن ۾ نااهلي پڻ موجود آهي. اها تصوير انهيءَ وقت جي آهي جڏهن موسمياتي ڦير گهير جا اجان اثر بہ ظاهر نہ ٿيا هئا، هر ڪو اهو اندازو لڳائي سگهي ٿو تہ جڏهن موسمياتي ڦير گهير جا گهڻ پاسائان اثر ظاهر ٿيندا تہ اها سموري صورتحال ڪيئن لڳندي؟

سنڌو نديءَ تي گڏريل ٽن ڏهاڪن کان ٿهندڙ نون ڊيمن جي نتيجي ۾ مٿين ۽ هيٺين پر جي رهواسين ۾ تڪرار ا جان بہ وڌيو آهي. سنڌ صوبي جا پڇڙي جا رهواسي سنڌو درياءَ تي نون ڊيمن جي اڏاوت جا سخت مخالف

آهن، انهيءَ جو سبب ڪان وڏو دليل اهو آهي تہ وڏن ڊيمن جي اڏاوت سان سنڌ صوبي خاص طور ان جي ڪچي ۽ چوڙ واي علائقي تي سماجي توڙي ماحولياتي اثر پئجي چڪا آهن. سنڌ جي فني ماهرن، سياستدانن ۽ سول سوسائٽي وارن جو دليل آهي تہ سنڌو درياءَ ۾ هاڻ ايترو وهڪرو ئي ناهي جو انهيءَ جي پاڻي جو رخ موڙي سگهجي يا انهيءَ کي ڪٿي ذخيرو ڪري سگهجي. جيڪڏهن ائين ڪيو ويو تہ سنڌ جي معيشت ۽ عام ماڻهن جي زندگي تباهہ ٿي ويندي. ڪالاباغ ڊيم ۽ گريٽر ٿل ڪئنال جي خلاف هلندڙ جدوجهد سنڌ جي سياست تي وڏو اثر وڌو آهي، جڏهن تہ سنڌ جا ماحولياتي ماهر وڏن ڊيمن جي ڪري دريائي ٻيلن ۽ انڊس ڊيلٽا جي سموري فطري ماحولياتي نظام جي تباهي ڏانهن بہ ڌيان ڇڪائين ٿا. لڳ ڀڳ ڏهہ سال اڳ سنڌ حڪومت جي هڪ عملدار جو چوڻ هو تہ سمنڊ 12 لک ايڪڙ زمين ڳڙڪائي ويو آهي. انڊس ڊيلٽا تي ماحولياتي ڦير گهير جا اثر ايترا تہ واضح نموني پڌرا ٿيا آهن جو ڊيمن جا حمايتي بہ انهيءَ کان انڪار نہ ٿا ڪن. ساڳي ريت دريائي ٻيلن جي خاتمي سان اتي غربت ۾ واڌ ٿي آهي. ٻيلا، مڇي، زراعت ۽ چوپايو مال سنڌ جي ٻهراڙي واري معيشت جو اهم ذريعو رهيا آهن. مٿان ڪان پاڻي وهڪرن جو رخ موڙڻ ڪري گهٽ ٻوڏن سنڌ جي ٻهراڙي جي خوشحالي توڙي معيشت کي تباهہ ۽ غربت ۾ واڌارو ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ ڪري سنڌ جي انهن ڊنڍن ۾ تازي پاڻي جي کوٽ ٿي آهي جيڪي هزارين ماڻهن جي گذر سفر جو وسيلو بڻيل آهن. اها سموري صورتحال موسمياتي ڦير گهير جي ڪري وڌيڪ خراب ٿي آهي.

موسمياتي ڦير گهير جي حوالي سان بنيادي غلط فهمي اها آهي تہ ان کي رڳو گرمي پد ۾ واڌ سمجهيو وڃي ٿو جيڪا هڪ اڌوري حقيقت آهي. اصل مسئلو موسمياتي ڦير گهير جي مينهوڳي يا سراسري گرمي پد جهڙن اثرن جو ڪاٿي ڪان ٻاهر ٿيڻ آهي. موسمياتي تاجي پيٽي کي ٺهڻ ۾ صديون لڳن ٿيون، زرعي رتا بندي جو سمورو دارو مدار موسمياتي اڳڪٿي جي پروسي جوڳو هئڻ تي آهي. پاڻيءَ جي وسيلن جي رٿابندي ۽ انتظام مينهن جي مقدار ۽ وسڪاري جي وقت سان جُڙيل آهن. اهو نہ رڳو رٿابندي جي ماهرن لاءِ مختلف وقتن تي ملڪ جي مختلف حصن لاءِ مناسب

پاڻي رکڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو پر آبادگارن توڙي هارين کي سندن زمينون آباد ڪرڻ لاءِ بہ مدد ڏي ٿو. پاڻي جي فراهمي وارو ڍانچو بہ انهيءَ تي مدار رکي ٿو. سنڌو درياءُ پنهنجي تاريخي وهڪرن سبب مشهور آهي ۽ جيڪڏهن موسمياتي ڦير گهير ان کي وڏيڪ غير يقيني بڻائي ڇڏيو تہ پاڻي جي انتظام ۽ انجنيئرنگ واري ڍانچي تي خبرداريءَ سان نظرثاني ڪرڻي پوندي. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ لاڳاپيل آفيسر موسمياتي ڦير گهير کي ذهن ۾ نہ ٿا رکن جنهن جو مثال اهو آهي جو واپڊا جي واٽر ويزن 2025ع ۾ پڻ موسمياتي ڦير گهير کي مڪمل طور نظر انداز ڪيو ويو آهي. واپڊا ڏهہ هزار ميگا واٽ بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ پنج وڏن منصوبن تي 2016 ع تائين ڪم ڪندو جنهن جي لاڳت 20 ارب ڊالر آهي. انهن منصوبن ۾ ڀاشا، ڪالاباغ، اکوڙي ۽ ٻيا منصوبا شامل آهن. واپڊا کي انهن منصوبن ۾ ڪو بہ موسمياتي ڦير گهير جو اثر ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي جڏهن تہ تربيلا ۽ منگلا ڊيم اڳي ئي گهٽي لَٽ اچڻ ڪري حيثيت وڃائي چڪا آهن. نون رٿيل ڊيمن ۾ بہ هماليہ مان گهٽي لٽ اچڻ جو خدشو آهي.

هماليہ ۾ برف ڳرڻ جي ڪري گنگا ، سنڌو ۽ ڪابل ندين ۾ پاڻي جا وڏا وهڪرا اچن ٿا. ماڻهن جي زندگيءَ جو وهنوار ۽ معاشي ڪاروبار انهن ندين تي آهي ۽ زراعت حياتي جو وڏو معاشي ذريعو آهي. دريائي وهڪرن ۾ لاٿ ۽ چاڙهہ جي ڪري زراعت توڙي گذر سفر جي وسيلن تي اثر پوي ٿو.

موسمياتي ڦير گهير جي هماليہ جي جبلن ۾ برف ۽ ان جي ڳرڻ تي پوندڙ ڪاتي ڪان مٿانهن اثرن انهن دريائن جي طاس وارن علائقن تي وڏو اثر وڌو آهي. ”ميلٽنگ هماليز“ جي هڪ تحقيقاتي رپورٽ جيڪا انٽرنيشنل سينٽر فار انٽيگريٽيڊ مائونٽينس ڊولپمينٽ جاري ڪئي آهي، موجب هماليہ جي علائقي ۾ جنهن ۾ تبت بہ شامل آهي، گرمي ۾ واڌ ٿي رهي آهي، اهو رجحان گذريل سئو سالن ۾ نظر اچي ٿو. ڪجهہ تحقيقن جو چوڻ آهي تہ هماليہ ۾ گرمي دنيا جي ڀيٽ ۾ گذريل سئو سالن ۾ 0.47 ڊگري سينٽي گريڊ وڌيڪ آهي. هماليہ ۾ ڪيترائي برفاني جبل دنيا جي ٻين علائقن جي

پيٽ ۾ تيزي سان ڳري رهيا آهن ۽ هر سال 0.1 کان 0.3 ميٽر تائين ڳري رهيا آهن. گذريل ٽن ڏهاڪن کان گنگوتري گليشيئر جي ڳرڻ جو عمل گذريل ٻه سئو سالن کان ٽيڻ تي تيز ٿيو آهي. نيپال ۾ گهڻا گليشيئر تيزي سان تباهه ٿي رهيا آهن. گذريل اڌ صدي ۾ اولهه چين جي علائقي ۾ 82 سيڪڙو گليشيئر ڦير گهير جي عمل هيٺ اچي ويا آهن، تبت ۾ گليشيئر جو علائقو گذريل ويهن سالن ۾ 4.5 ۽ گذريل 40 سالن ۾ ست سيڪڙو گهٽجي ويو آهي. گليشيئر ڳرڻ جي ڪري شروعاتي وقتن ۾ دريائي وهڪرن ۾ واڌ ٿيندي ۽ اڳتي هلي انهن ۾ گهٽتائي ايندي. ڪجهه رپورٽن مطابق ڪجهه موسمياتي ڦير گهير جا وهڪرن تي مختلف اثر پوندا. هڪ تحقيق ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته 2 ڊگري سينٽي گريڊ واڌ سان 2050ع تائين 35 سيڪڙو گليشيئر ختم ٿي ويندا.

اهو سولائي سان سمجهي سگهجي ٿو ته هماليه جي ڳرندڙ برف جو پاڻي آڻيندڙ وڏا درياءَ ايندڙ ورهين ۾ بي قابو ٿي ويندا. ڊيمن جي اڏاوت وقت انهن جي ڊزائينگ لاءِ تاريخي وهڪرن کي ذهن ۾ رکيو ويندو آهي ۽ سمجهيو ويندو آهي ته اڳتي به اهي وهڪرا ائين ئي رهندا پر هاڻ اهو مفروضو موسمياتي ڦير گهير جي ڪري درست نه رهيو آهي. انهيءَ ڪري اهم سوال ڊيمن جي فزيبلٽي جو آهي. آئي سي آئي ايم او ڊي جي رپورٽ موجب نندي ڪنڊ ۾ 2010ع تائين گرمي پد 3.5 سيڪڙو کان 5.5 سيڪڙو سينٽي گريڊ تائين وڌي ويندو. وڌي ٻوڏ جو ڪاٿو نه ڪري سگهجڻ ڪري ڊيمن جي سلامتي به هڪ وڏو چئلنج هوندو. جئين ته ڊيم مخصوص مقدار ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي صلاحيت رکندا آهن انهي ڪري وڏي درجي واري ٻوڏ اچڻ جي صورت ۾ ڊيم يا ته ڌماڪي سان ختم ٿي ويندا آهن يا وري پاڻي واپس موٽڻ ڪري پرپاسي جي علائقي کي ٻوڙي ڇڏيندا آهن. ٻنهي صورتن ۾ وڏو جاني ۽ مالي نقصان ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي. وڏين ٻوڏن سان وڏن ڊيمن جي زندگي به گهٽجي ويندي آهي. هماليه جي جبلن جي ڄمار ايتري گهٽي ناهي ان هوندي به اهي تيزيءَ سان ختم ٿي رهيا آهن، انهن ۾ ڦير گهير جي ڪري درياهن ۾ واري اچڻ شروع ٿي وئي آهي. وارسڪ ڊيم مڪمل ريت لٽجي ويو آهي، تربيلا ۽ منگلا جو ٽيون حصو

لُٽ سان پرجي ويو آهي، ان صورت ۾ اها ضمانت ڪير ڏيندو ته نئين ڊيم جو حشر به اهڙو نه ٿيندو؟ موسمياتي ڦير گهير جي حوالي سان انٽرگورنمينٽل پينل جي فني پيپر 5 "موسمياتي ڦير گهيرءِ پاڻي" ۾ پڻ انهيءَ حقيقت کي اجاگر ڪيو ويو آهي جنهن موجب ايشيا جي ڪيترن ئي علائقن ۾ مينهن ۾ واڌ ٿي آهي جنهن ڪري ٻوڏ، چپون ڪرڻ ۽ دريائي وهڪرن ۾ مٽي ۽ ٻيا مادا اچڻ جو سلسلو وڌيو آهي.

ساڳيءَ ريت گهٽ وهڪرن ۽ ڏڪار واري صورتحال ۾ پڻ نون ڊيمن جي اڏاوت تي اربين ڊالرن جي خرچ باوجود انهن جي غير اثرائتي هجڻ تي اهم سوال اٿن ٿا، نون ڊيمن سان وڏيڪ زمين جي زرخيز ٿيڻ جون ڳالهيون ٿين ٿيون جڏهن ته انهي لاءِ وري آبپاشي نظام ۾ وڏيڪ سيڙپ ڪرڻي پوندي، جڏهن ڊيم اميدن تي پورا نه لهي سگهن ته انهن لاءِ ٿيندڙ سموري سيڙپ ختم ٿي ويندي آهي ۽ انهي سان نوان تڪرار جنم وٺندا آهن. مٿين حقيقتن کي نظر ۾ رکي اهو چئي سگهجي ٿو ته موسمياتي ڦير گهيرجي ڪري وڏن ڊيمن تي ٿيندڙ سيڙپ خطري هيٺ آهي، ملرڪي ايس، ايس ايل روس ۽ ايل جي ميڪ ڊونل "واٽر ايلوڪيشن ان اي چئنجنگ ڪلائميٽ" ۾ ڄاڻايو آهي ته ٻوڏ ۽ ڏڪار جي صورت ۾ نه صرف پاڻي جي مقدار ۽ معيار جي موجودگيءَ جي سار سنڀال وڏي مهانگي پوندي پر نگراني جي صورت ۾ سماجي ۽ ماحولياتي اثرن پٽاندڙ مختلف گروپن جي تڪرار کي سنڀالڻ جي ضرورت پوندي.

پاڪستان اهڙي خطي ۾ آهي جتي موسمياتي ڦير گهير جا ڪيترائي اثر پوندا، تنهن ڪري پاڻي جي شعبي جي انتظام واري ڪم تي موسمياتي ڦير گهيرکي نظر ۾ رکي نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي. موسمياتي ڦير گهير جا پاڻي جي وسيلن تي اهم اثر پوندا آهن، ان ڪري پاڻيءَ جي وسيلن جي رٿائن لاءِ انهيءَ ڳالھ کي نظر ۾ رکڻو پوندو. سنڌو درياءَ تي وڏن ڊيمن جي اڏاوت کان اڳ موسمياتي ڦير گهيرتي کوجنا جي ضرورت آهي، اها صورتحال پاڻي جي ذخيرن لاءِ وڌيڪ عمل جوڳن طريقن جي ڳولها جي گهرج ڪري ٿي.

روزاني ڊان، 9 مارچ 2008ع

# موسمياتي ڦير گهير ۽ سنڌو ڊيلٽا جي تباهي

تازو سنڌ اسيمبلي هڪ ٺهراءُ اتفاق راءِ سان منظور ڪيو آهي جنهن ۾ وفاق کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته ٺٽي ۽ بدين جي سامونڊي پٽيءَ ۾ سمنڊ پاران زمين ڳهڻ واري عمل کي روڪڻ لاءِ قدم کنيا وڃن. ماحولياتي تحفظ لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمون ۽ سول سوسائٽي پڻ سنڌ جي سامونڊي علائقن جي مسئلن جي نشاندهي ڪنديون رهيون آهن، جڏهن ته فيصلا ڪندڙ ڌرين ان معاملي کي ڪڏهن به سنجيدگي سان نه ورتو آهي، اهي ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻي ڇوڙ ڪرڻ کي زيان تصور ڪن ٿيون. فيصلا ڪندڙن جي اهڙي سوچ ان ڪري آهي جو انهن کي ماحولياتي معاملن جي ايتري ڄاڻ ناهي، سنڌ اسيمبليءَ ۾ ٺهراءُ پيش ڪندڙ ايم پي اي ڊاڪٽر سڪندر مينڌري ان ٺهراءَ ۾ انڪشاف ڪيو آهي ته سمنڊ ٺٽي ۽ بدين ضلعن جي 13 لک ايڪڙ زمين پائي ويو آهي ۽ روزانو 80 ايڪڙ جي حساب سان سمنڊ زمين پائي رهيو آهي. ٺٽي ضلعي جون 6 سب ڊويزنون گهوڙا باڙي، ڪارو ڇاڻ، ڪيٽي بندر، شاهه بندر ۽ جاتي سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيل آهن، اهي علائقا زراعت ۽ واپار جي ڪري تمام گهڻا شاهوڪار رهيا آهن، هن وقت اهي علائقا ملڪ جي غريب ترين علائقن ۾ تصور ڪيا وڃن ٿا. اها تبديلي هڪ رات ۾ نه آئي آهي نه ئي قدرتي آفت سبب ٿي آهي پر فيصلا ڪندڙن جي فيصلن سبب اها تباهي آئي آهي، غلط فيصلن سبب ٿيندڙ تباهي جي قيمت 20 لک کان وڌيڪ ماڻهو چُڪائي رهيا آهن.

پاڻي جي 1991ع واري ٺاهه ۾ اهو نقطو شامل آهي ته انڊس ڊيلٽا واري نظام کي برقرار رکڻ لاءِ ڪوٽڙي کان هيٺ ساليانو 10 لک ملين ايڪڙ پاڻي ڇڏڻ لازمي آهي، پر اهو وهڪرو صرف وڏي ٻوڏ اچڻ وقت ڏنو ويو آهي، جڏهن ته گهٽ وهڪرو هجڻ وقت ڊيلٽا سڪندو رهيو آهي، تربيلا ڊيم ٺهڻ کانپوءِ ڪوٽڙي کان هيٺ وهڪرو آهستي آهستي گهٽ ٿيندو رهيو آهي،( ڏيکاريل تصويري چارٽ ۾ ظاهر آهي) جنهن سبب ڊيلٽا ۾ ماحولياتي تباهي اچڻ شروع ٿي.




1999ع کان 2004ع واري عرصي ۾ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ پاڻي جو ساليانو سراسري چوڙ 6.8 ملين ايڪڙ فٽ رهيو آهي.، جڏهن ته 2000ع کان 2003ع جي سوڪهڙي وارن  سالن ۾ ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻي جو وهڪرو ساليانو رڳو 2 ملين ايڪڙ  فوٽ رهيو آهي، سال 2001ع ۾ ته اهو وهڪرو ماڳهين هڪ ملين ايڪڙ فوٽ هو. 2000ع ۾ سنڌ حڪومت سرڪاري طور تي اعتراف ڪيو آهي ته ٺٽي ۽ بدين ضلعن جي 12 لک ايڪڙ زمين سمنڊ پائي ويو آهي. ان ڪانپوءِ 8 سالن تائين پاڻي وهڪرو اٽڪل ساڳيو رهيو آهي تنهن ڪري سمنڊ، زمين به 12 لک ايڪڙ کان وڌيڪ ڳڙڪائي هوندي. سمنڊ خاص ڪري 3 طريقن سان زمين پائيندو آهي. هڪ، سمنڊ جو پاڻي آهستي آهستي مٿي ايندو ويندو آهي ۽ زمين جو گهڻو حصو وقت سان گڏ پائي ويندو آهي.  ٻيو سمنڊ عارضي طور تي غير آباد پيل زمين تي سوڪهڙي

واري مند ۾ اچي ويندو آهي ۽ محسوس نہ ٿيندڙ طريقي سان زمين پائي ويندو آهي. ٿيون، ان طريقي سان جر جو پاڻي انساني زندگي لاءِ بہ خطرناڪ بڻجي ويندو آهي، ساموندي علائقن جا گهڻا ڳوٺ ان ڪري لڏي پلاڻ ڪري ويندا آهن جو انهن جي ڳوٺن ۾ جر جو پاڻي پيئڻ جوڳو نہ رهندو آهي. ڪجھ آزاد تحقيق ۾ اهو بہ انڪشاف ٿيو آهي تہ سنڌ جي ساموندي پٽيءَ وارن علائقن ۾ زمين جي اندر سمنڊ جو اثر ان جي ظاهري اثرن جي مقابلي ۾ گهڻو وڌيڪ آهي. سنڌ ۾ زمين جي اندر ۽ مٿان پاڻيءَ تي ساموندي اثرن جي لاڙي کي ٽيڪنالاجي وسيلي مانيٽر ڪري سگهجي ٿو، پر ان ڪم لاءِ سياسي جذبو ناهي.

سمنڊ جي زمين پائڻ جو مُک ڪارڻ سنڌو درياءَ مان تازو پاڻي گهٽ اچڻ آهي. سمنڊ ۾ درياءَ جي تازي پاڻي اچڻ جا تمام گهڻا فائدا آهن، تازو پاڻي ساموندي طوفان ۽ سونامي جهڙين آفتن کي اچڻ کان روڪي ٿو. واريءَ جي اچڻ سبب ڊيلٽا جي ايڪوسسٽم ۾ مڇي ۽ تمر جي ٻيلن کي زندگي ملي ٿي، تازي پاڻي جي کوٽ سبب ڪريڪ ۾ مڇي ۽ تمر جي واڌ ختم ٿي ويئي آهي. انڊس انسٽيٽوٽ فار ريسرچ اينڊ ايجوڪيشن پاران سمنڊ جي زمين پائڻ واري صورتحال بابت هڪ کوجنا ڪرائي ويئي جنهن ۾ اهو انڪشاف ٿيو تہ ڪريڪ سمنڊ کان وڌيڪ لوڻياڻيون بڻجي ويون آهن، ان ريسرچ موجب ڪريڪز ۾ لوڻياڻ 3.8 کان 4.2 سيڪڙو تائين آهي جڏهن تہ سمنڊ ۾ لوڻياڻ جو مقدار 3.6 سيڪڙو آهي.ڪراچي جي ساموندي پٽي ۾ سمنڊ جي پاڻي ۾ لوڻياڻ جو مقدار هن وقت 35500 کان 36900 پارٽس پر ملين (پي پي ايم) آهي جڏهن تہ ڪناري جي ويجهو يا ساموندي ويرن وارين ڪريڪز جي پاڻي ۾ اها وڌي 41 هزار کان 42 هزار پارٽس پر ملين تائين وڃي پهتي آهي. ڪوٽڙي بئراج اسٽڊي II ڪنسلٽنٽ گروپ 2005ع ۾ ”اسٽڊي آن واٽر ايسڪليجز ڊائون اسٽريم آف ڪوٽڙي بئراج ٽو ايڊريس انوائرنمنٽل ڪنسرنس“ ڪرائي. ان ۾ اها سفارش ڪئي ويئي آهي تہ تمر جي هاٿوڪي حالت براقرار رکڻ ۽ انهن جي ماحولياتي حالت کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪوٽڙي کان هيٺ 15 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ڇڏڻ گهرجي. ان نظام کي بچائڻ سان اهو موسمياتي ڦير گهيرجي نتيجي ۾ ايندڙ قدرتي

آفتن لاءِ ڍال بڻجي سگهي ٿو تہ ٻئي طرف سامونڊي پٽي تي آباد لکين ماڻهن جي خوراڪ جي فراهمي کي بہ يقيني بڻائي سگهجي ٿو. سنڌ جي ڊيلٽا واري نظام جي بقا جو دارو مدار تمر جي ٻيلن تي آهي جيڪي بہ تيزي سان ختم ٿي رهيا آهن ڇاڪاڻ تہ تازو پاڻي سمنڊ ۾ اچڻ گهٽجي ويو آهي. 70ع واري ڏهاڪي تائين تمر جا ٻيلا 2 لک 60 هزار هيڪٽرن تي هوندا هئا جيڪي گهٽجي 1990ع تائين هڪ لک 60 هزار هيڪٽرن تي وڃي پهتا، جڏهن تہ ڊبليو ڊبليو ايف پاران 2001ع ۾ ڪرايل هڪ ريسرچ ۾ اهو پتو پيو تہ اهي ٻيلا رڳو 80 هزار هيڪٽرن تي وڃي بچيا آهن.

ان تباهيءَ جي ڪنهن بہ قسم جي نگراني ئي نہ پئي ڪئي وڃي، ان جا اثر تہ پري جي ڳالهہ آهن. تمر جي ختم ٿيڻ سان سامونڊي پٽيءَ تي رهندڙ لکين ماڻهن جي زندگي تي ناڪاري اثر پوندا. خاص طور تي غريب طبقي تي وڌا اثر پوندا. فيصلا ڪندڙ ڏرين جي ميز تي ان حوالي سان ڪا بہ معلومات ناهي، ايتري قدر جو سنڌو درياءَ جي پاڻي جو رخ موڙڻ مان لاڀ پرائيندڙ مٿانهن علائقن جا رهواسي سامونڊي پٽيءَ جي آبادي کي پاڻي جي وڏن منصوبن کان متاثر سمجهڻ لاءِ بہ تيار ناهن. ڊيمن ٺهڻ وقت ان علائقي مان لڏ پلاڻ ڪندڙن کي ئي متاثر سمجهي انهن کي معاوضو ڏنو وڃي ٿو، جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ وڏن ڊيمن جي ٺهڻ سان سامونڊي پٽيءَ جا رهواسي ڊيم واري هنڌ جي رهواسين کان وڌيڪ قيمت ادا ڪن ٿا، پر اهڙين رٿائن تي ڪم ڪندڙن ڪڏهن بہ ڊيلٽا جي رهواسين کي متاثر نہ مڃيو آهي. ملڪ ٺهڻ کانپوءِ تربيلا ۽ منگلا ڊيم کانسواءِ ڪيترائي وڏا پاڻيءَ جا منصوبا ناهيا ويا آهن، ان کانسوءِ جناح، ڪوٽڙي، مرالا، تونسا ۽ گدو بئراجن ٺاهڻ وقت بہ پڇڙي وارن جي خدشن کي نظر ۾ نہ رکيو ويو. اهڙيون رٿائون ٺاهڻ وقت صرف زرعي آبادي ۽ بجلي جي پيداوار جو ذڪر ڪيو ويو جڏهن تہ اهڙين رٿائن سبب ٿيندڙ نقصانن تي ڪڏهن بہ تحقيق نہ ڪرائي ويئي. سنڌ جي ڪڇي ۽ ڪوٽڙي کان هيٺ وارن علائقن جي رهواسين جي گذر سفر جو وسيلو ختم ٿي ويو ۽ هن وقت اتي غربت انتها تي پهتل آهي.

تربيلا ڊيم ٺهڻ کان پوءِ جي انگن اکرن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ڪوٽڙي کان هيٺ وهڪري ۾ لاڳيتي گهٽتائي آئي آهي، سواءِ وڏي ٻوڏ وارن سالن جي جڏهن ڪوٽري کان هيٺ پاڻي ڇڏڻ اٽتر هيو. پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ پاڻي تڪرار جي نبيري لاءِ جڏهن عالمي بئنڪ جي ٽياڪڙي ۾ ڳالهيون ٿيون هيون تہ ان تي ٻنهي ملڪن ۾ اتفاق ٿيو هو تہ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ عربي سمنڊ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 17 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ڇڏڻ گهرجي. جڏهن تہ 1991ع واري ٺاهہ ۾ اهو مقدار گهٽائي 10 ملين ايڪڙ فوٽ ڪيو ويو، جڏهن تہ ڪوٽڙي بئراج ڪنسلٽنٽ گروپ پاران ڪرايل تحقيق "اسٽڊي آن واٽر اسڪيپيجز ڊائون اسٽريم آف ڪوٽڙي بئراج ٽو ايڊريس اينوائرnمنيٽل ڪنسرنس" ۾ اهو مقدار گهٽائي 8 ملين ايڪڙ فوٽ ڪيو ويو. دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ ان جي شروعاتي ڊرافٽ ۾ 20 ملين ايڪڙ فوٽ جي سفارش ڪئي ويئي هئي، جنهن ۾ 15 ملين ايڪڙ فوٽ تہ صرف تمر جي بچاءَ لاءِ ڇڏڻ جو چيو ويو هو پر پوءِ انهن انگن اکرن ۾ تبديلي ڪري 8.7 ملين ايڪڙ فوٽ ڪيو ويو. حڪومت جي دعويٰ آهي تہ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ سراسري طور تي 35 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي وڃي ٿو، جيڪڏهن انهن انگن اکرن کي درست مڃيو وڃي تہ پوءِ انڊس ڊيلٽا ۾ تباهي اچڻ تي حيرت آهي يا وري جيڪڏهن ان انگ کي صحيح سمجهيو وڃي تہ پوءِ اها ڳالهہ بہ واضح ٿئي ٿي تہ ماحولياتي حالت جي بهتري لاءِ اهو مقدار بہ گهٽ آهي ۽ پوءِ هن وقت ٿيندڙ تباهي اڃا بہ جاري رهندي. انهيءَ بنياد تي تہ اهو چئي سگهجي ٿو تہ ماحولياتي بهتري لاءِ اڃا وڌيڪ وهڪرو گهرجي. انڊس انسٽيٽيوٽ آف ريسرچ اينڊ ايجوڪيشن پاران سنڌ ۾ سمنڊ جي پائڻ جي نتيجن تي ڪرايل تحقيق ۾ اهو چيو ويو آهي تہ 1960ع تائين سمنڊ طرف زمين جي اچڻ جي شرح هڪ صدي اندر 4 ڪلو ميٽر هئي پر هاڻي صورتحال ابتڙ آهي ۽ ڪجهہ ڏهاڪن دوران 20 لک ايڪڙ زمين سمنڊ ۾هلي ويئي آهي. ان مان پاليسيون ٺاهيندڙن جي ترجيحن جو پتو پوي ٿو. انڊس ڊيلٽا مجموعي طور تي 6 لک هيڪٽرن تي مشتمل آهي جنهن ۾ مختلف ڪريڪ، ٻيٽ، ڪراچي جي اتر کان ۽ رڻ ڪڇ جي ڏکڻ وارو علائقو بہ شامل آهي. ڊيلٽا ۾ 16 ڪريڪز هونديون هيون پر ڪوٽڙي کان

هيٺ پاڻي وهڪرو گهٽجڻ سبب صرف حجامڙو ۽ خارڪ ڪريڪ جي وچ واري علائقي ڪي سنڌو درياءَ مان پاڻي ملي رهيو آهي، جڏهن ته ڪوہر ڪريڪ مان پڻ پاڻي سمنڊ ۾ وڃي ٿو. متحرڪ ڊيلٽا صرف 10 سيڪڙو وڃي بچيو آهي. پاشا سميت ٻين وڏن ڊيمن جي اڏاوت جو فيصلو ڪرڻ کان اڳ موجود ڊيمن ۽ بيراجن جي ماحولياتي ۽ سماجي اقتصادي اثرن بابت جامع تحقيق جي ضرورت آهي.

موسمياتي ڦير گهير وارو تاجي پيٽو هڪ ٻيو چئلينج آهي جيڪو صورتحال کي اڃا وڌيڪ خراب ڪندو. 1850ع کان وٺي سمنڊ جي سطح ۾ 165 ايم ايم اضافو ٿيو آهي، موسمياتي ڦير گهيربابت انٽر گورنمينٽل پينل موجب عالمي سطح تي گرمي پد ۾ گذريل هڪ سئو سالن ۾ 0.6 سينٽي گريڊ اضافو ٿيو آهي ۽ اها اڳڪٿي ڪئي پئي وڃي ته ان ۾ هلندڙ صدي جي آخر تائين 1.4 کان 5.8 سينٽي گريڊ تائين اڃا واڌ ايندي. ان سبب برفاني جبل ڳرڻ ۾ به واڌارو ايندو. شروع ۾ ته اندس ڊيلٽا ۾ پاڻي گهٽو ايندو پر برفاني جبل ڳرڻ وارو عمل ختم ٿيڻ ڪانپوءِ موسمياتي ڦير گهير سنڌو درياءَ کي وڌيڪ سُڪائي ڪيس هڪ برساتي نالو بڻائي ڇڏيندي. ان سان سنڌو درياءَ جي پرپاسي ۾ رهندڙ سموري آبادي جي زندگي، معيشت ۽ ماحوليات جا محرڪ ميسارجي ويندا. هي اسان جي فيصلا ڪندڙن لاءِ اهم گهڙي آهي ته اهي ملڪ ۾ موسمياتي ڦير گهير جي پوندڙ اثرن خاص ڪري اندس ڊيلٽا جي حوالي سان سنجيدگي سان ڪم ڪن، تيزيءَ سان ويجهو ايندڙ انهيءَ تباهي کي نظر انداز ڪرڻ جا نتيجا نهايت ڳٽتي جوڳا نڪرندا.

سنڌ اسيمبلي جي نهراءَ ۾ مطالبو ڪيو ويو آهي ته سمنڊ جي انهيءَ چاڙهه کي روڪڻ لاءِ فوري قدم طور بند ٻڌا وڃن، جيتوڻيڪ انهيءَ سان رڳو زمين پائڻ واري عمل کي روڪي عارضي ريليف ئي ملي سگهندو، جڏهن ته ڄر ۾ ساموندي پاڻي جي چڙهي اچڻ ۽ بندن مان سيمي وارا مسئلا جيئن جو تيئن موجود رهندا ڇو ته ڪوٽڙي کان هيٺ مناسب مقدار ۾ پاڻي جو لاڳيتو ڇوڙ ئي ان سموري مسئلي جو اصل حل آهي.

روزاني ڊان، 15 ڊسمبر 2008ع

# ماحولياتي ڦير گهير ۽ سنڌ جي سامونڊي پٽيءَ کي درپيش خطرا

گذريل ڪجھ سالن دوران ڌرتي تي تمام هاڃيڪار ماحولياتي تبديليون آيون آهن. ائين ناهي تہ انسانذات تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ماحولياتي نقصان برداشت ڪري رهي آهي پر وڏيڪ خطرناڪ ان جي رفتار، شدت ۽ تعين نہ ٿي سگهڻ آهي. ماحولياتي تبديلي بابت بين الحڪومتي پينل (آءِ پي سي سي) جي سائنسي جائزي مطابق گذريل 100 سالن دوران عالمي گرمي پد ۾ 0.6 ڊگري سينٽي گريڊ اضافو ٿيو آهي ۽ هلندڙ صدي پوري ٿيڻ کان اڳ ان ۾ وڌيڪ 1.4 کان 5.8 ڊگري سينٽي گريڊ واڌ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي.

أسرندڙ ملڪن کي خاص طور تي هن خطي ۾ ماحولياتي قدرتي آفتن جا وڌيڪ خطرا سامهون آهن جنهن جو ڪارڻ گهٽي قدر ڪمزور حڪمراني، گهربل بنيادي ڍانچي ۽ ٽيڪنالاجي جي کوٽ، غربت جي هاٺوڪي صورتحال ۽ هن زور وٺندڙ خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ سوچ ۽ پڪو ارادو رکندڙ قيادت جي کوٽ آهي.

سامونڊي علائقن کي خاص طور تي تمام وڌيڪ خطرو آهي. وڌندڙ گرمي پد سبب برفاني جبل ۽ برفاني چوٽيون تيزي سان ڳري ۽ سمنڊ جي سطح ۾ واڌ ڪري رهيون آهن. سمنڊ جي سطح ۾ واڌ ٿيڻ ڪري زمين ڪلرائي ٿيڻ، سامونڊي ويرون چڙهڻ، هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچڻ ۽ سامونڊي طوفانن ۾ پڻ واڌ ٿي رهي آهي. ان سان سمنڊ ۾ پڻ وڌيڪ جوش ۽ خطري جون علامتون پيدا ٿي رهيون آهن. گرين پيس جي هڪ رپورٽ ۾ خبردار ڪيو ويو آهي تہ جيڪڏهن ضابطو نہ آندو ويو تہ ماحولياتي تبديليءَ سبب گرمي پد ۾ 4 کان 5 ڊگري سينٽي گريڊ واڌ ٿيندي جنهن سان ڪيترا ئي ناڪاري اثر پوندا، جيڪي ڀارت، پاڪستان ۽ بنگلاديش جي ماڻهن کي وڏي پيماني تي لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور ڪندا. هڪ تازي جائزي مان

معلوم ٿيو آهي ته سامونڊي طوفانن جي رفتار يا شدت ۾ ماحولياتي تبديلي سبب اضافو ٿيندو. (ترين برٿ 2005)

سونامي وارو تجربو: 26 ڊسمبر 2004ع تي ايشيائي سامونڊي ڪنارن ۾ آيل تازي سونامي اڪيون ڪوليندڙ تجربا ڏنا آهن. سونامي جو اثر ايترو ته فوري ۽ شديد هو جو ان قدرتي آفت کي تارڻ جو موقعو ئي نه ڏنو. اڳواٽ خبردار ڪندڙ نظام تيار ڪيا پيا وڃن پر اجا تائين خبردار ڪرڻ ۽ قدرتي آفتن وچ ۾ وقت جي وٿي ايتري ته گھٽ آهي جو ان ڪان بچي نه ٿو سگھجي. سونامي ثابت ڪيو ته سامونڊي قدرتي آفتن جي بچاءُ جو جوڳو دفاعي نظام صرف قدرت آهي. انسانذات ان دفاعي نظام کي جتي نقصان پهچايو، اتي سونامي پنهنجي تباهي آندي. سونامي ڪان متاثر سامونڊي علائقن ۾ آفت ڪانپوءِ ڪيل تحقيق مان اهڙا ڪيترا ئي ثبوت سامهون آيا آهن ته قدرتي وسيلن خاص طور تي تمر ۽ ڪورل ريف يعني سينور جميل ٽڪريون سامونڊي علائقن ۾ ماحولياتي تبديلي سبب قدرتي آفتن خلاف بهترين تحفظ آهن. تمر جا ٻيلا سڀ ڪان وڌيڪ اثرائتي نموني سامونڊي ويرن جي توانائي جذب ڪندڙ آهن. تحقيق مان ظاهر ٿيو آهي ته تمر جا ٻوٽا هڪ عام رواجي لهر مان 70 ڪان 90 سيڪڙو توانائي جذب ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. تمر جي اهم قسمن ۾ Rhizophora, Bruguiera, Avicennia, Ceriops, Sonneratia, Lumnitzera, Aegiceras ۽ Nypa شامل آهن . تمر ٻنو تحفظ فراهم ڪندو آهي، تمر جو پهريون تهه پنهنجي لچڪدار شاخن ۽ سامونڊي پاڻين ۾ هڪٻئي سان ڳنڍيل شاخن سان پهرين ويرن کي جذب ڪندو آهي. تمر جي ڊگھن ٻوٽن جو ٻيو تهه ان ڪان پوءِ پٽ جو ڪردار ادا ڪندي ويرن واري توانائي جي وڏي حصي کي روڪي ونندو آهي.

اهو هن ڪان اڳ بنگلاديش ۾ پڌ ٿي چڪو آهي. 1960ع ۾ هڪ سونامي سامونڊي پٽيءَ جي ان علائقي ۾ آيو جتي تمر جا ٻيلا موجود هئا. اتي هڪ به ماڻهو موت ڪاچ نه بڻيو بعد ۾ تمر جا اهي ٻيلا وڍيا ويا ۽ اتي جهينگي جا فارم ٺاهيا ويا. 1991ع ۾ ساڳي ئي شدت جو هڪ سونامي ساڳي ئي خطي ۾ آيو جنهن ۾ هزارين ماڻهو اجل جو شڪار ٿي ويا.

بيربل ساهني انسٽيٽيوٽ آف پلايو باٽني جي رتن ڪار ۽ آر ڪي ڪار پنهنجي مقالي "تمر جا ٻوٽا سونامي جي تباهي کي روڪي سگهن ٿا"، ۾ ڪجهه اهم مشاهدا پيش ڪيا آهن. مقالي مطابق "تامل ناڊو، ڪنياڪماري، ناگا پٽنم، پانڊي چيري ۽ چنائي مان گڏ ڪيل انگن اکرن ۾ وڌ ۾ وڌ جاني ۽ مالي نقصان سبب انهن کي انفراديت حاصل آهي. انهن سمورن هنڌن تي گِهاٽيل آبادي آهي جنهن سبب ڪيترن ئي سالن کان اتي ساموندي پٽيءَ مان تمر جا ٻوٽا مڪمل طور تي ختم ٿي ويا آهن پر پيچاوارُم ۽ ڪاويري ڊيلٽا ۾ چدم برم ويجهو پرپاسي وارن علائقن ۾ تمر جا گهاٽا ٻوٽا هئڻ سبب گهٽ ۾ گهٽ جاني نقصان ٿيو جنهن سونامي کي گهٽ موتمار بڻايو. اهو علائقو ناگا پٽنم ۽ پانڊي چيري جي وچ ۾ آهي ۽ سونامي اتي به ساڳي رفتار سان آيو هوندو پر اهو علائقو وڏي تباهي کان بچي ويو.

ساڳي قسم جو هڪ ٻيو مثال برما ۽ مالديپ جو آهي جتي سونامي سبب تمام گهٽ جاني نقصان ٿيو ڇاڪاڻ ته سياحت واري صنعت ان وقت تائين انهن ملڪن جي ساموندي علائقن ۾ موجود تمر جي ٻيلن ۽ ڪائي جميل ساموندي ٽڪرين تائين نه پهتي هئي. مالديپ جي چوڌاري موجود وڏي ڪائي جميل ساموندي ٽڪري ويرن واري توانائي جي وڏي حصي کي جذب ڪيو ۽ انساني جانين جي نقصان کي 100 تائين محدود رکيو. هڪ ٻي تحقيق ۾ عالمي سطح تي فطري ماحول جي بچاءَ لاءِ ڪم ڪندڙ اداري (IUCN) سريلنڪا جي انهن ٻن ڳوٺن ۾ ٿيل جاني نقصان جي ڀيٽ ڪئي جن ۾ وڏين ساموندي لهرن سبب تباهي آئي هئي، تمر جي گهاٽن ٻيلن ۽ اسڪرب جي ٻيلن واري آبادي ۾ صرف 2 ماڻهو فوت ٿيا جڏهن ته ساڳي ئي قسم جي ٻيلن کان محروم ڳوٺ ۾ لڳ ڀڳ 6 هزار ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا.

تحقيق اهو پڻ ثابت ڪيو آهي ته قدرتي وسيلن جي قيمت تي ننڍي مدي وارا معاشي فائدا ماحولياتي تبديلي سبب ايندڙ قدرتي آفتن جي ور چڙهي ويندا آهن. 1960ع واري ڍاڪي کان وٺي ايشيا جي ساموندي خطي تي

جهينگي جي وڏين صنعتي ڪمپنين جو راڄ آهي جن جي ڪري ساموندي پٽيءَ ۾ ماحولياتي طور تي هاڃيڪار آبي نظام پيدا ٿي ويو آهي. سال 2000ع ۾ جهينگي جي پيداوار 8 ارب ٽن في سال کان وڌي وڃڻ سبب ڪمزور ماحولياتي نظام اڳ ئي تباهه ٿي ويو هو. خوراڪ ۽ زراعت واري عالمي اداري (FAO) طرفان ”ريپ اينڊ رن“ (تباهي ذريعي اڳتي وڌندڙ) قرار ڏنل صنعت کي گهٽي پاڳي عالمي بينڪ مالي امداد فراهم ڪئي.

جهينگي جي لڳ ڀڳ 72 سيڪڙو پالنا ايشيا تائين محدود آهي. جهينگي جي پالنا ٻيلن ۾ تمر جي واڍي جي ذريعي ڪئي ويندي آهي. مثال طور 1960ع واري ڏهاڪي کان ٿائيلينڊ ۾ آبي ماحولياتي نظام کي 65 هزار هيڪٽر کان وڌيڪ تمر جي ٻيلن جو نقصان ٿيو. انڊونيشيا جي علائقن جاوا ۾ تمر جي ٻيلن جو 70 سيڪڙو، سولا ويسي ۾ 49 سيڪڙو ۽ سماترا ۾ 36 سيڪڙو نقصان ٿيو. ڀارت ۾ گذريل 3 ڏهاڪن دوران تمر جا ٻيلا پنهنجي اصل ايراضي جي ڀيٽ ۾ 3 حصن کان ٻه گهٽجي ويا آهن. 1963 ۽ 1977ع جي وچ ڌاري، ان عرصي دوران جڏهن آبي نظام واري صنعت شروع ٿي رهي هئي ته ڀارت پنهنجي تمر جا 50 سيڪڙو ٻيلا تباهه ڪري ڇڏيا، باقي بچيل ٻيلا هوٽلن واري صنعت وڍي ڇڏيا. گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ بنگالي نار، عربي سمنڊ، هندي سمنڊ ۾ ملاڪا واري ساموندي لنگهه ۽ ڏکڻ پيسفڪ سمنڊ جي سموري ساموندي پٽي تي سياحت ۽ هوٽلن وارين صنعتن ۾ وڏي سيڙپڪاري ٿي آهي. هن سڄي لالچ سان قدرتي نظام کي نقصان پهتو ۽ 2004ع ۾ قدرت ترقي جي تنگ نظريي واري سوچ ذريعي حاصل ڪيل سمورا مالي فائدا واپس وٺي ورتا.

جهينگي جي پيداوار گذريل 15 سالن دوران ڏهوڻ تي وڌي هاڻي 9 ارب ڊالر جي صنعت بڻجي وئي آهي. اتر آمريڪا، جپان ۽ اولهه يورپ ۾ جهينگي جو استعمال گذريل 10 سالن دوران 300 سيڪڙو تائين وڌي ويو آهي. 26 ڊسمبر تي صرف 11 ايشيائي ملڪن ۾ آيل سونامي جي تباهي جهينگي جي صنعت طرفان حاصل ڪيل معاشي فائدي کان وڌي وئي آهي. گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ لک ماڻهن جي مرڻ سان پڻ وڏا سماجي ۽ معاشي نقصان ٿيا. دنيا جي

مختلف ملڪن جي حڪومتن 4 ارب آمريڪي ڊالر امداد جو اعلان ڪيو جنهن ۾ اهي اربين ڊالر شامل نہ آهن جيڪي امدادي ادارا خرچ ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن سڀ خرچ گڏايا وڃن تہ غير ساجاهہ وند ترقي جي ذريعي حاصل ڪيل معاشي فائدا تمام ننڍا ٿا لڳن.

**سنڌ جي سامونڊي پٽيءَ کي خطرو:** سنڌ جي 350 ڪلوميٽر ڊگهي سامونڊي پٽي قدرتي وسيلن سان مالا مال آهي. سنڌ جي سامونڊي علائقن کي وڏو خطرو آهي ۽ اهي سامونڊي طوفان جي وڪڙ ۾ آهن. ڪجهہ رپورٽن مطابق سنڌ جي سامونڊي ڪناري تي سراسري طور هڪ صدي ۾ 4 وڏا سامونڊي طوفان آيا جڏهن تہ انهن جي رفتار ۽ شدت ڪيترا ئي ڀيرا وڌي وئي آهي ۽ 1971 کان 2001ع جي عرصي دوران 14 سامونڊي طوفان رڪارڊ ڪيا ويا. (A Review of Disaster Management Policies and Systems in Pakistan for WCDR 2005). 1999ع ۾ ٺٽي ۽ بدين ضلعن ۾ آيل سامونڊي طوفان 73 وسندين کي لوڙهي ڇڏيو، 168 جانيون اجل جو شڪار ٿيون، لڳ ڀڳ 6 لک ماڻهو متاثر ٿيا ۽ 11 هزار ڍور مري ويا. سامونڊي طوفان ۾ 1800 ننڍيون ۽ وڏيون ٻيڙيون مڪمل طور تي تباهہ ٿي ويون ۽ 642 ٻيڙين کي جُزوي طور تي نقصان رسيو جن جي نتيجي ۾ 38 ڪروڙ رپين جو نقصان ٿيو. بنيادي ڍانچي کي پهتل نقصان جو ڪاٿو 75 ڪروڙ رپيا لڳايو ويو. غير سرڪاري ذريعن اهو ڪاٿو اجا وڌيڪ لڳايو آهي. گذريل سال يمن ۾ آيل هڪ ٻي سامونڊي طوفان کان ڪراچي وارو سامونڊي ڪنارو ذري گهٽ بچي ويو ۽ مڪران واري ساحل وٽ وڏي تباهي آئي.

سنڌ جو ساحل تمر جي ٻيلن سان مالا مال آهي پر گذريل ڪجهہ ڏهاڪن دوران سنڌو ڊيلٽا ۾ ماحولياتي وهڪري جي کوٽ سبب تمر جا ٻيلا گهٽجي ويا آهن. 19 هين صدي تائين ڊيلٽا ۾ درياهي نظام ذريعي 150ملين ايڪڙ فٽ پاڻي ساليانو ايندو هو. مٿاهن علائقن ۾ ڊيمن ۽ بيراجن جي صورت ۾ اڏاوتون ٿيڻ سبب اهو مقدار آهستي آهستي گهٽجي ويو. ملڪ وجود ۾ اچڻ بعد لهواري واري علائقي ۾ ماحولياتي تبديلين جي اثرن تي غور

ڪرڻ ڪانسواءِ جناح، ڪوٽڙي، مرالہ، تونسہ ۽ گڊو بيراجن وٽ پن وڏين ڊيمن تربيلا ۽ منگلا سميت پاڻي واري شعبي جون ڪئين وڏيون ترقياتي رٿائون جوڙيون ويون. 1991ع جي پاڻي واري ٺاهہ ۾ ڊيلٽا جي ماحولياتي نظام کي برقرار رکڻ لاءِ حقيقي ضرورت طئي ڪرڻ بابت وڌيڪ اڀياس جي شرط تي عارضي طور 10 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ڇڏڻ جي ضمانت ڏني وئي. پر ٺاهہ ٿيڻ بعد طئي ڪيل پاڻي جو مقدار برقرار نہ رکيو ويو آهي. معاهدي جي انهيءَ شق کي ان حد تائين نظرانداز ڪيو ويو جو 2000–2001ع ۾ ڊيلٽا ۾ هڪ ملين ايڪڙ فٽ ڪان بہ گهٽ پاڻي ڇڏيو ويو. تازي پاڻي جو وهڪرو گهٽجڻ سبب ذرخيز مٽي اچڻ پڻ گهٽجي وئي آهي جيڪا تمر جي واڌ ويجهہ ۾ هٿي ڏيندي آهي. 70ع واري ڏهاڪي جي آخر تائين تمر جا ٻيلا 2 لک 60 هزار هيڪٽرز تائين پکڙيل هئا جيڪي 90 واري ڏهاڪي جي شروع تائين گهٽجي هڪ لک 60 هزار هيڪٽر رهجي ويا. تازو ئي ڊبليو ڊبليو ايف طرفان ڪيل اڀياس ۾ اهو انگ ڇرڪائيندڙ حد تائين گهٽجي 80 هزار هيڪٽرز تي ويو آهي، ان ڪانسواءِ سمنڊ پاڻڻ سبب ٺٽي ۽ بدين ضلعن جي لڳ ڀڳ 20 لک ايڪڙ ذرخيز زمين تباهہ ٿي وئي آهي.

گذريل ڪجهہ سالن دوران سنڌ حڪومت ۽ ڪراچي جي سٽي گورنمينٽ ڪراچي جي ساحل تي هڪ وڏو واٽر فرنٽ ترقياتي پروگرام شروع ڪيو آهي. هن وڏي ترقياتي منصوبي ۾ بندار ۽ ڏنگي ٻيٽن تي هڪ نئين شهر جي اڏاوت پڻ شامل آهي جتي باقي رهيل تمر جا ڪجهہ صحت مند ٻيلا جياپي جي جنگ وڙهي رهيا آهن. هاڪس بي تي دبئي جي طرز تي هڪ ٻي شهر شگر لينڊ جي رٿابندي ڪئي پئي وڃي، انهن ترقياتي رٿائن سان ڪراچي جي ساحل کي ماحولياتي تبديلي جي اثرن جا وڌيڪ خطرا پيدا ٿي پوندا. سونامي حڪومتن کي قدرتي وسيلن ۾ سيڙپڪاري تي غور ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن تہ اسان جا فيصلا ڪندڙ اهو سوچڻ ڪانسواءِ تہ سامونڊي طوفان، واچوڙا ۽ سوناميون اسان جي ساحل لاءِ نوان نہ آهن، آفتن ۾ سيڙپڪاري ڪري رهيا آهن.

روزاني ڊان، 14 اپريل 2008

# سنڌ ۾ ٻوڏ جي تباهي جا ذميوار محرڪ

بلوچستان ۾ جون جي آخر ڌاري پيل شديد مينهن نہ رڳو بلوچستان ۾ تباهي آندي پر ان مينهن بلوچستان جي اوپر ۾ سنڌ جي سرحدي ضلعن ۾ پڻ ٻوڏ جي تباهي جا اثر ڇڏيا. بلوچستان جي جابلو علائقن مان آيل پاڻي کير ٿر جبلن جي ذريعي سنڌ جي دادو ۽ شهدادڪوٽ/قمبر ضلعن جي وڏي علائقي کي ٻوڙي ڇڏيو. هزارين ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏي ويا ۽ اهي ڪيترن ئي ڏينهن تائين پاڻي ۾ ڦاٿل رهيا. متاثر ماڻهن جي مصيبتن جون ڪهاڻيون ۽ حڪومتي مشينري جي ڪوتاهين بابت ميڊيا ۾ وڏي پيماني تي خبرون شايع ٿيون. مولا ۽ بولان درياهن مان آيل زوردار ٻوڏ جنهن جو ماضي ۾ ڪو مثال نہ ٿو ملي، ٻوڏ جي بچاءَ واري نظام کي بريءَ طرح متاثر ڪيو ۽ ايم اين وي / آر بي او ڊي ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي لڳل گهارن مقامي آبادين ۾ وڏي تباهي آندي. ٻوڏ سنڌو درياءَ جي ساڄي ڪپ وارن علائقن ۾ واپڊا جي نيڪال وارن منصوبن جي ڪمزوري کي هڪ ڀيرو ٻيهر وائکو ڪري ڇڏيو. ٻوڏ جي تباهي بابت ورتل جائزي مان ظاهر ٿيو آهي تہ اها تباهي رڳو قدرتي آفت نہ پر غلط انجنيئرنگ نظام، ٻوڏ کان بچاءَ جي نظام بابت حڪمت عملي جي ڪمزورين ۽ گهڻي قدر تباهہ ٿيل ادارتي نظام جي ڪري ٿي آهي. انهي ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ آبپاشي کاتي ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ هر ممڪن ڪوششون ڪيون پر سنڌن حڪمت عملي رد عمل واري هئي. علائقي جي موسمياتي ۽ ماحولياتي اثرن ۽ علائقي جي مها ٻوڏن جي تاريخ جي ڄاڻ هوندي بنيادي ڍانچي جي تعمير جي حوالي سان وڌيڪ محتاط حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جي ضرورت هئي پر انجنيئرنگ توڙي سياسي شعبي سان تعلق رکندڙ پاليسي سازن انهي امڪاني تباهي جي اچڻ کان اڳ ان کي روڪڻ بابت ڪا بہ تجويز پيش نہ ڪئي.

**سنڌ ۾ مينهن واريون ٻوڏون:** سنڌ صوبي ۾ ٻوڏن جا ٻه قسم آهن. دريائي ٻوڏ جو گهڻو امڪان هوندو آهي ۽ ان جي اچڻ کان اڳ احتياطي اپاءَ وٺڻ لاءِ جوڳو وقت ملندو آهي جڏهن ته مينهن واري سخت ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ گهڻو وقت نه ملندو آهي. مينهن واري ٻوڏ جي شدت ۽ وقت گهٽ هوندو آهي پر وڏي تباهي آڻيندي آهي تنهن ڪري ان جو اثر به تمام گهڻو شديد هوندو آهي. اهڙي قسم جون ٻوڏون خاص طور تي سانوڻيءَ جي مينهوڳيءَ واري مند (چوماسي) يعني جولاءِ ۽ آگسٽ جي مهينن ۾ اينديون آهن جڏهن ان جي اثر وارن بلوچستان جي علائقن ۾ شديد مينهن پوڻ شروع ٿيندو آهي. سنڌ جي اولهندي سرحد بلوچستان جي ڪيرٿر جبل سان ڳنڍيل آهي. ملا، بولان، ڪانجي، مزاراٽي، دلان، بوري، سالاري، شول، گاج، انگائي، نئينگ ۽ بنداني سميت خطرناڪ وهڪرن جو سلسلو ڪيرٿر جي وڏن جبلن وٽان پاڻي کي تيزي سان سنڌ جي ميداني علائقن ڏانهن ڪٽي اچي ٿو، اهڙي قسم جي ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ بچاءَ جو مختلف نظام، ادارتي سگهه ۽ بنيادي ڍانچي جي ضرورت آهي 1942ع، 1944ع، 1948 ع ، 1956ع، 1973ع ، 1975ع، 1976ع ۽ 1995ع جون مها ٻوڏون مٿي ڄاڻايل حقيقت جو واضح مثال آهن. انهن ٻوڏن مان 1976 ۽ 1995ع واريون ٻوڏون سڀ کان وڏيون هيون جيڪي ٻوڏ کان بچاءَ جي نظام توڙي مقامي آبادي جي وڏي پيماني تي تباهي جو ڪارڻ بڻيون.

**ڪاڇي/ ڪڇي جي ميداني علائقن ۾ ٻوڏ کان بچاءُ وارو نظام:** سکر بيراج جي اڏاوت کان اڳ ساڄي ڪپ تي ڪمانڊ ايريا ۾ سنڌو درياهه ۾ مينهن واري ٻوڏ جو ريلو گذارڻ لاءِ نيڪال وارا قدرتي لنگهه هئا. وهڪري جو ڪجهه حصو مين نارا ويلي ڍرين (درياهه جو هڪ پراڻو لنگهه) مان گذرندو هو ۽ ڪنهن دور ۾ ايشيا جي سڀ کان وڏي مٺي پاڻي جي قدرتي ڍنڍ منڇر ۾ چوڙ ڪندو هو. 1932ع ۾ جڏهن بيراج تعمير ڪيو ويو ته 70 ميل ڊگهي ايم اين وي ڍرين کي 2235 ڪيوسڪ وهڪري کي ڪٽي وڃڻ لاءِ باضابطه طور تيار ڪيو ويو. ايم اين وي ڍرين جا ڪپر سکر واري ڪمانڊ ايريا جي ابپاشي وارن علائقن کي جابلو مينهوڳي واري ٻوڏ وارن ميدانن کان ڌار

پڻ ڪندا هئا. ايم اين وي ڊرين کي بعد ۾ واپڊا طرفان ڇئن ضلعن جو گندو پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ آر بي او ڊي ۾ تبديل ڪيو ويو جنهن منڇر ڍنڍ کي تباهه ڪري ڇڏيو. هڪ مرحلي تي واپڊا آر بي او ڊي کي سنڌو درياهه سان ڳنڍڻ تي پڻ بضد هئي پر بعد ۾ سول سوسائيٽي گروپن طرفان گهٽي واويلا ڪانپوءِ ان منصوبي تان هٿ ڪٽي ڇڏيو، ٻي صورت ۾ واپڊا تباهه ڪار انجنيئرنگ منصوبن ۾ هڪ ٻيو منصوبو پڻ شامل ڪري ڇڏي ها.

مينهوڳيءَ واري ٻوڏ وارن علائقن ۾ ٻوڏ کان بچاءُ واري ڪم کي دريائي ٻوڏ جي بچاءُ واري ڪم کان وڌيڪ خطرو هوندو آهي. 1935ع ۾ منڇر ڍنڍ ڏانهن اتر ۾ ڏکڻ وارن برساتي وهڪرن جي موڙ ۾ سهولت لاءِ قدرتي ميدانن سان گڏ فلڊ پروٽيڪشن بند (ايف پي بند) تعمير ڪيو ويو. انهي 172 ميل ڊگهي بند جو مقصد آبپاشي وارن علائقن کي برساتي ٻوڏ کان بچائڻ ۽ ان کي محفوظ طريقي سان قدرتي ڍنڍ منڇر ڏانهن موڙڻ هو. انڊس رور ڪميشن مطابق ٻوڏ کان بچاءُ واري بند جي اونچائي وڏي ۾ وڏي ريڪارڊ ڪيل ٻوڏ جي سطح کان 6 فٽ مٿي هئڻ گهرجي. 1995ع ۾ ٻوڏ جو پاڻي ايف پي بند جي ڪيترن ئي هنڌن تان اٿلي پيو ۽ 30 کان وڌيڪ هنڌن تي گهارا لڳا، جڏهن ته مرمتي ڪم ذريعي ان کي صرف ٻوڏ کان اڳ واري سطح تائين بحال ڪيو ويو ۽ 1995 واري ٻوڏ جي سطح کان ان جي ريماڊلنگ پڻ صرف 120 آر ڊي تان مڪمل ڪئي وئي ۽ 120 آر ڊي واري رهيل حصي جي ريماڊلنگ نه ڪئي وئي جنهن کي تازي ٻوڏ جي اثر کي منهن ڏيڻو پيو، انهي حقيقت جو 2007ع لاءِ آبپاشي کاتي سنڌ جي مقامي آفيس طرفان تيار ڪيل فلڊ فائيٽنگ پلان ۾ پڻ اشارو ڏنو ويو هو.

دادو ضلعي ۾ گاج نئين جي تيز وهڪري کي موڙڻ لاءِ فلڊ ڊائيورجن بند تعمير ڪيو ويو، 4. 6 ميل ڊگهو اهو بند ايف پي بند کي پڻ گاج نئين جي سڌي زور کان بچائي ٿو. 1995ع واري مها ٻوڏ ۾ هن بند کي سخت نقصان پهتو. هن بند کي پڻ بعد ۾ ريماڊل ڪري ٻوڏ کان اڳ واري حالت ۾ آندو ويو، جڏهن ته ٻي ڪنهن امڪاني ٻوڏ جي صورت ۾ ان کي وڌيڪ مضبوط

نہ ٻڏايو ويو. خوش قسمتي سان هن سال ڳاج پنهنجو روايتي وهڪرو نہ آندو ۽ بند کي ڪو وڏو نقصان نہ ٿيو.

هن ڀيري ٻوڏ بلوچستان سان اتر اولهہ واري سرحد کان آئي ۽ شهدادڪوٽ / قمبر ۽ بعد ۾ دادو ضلعن کي متاثر ڪيو. مولا ۽ بولان دريائن وڏا وهڪرا آندا جنهن جي ڪري ايف پي بندڪي آر ڊي 179، 180، 184 ۽ 230 وٽ ڳهارا لڳا. بند کي ڪل 34 ڳهارا ۽ ڪٽ لڳا ۽ ايم اين وي ڊرين ۾ پڻ ڪٽ ريڪارڊ ڪيا ويا. انهن ڳهارن ڪيترا ئي ننڍا وڏا ڳوٺ پاڻي هيٺ آڻي ڇڏيا ۽ قمبر ۽ شهدادڪوٽ شهرن لاءِ پڻ خطرو پيدا ٿي ويو. هن تباهيءَ ۾ بنيادي ڍانچي ۽ انتظامي نظام جو اندازو لڳائڻ لاءِ هڪ تفصيلي فني جائزي جي ضرورت آهي. سائينس جي دورن، مقامي ماڻهن سان ڳڻجاڻين، آبپاشي جي ماهرن ۽ سول سوسائٽي گروپن سان ڳالهين تي ٻڌل هڪ هنگامي تجزيي مان هيٺيون حقيقتون سامهون آيون.

اڳواٽ خبردار ڪرڻ وارو اثرائتو نظام ٻوڏ جي تباهيءَ کي روڪڻ لاءِ ضروري آهي. جيتوڻيڪ مينهوڳيءَ جي ٻوڏن کي منهن ڏيڻ لاءِ تمام محدود وقت هوندو آهي پر هن نظام جي اهميت اڃا بہ وڌي ويندي آهي. اها عجيب ڳالهہ آهي تہ بلوچستان ۽ سنڌ صوبن وچ ۾ ٻوڏ بابت خبردار ڪرڻ وارو ڪو نظام موجود نہ آهي. جڏهن تہ ڪيرٿر وارن جبلن ۾ بلوچستان مان ٻوڏ ايندي آهي تنهن ڪري اتي ڪو اهڙو نظام هئڻ گهرجي جنهن جي ذريعي بلوچستان حڪومت سنڌ سرڪار کي ضروري حفاظتي اپاءَ وٺڻ لاءِ وقت سر آگاهہ ڪري سگهي. سنڌ جي آبپاشي کاتي جي دادو ضلعي ۾ ڳاج نئين جي منڍ ۾ هڪ پيمائش واري اسٽيشن آهي. هن هنڌ کان ٻوڏ کي مُک علائقن تائين پهچڻ لاءِ وڌ ۾ وڌ 12 ڪلاڪ لڳندا آهن. ايتري تائين جو جيڪڏهن گهڻو اڳ اطلاع ملي وڃي تہ بہ اهو وقت ايندڙ تباهي کي منهن ڏيڻ لاءِ تمام گهٽ آهي. موسميات جي اڳڪٿي وارو جديد نظام سيٽلائيٽ جي معلومات جي ذريعن تي ٻڌل آهي جنهن سان اعتماد جوڳو فلڊ وارننگ نظام تيار ڪرڻ ممڪن آهي. هن تي يقينن ان کان تمام گهٽ خرچ ايندو جيڪو

حڪومت عام طور تي تباهه ٿيل علائقن ۾ متاثر بنيادي ڍانچي جي مرمت، امداد ۽ بحالي جي ڪمن تي خرچ ڪندي آهي. نقصانن جو ماحولياتي، معاشي ۽ سماجي خرچ هن تمام ضروري سيڙپ ڪي وڏيڪ جائز بڻائي ڇڏيندو. ان جو اندازو ان حقيقت مان لڳائي سگهجي ٿو ته 1995ع واري ٻوڏ جي نقصانن ڪانپوءِ نئين گاج تي گاج ڊائيورجن بند ۽ ايف پي بند کي مضبوط بڻائڻ تي سرڪاري خزاني مان 70 ڪروڙ رپيا خرچ ڪيا ويا. ٻوڏ کان خبردار ڪندڙ اثرائتو نظام انهن آبادين جي محتاط نشاندهي ذريعي سڃاڻپ ۾ مدد ڏيندو آهي جن کي ٻوڏ جو وڏيڪ خطرو هوندو آهي جنهن جي مدد سان انهن خطري وارن علائقن کي وقت سر خالي ڪرائڻ ۾ مدد ملندي آهي. ٻوڏ وارن ميداني علائقن ۾ بنيادي ڍانچي جي ترقي ٻوڏ جي قدرتي رستن جو اڳواٽ ادراڪ هئڻ ڪانسواءِ ڊزائين ڪئي وڃي ٿي. آبپاشي ماهر جو چوڻ آهي ته ان علائقي ۾ رستن جي نيٽ ورڪ پڻ ٻوڏ جي آزاداڻي وهڪري ۾ رنڊڪون پيدا ڪيون آهن. ڪجهه مقامي رستا ۽ رتوديرو — خضدار موٽر وي کي ٻوڏ جي وهڪرن جو خيال نه رکندي تعمير ڪيو ويو آهي ۽ انهن ۾ پاڻيءَ جا ريلا گذارڻ جو جوڳو بندوبست ناهي ڪيو ويو، جنهن سان ٻوڏ جو پاڻي رستن مٿان گذري ٿو. اهڙو ڪو طريقيڪار موجود نه آهي جنهن تحت نيشنل هاءِ وي اٿارٽي يا صوبائي هاءِ وي کاتو آبپاشي کاتي جي مدد سان فلڊ پليون اڏي سگهي. ادارن وچ ۾ ڳانڍاپي جي انهي کوٽ سبب مستقبل ۾ وڏيڪ نقصان جو امڪان آهي.

اهو بار بار ثابت ڪيو ويو آهي ته قدرتي نظام کي حد کان وڏيڪ نقصان پهچائڻ سان تباهه ڪار نتيجا نڪرندا آهن. واپڊا جو مٺي پاڻي جي ايم اين وي ڊرين کي کاري پاڻي جي چينل آر بي او ڊي ۾ تبديل ڪرڻ جو نتيجو منڇر ڍنڍ جي تباهي جي صوررت ۾ نڪتو. هاڻي واپڊا مٿاهين وارن علائقن ۾ آر بي او ڊي III ذريعي ڪيترين ئي ڊرينيج اسڪيمون شروع ڪري رهي آهي جيڪي بلوچستان جي آبپاشي وارن علائقن مان گندي پاڻيءَ کي نيڪال ڪنديون ۽ اهو مُک آر بي او ڊي ۾ ڇڏينديون. اوستا محمد جي علائقن لاءِ هڪ ڏکيو نيڪال جو نيٽ ورڪ تعمير هيٺ آهي ۽

موجوده ايل بي او ڊي کي آر بي او ڊي III تحت نين نالين ذريعي هيٺر دين ڊرين ۽ چکي سان ڳنڍيو پيو وڃي جيڪا مُک آر بي او ڊي نيٽ ورڪ سان ڳنڍي ويندي. انهن فيصلن پٺيان مضبوط سياسي عنصر آهن ۽ واپڊا انهن احمقاڻين ڊرينيج رٿائن جي امڪاني خطرن جي جائزي لاءِ مقامي سطح تي آبپاشي کاتي کي شامل ڪرڻ جي زحمت نہ تي ڪرڻ چاهي. آبپاشي کاتي جي عملدارن مطابق اهڙو رابطو مورڳو موجود ئي نہ آهي ۽ جيڪڏهن ڪو صلاح مشورو ٿيندو بہ آهي تہ اهو اعليٰ سطح تائين محدود هوندو آهي جن کي زميني حقيقتن جي گهٽ ڄاڻ هوندي آهي. واپڊا وفاقي حڪومت جي سياسي طور تيار ڪيل منصوبن تي عمل ڪرائيندي آهي پر اها مقامي آبپاشي کاتن، سول سوسائٽي گروپن ۽ آبادين ڏانهن مشڪل سان ڌيان ڏيندي آهي. اسان جي سکڻ لاءِ ايل بي او ڊي وارو سبق ئي ڪافي هئڻ گهرجي پر ايئن ٿيندي محسوس نہ ٿو ٿئي. مقامي آبپاشي ماهر پڻ ان ڳالهہ ۾ يقين رکن ٿا تہ برساتي ٻوڏ وارو پاڻي تہ ٺهيو پر آر بي او ڊي III ، جي گنجائش مقامي نالين وارو وهڪرو ڪٽي وڃڻ لاءِ ئي ناڪافي آهي. تازي ٻوڏ دوران ميرو خان ۽ شهدادڪوٽ جون ناليون ابتو وهڻ شروع ٿي ويون جڏهن تہ ايم اين وي ۾ مٿاهين درجي جي ٻوڏ هئي ان سان شهدادڪوٽ ۽ ميرو خان شهر ٻڏي سگهيا ٿي تنهن ڪري ڊرينيج جو اهو نظام مقامي علائقن لاءِ هڪ مستقل خطرو بڻيل آهي. ساڳي طرح جيڪڏهن سنڌو درياءَ ۾ وڏي ٻوڏ ( 7 لک ڪيوسڪ کان وڌيڪ) اچي تہ وڏا امڪان آهن تہ ان سان آر بي او ڊي II ، سيوهڻ ويجهو پڳو نوڙهو جبل وٽ بند ٽي ويندي جيڪا سنڌو درياهہ جي تمام ويجهو کان گذري ٿي. هن علائقي ۾ ڊرينيج جو نظام ڪنهن انتظامي پيڪيج جو حصو هئڻ بدران بنيادي ڍانچي جي انجنيئرنگ جي هڪ ڌار منصوبي طور تعمير ڪيو پيو وڃي. سارين جي پوک وارن مٿانهن علائقن ۾ گندي پاڻي جو مقدار گهٽائڻ لاءِ پاڻي جي غلط استعمال واري مسئلي کي حل ڪرڻ جي ضرورت آهي. انگريزن جي دور ۾ ڊزائين ڪيل آبپاشي واري نظام کي ڊرينيج جي ضرورت نہ هئي ڇاڪاڻ تہ اهو مُنڍ ۽ پڇڙيءَ وارن علائقن ۾ پاڻي جي منصفاڻي ورڇ تي ٻڌل هو جنهن جي پڇڪڙي سبب مسئلو پيدا ٿئي ٿو. ظاهري اٿرن بدران

بنيادي ڪارڻن کي ختم ڪرڻ وڌيڪ ضروري آهي جيڪي واپڊا ڪيترن ئي سالن کان پيدا ڪري رهي آهي. انهي غلط طريقيڪار ملڪ ۾ ڊرينيج واري شعبي جي اسڪيمن کي هڪ ڊگهي مدي وارو مسئلو ۽ ڪيترين ئي قدرتي آفتن جو ذريعو بڻائي ڇڏيو آهي. انهي غلط طريقيڪار مان فائدو وٺندڙن جو هڪ طاقتور گروهه مزا ماڻي رهيو آهي تنهن ڪري اهو ويجهي مستقبل ۾ تبديل ٿيندي نظر نه ٿو اچي.

سنڌ لاءِ فلڊ ڪنٽرول پلان 1978ع ۾ تيار ڪيو ويو هو ۽ ان وقت کان اجا تائين ان تي نظرثاني نه ڪئي وئي آهي. سيني معاملن ۾ ڪيترن ئي سالن دوران تمام گهڻيون تبديليون اچي ويون آهن ۽ تي ڍاڪا پراڻو فلڊ مينيجمينٽ نظام ادارتي ڏيوالپڻي جي موجودگي کي ظاهر ڪري ٿو. انهي فلڊ ڪنٽرول پلان تي گذريل 30 سالن جي تجربن ۽ هاڻوڪين زميني حقيقتن جي روشني ۾ نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي. ساڳي طرح بند مينيوئل پڻ 1978ع ۾ تيار ڪيو ويو جنهن تي پڻ نظرثاني جي ضرورت آهي.

اهي ۽ ڪيتريون ئي ٻيون حقيقتون ظاهر ڪن ٿيون ته تازي ٻوڏ جي تباهي صرف قدرت جو ڏمر نه پر غلط رٿابندي، رابطي جي کوٽ ۽ مڪمل ادارتي نااهلي جو نتيجو آهي.

روزاني ڊان، 3 سيپٽمبر 2007.

# ميراڻي ڊيم سبب آيل تباهي

بلوچستان ۾ سامونڊي طوفان يمين 26- 27 جون 2007 تي آيو ۽ ڪيچ ضلعي جي ڳوٺن ۾ تباهي جا گهرا آثار ڇڏي ويو. غير معمولي مينهن جي نتيجي ۾ نئينگ ۽ ڪيچ دريائن ۾ ٻوڏ اچي وئي جنهن سبب ڪيترن ئي ڪلوميٽرن تائين ابتو وهڪرو شروع ٿي ويو. ٻوڏ سبب نصير آباد جون نوڊز ۽ ڪوش قلات جون يونين ڪائونسلون سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيون. ريڊڪراس جي هڪ رپورٽ مطابق پهرين ٻنهي يونين ڪائونسلن ۾ 100 سيڪڙو گهرن کي نقصان پهتو جڏهن ته ٽئين يونين ڪائونسل ۾ 75 سيڪڙو گهر تباهه ٿيا.

انگن اکرن موجب نصير آباد ۾ 2742، نوڊز ۾ 2949 ۽ ڪوش قلات ۾ 996 گهر مڪمل طور تي تباهه ٿي ويا. هزارين ماڻهو بي گهر ٿي ويا ۽ هينئر عارضي ڪيمپن ۾ ڏکيا ڏينهن گهاري رهيا آهن. اهي ٻوڏ متاثر پنهنجي حالت جو ذميوار صرف قدرت کي قرار نه ٿا ڏين پر پنهنجي تباهي جو مُک ڪارڻ ميراڻي ڊيم کي سمجهن ٿا.

اهي يونين ڪائونسلون هاڻي مڪمل طور تي ويراني جو ڏيک ڏين ٿيون ۽ رڳو ڪجهه ميسارجي ويل ڳوٺن جا آثار ظاهر آهن، جتي ڳوناڻا ملبي هيٺان دٻجي ويل شيون ڳوليندي نظر اچي رهيا آهن. خوش قسمتي سان اهي رڳو پنهنجي جان بچائي سگهيا انهن مان ڪجهه امدادي ڪارراوئين کان اڳ ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين ڏتڙيل رهيا.

ڪيچ درياءُ جو آبپاشي وارو علائقو بلوچستان ۾ آهي جڏهن ته نئينگ درياءُ ايران مان مينهن جو پاڻي آڻيندو آهي ۽ ٻئي درياءُ گڏجي دشت درياءُ ۾ شامل ٿي ويندا آهن جيڪو جيواڻي ويجهو عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. دشت درياءُ 21 هزار چورس ڪلوميٽر ڪيچمينٽ واري علائقي جي مينهن

جي وهڪري تي دارمدار رکندڙ غير مستقل وهڪري وارو درياءُ آهي. اهي درياءَ 27 جون واري رات ميراڻي ڊيم سان ٽڪرائڻ ڪانپوءِ تباهه ڪار بڻجي ويا. مقامي آباديون تازو آيل تباهي جو ذميوار واپڊا ۽ ان جي ڪنسلٽنٽس کي قرار ڏين ٿيون ۽ اهي ميراڻي ڊيم کي هن سطح جي تباهيءَ جو واحد وڏو سبب سمجهن ٿيون.

ميراڻي ڊيم نئينگ ۽ ڪيچ دريائن جي ميلاپ واري هنڌ کان 7 ڪلوميٽر 71 ڊائون اسٽريم وٽ دشت درياءَ تي تعمير ڪيو ويو آهي. ڊيم جو اڏاوتي ڪم 8 جولاءِ 2002 تي واپڊا جي وزن 2025ع تحت ان جي واٽر ريسورس ڊولپمينٽ پروگرام جي حصي طور شروع ڪيو ويو. اهو منصوبو پهرين ڏينهن کان اعليٰ سطحي سياسي مداخلت سبب هڪ مشهور منصوبو بڻجي ويو. بلوچستان جي قومپرست پارٽين ۽ مقامي ماڻهن هن منصوبي جي سخت مخالفت ڪئي.

پي سي ون تحت منصوبي جي ڪٿيل لاڳت 5 ارب 81 ڪروڙ رپيا هئي. ڊيم جي ڪل ذخيرو ڪرڻ جي گنجائش 3 لک 20 هزار ايڪڙ فٽ آهي جنهن ۾ هڪ لک 50 هزار فٽ ڊيڊ ليول شامل آهي ۽ استعمال جوڳو پاڻي هڪ لک 52 هزار ايڪڙ فٽ آهي. ڊيم جي مٿئين پٽ جي ويڪر 35 فٽ آهي ۽ ان ۾ 600 فٽ ويڪرو اسپل وي آهي. جنهن مان 3 لک 84 هزار ڪيوسڪ پاڻي گذري سگهي ٿو. ڊيم جو مُک مقصد دشت واري علائقي جي 33 هزار ايڪڙ زمين آباد ڪرڻ آهي. صدر مشرف 16 نومبر 2006ع تي مقامي آبادي جا خدشا درست ثابت ٿيڻ کان 8 مهينا اڳ هن ڊيم جو افتتاح ڪيو جنهن بابت اهو راڳ الاپيو پئي ويو تہ اهو منصوبو خوشحالي جو سبب بڻجندو.

26 جون تي بلوچستان جي ساحل وٽ يمين ساموندي طوفان اچڻ سبب ڪيچ ضلعي ۾ زبردست مينهن پيو، نئينگ ۽ ڪيچ دريائن ۾ ڪيترين ئي شاخن مان پاڻيءَ جو وهڪرو شامل ٿيو. تيز مينهن سبب ٻوڏ جي وهڪري دشت درياءَ ۾ چوڙ ڪيو جيڪو ميراڻي ڊيم جي اڏاوت سبب آزاداڻي

نموني گذري نہ سگهيو. حتمي گنجائش تائين پريل پاڻيءَ جي ذخيري وڏيڪ پاڻي ڪٽڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ٻئي درياءَ سمورن رخن ۾ پنتي وهڻ لڳا. دريائن جي اُبتي وهڻ سبب هر پاسي ڳوٺن ۾ اوچتي ٻوڏ اچي وئي ۽ ٻنهي دريائن جي ميلاپ واري هنڌ کان 35 ڪلوميٽرن جي فاصلي تائين درجنين ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويا. ڪيچ درياهہ ۾ شامل ٿيندڙ ڪيترا ئي ننڍا مينهوڳيءَ وارا وهڪرا پڻ اُبتا وهڻ لڳا ۽ سڄو علائقو سيني پاسن کان ٻوڏ هيٺ اچي ويو.

نيسپاڪ (ڊيم جي اڏاوت جي ذميوار ۽ موجوده وقت ان ڪي هلائيندڙ واپڊا جي ڪنسلٽنٽ ڪمپني) مطابق ٻوڏ جو پاڻي سمنڊ جي سطح کان 271.44 فٽن جي بلندي تائين پهچي ويو ۽ ڊيم جي پٽ جي آخري حد کان 3 فٽ هيٺ هو. هڪ مرحلي تي واپڊا جي انجنيئرن اسپل وي ٽوڙڻ لاءِ فيوز پلگ استعمال ڪرڻ تي غور شروع ڪري ڏنو تہ جيئن پاڻي جو وڏيڪ وهڪرو گذاري سگهجي پر ان آپشن کي استعمال نہ ڪيو ويو ڇاڪاڻ تہ ان سان ڊيم ٽٽڻ جو خطرو هو جنهن سان تباهي ڪيئي ڀيرا وڌي وڃي ها.

واپڊا جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن ميراڻي ڊيم نہ هجي ها تہ ٻوڏ لهواري وارن علائقن ۾ تمام گهڻي تباهي آڻي ها جڏهن تہ مقامي ماڻهو انهن دعوائن کي نہ ٿا مڃين. ڊيم جي غير موجودگي ۾ ٻوڏ جو وهڪرو بنا رڪاوٽ جي لهواري وارن علائقن جي ذريعي گذري ها جتان هيناهين وارا ڳوٺ 1998ع واري مها ٻوڏ ڪانپوءِ مٿين علائقن ڏانهن منتقل ٿي ويا هئا. پاڻي سان ڀريل ڊيم جي اڏاوت دشت درياءَ جي آزاداڻي وهڪري ۾ مُک رڪاوٽ پيدا ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ برساتي دريائن ۾ ابتي وهڪري سبب وسيع علائقن ۾ تباهي آئي.

آيل تباهي اهو پڻ ثابت ڪيو تہ مقامي ساڃاهہ کي رد ڪري فقط انجنيئرنگ جي درسي ڪتابن تي دارومدار رکڻ جو نتيجو هميشہ نقصانن ۾ ظاهر ٿيندو. اهو سنڌ ۾ ليفٽ بينڪ آئوٽ فال ڊرين جي ناڪامي مان پڻ

ثابت ٿيو آهي. ميراڻي ڊيم جي اڏاوت وقت واپڊا دعويٰ ڪئي هئي ته ڊيم واري سائيٽ تي سمنڊ جي سراسري سطح (اي ايس ايم ايل) کان 244 فٽ مٿي ٻوڏ 200 سالن ۾ هڪ ڀيرو اچي سگهي ٿي جڏهن ته مقامي ماڻهن ۽ آبپاشي کاتي جي ڪجهه ماهرن زور ڀريو هو ته واپڊا کي ان جي بلندي 264 فٽ اي ايس ايم ايل تائين مٿي ڪرڻ گهرجي ۽ ٻوڏ جي انهي سطح هيٺ ايندڙ ماڻهن کي ٻئي هنڌ آباد ڪيو وڃي جڏهن ته واپڊا بضد رهندي 244 فٽ اي ايس ايم ايل کان مٿي وارن ڳوٺن کي ٻي هنڌ آباد نه ڪيو ۽ نه ئي معاوضو ڏنو. موجوده ٻوڏ ته 264 فٽ اي ايس ايم ايل کان مٿي وارن علائقن ۾ پڻ سخت تباهي آندي.

ڪجهه رپورٽن مطابق جڏهن 1956ع ۾ ڊيم جي فزيبلٽي تيار ڪئي پئي وئي ته ان جي اوچائي هاڙوڪي 127 فٽن جي پيٽ ۾ 80 فٽ تجويز ڪئي وئي هئي. مقامي ماڻهن جو خيال آهي ته ڊيم جي 80 فٽ اوچائي محفوظ سطح هئي. اهي اها دعويٰ پڻ ڪن ٿا ته واپڊا کي اوچتين وڏين مينهوڳيءُ وارين ٻوڏن کي منهن ڏيڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 1200 فٽ ويڪرو اسپل وي فراهم ڪرڻ جي دخواست ڪئي وئي هئي پر واپڊا اها تجويز رد ڪري ڇڏي. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته هاڻي واپڊا جي ڪنسلٽنٽس، ڊيم جي ساڄي پاسي هڪ ٻيو 600 فٽ ڊگهو اسپل وي تعمير ڪرڻ جي تجويز ڏني آهي جيڪو 255 فٽ اي ايس ايل ايم تي هلائڻ جي تجويز پڻ ڏني وئي آهي. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته مقامي ماڻهن جا خدشا ان وقت ئي درست هئا ۽ انهن تي ڌيان نه ڏيڻ فيصلو ڪندڙن جي هڪ وڏي غلط هئي.

علائقي جا رهواسي ۽ آبپاشي کاتي جا عملدار پروجيڪٽ جي ڪنهن ماحولياتي اثر واري جائزي (انوائرنمينٽل امپيڪٽ اسيسمينٽ) کان پڻ بيخبر آهن. ڪنهن به ڪڏهن ڪا عوامي ٻڌڻي نه ڏني آهي جيڪا پاڪستان انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايڪٽ 1997ع تحت ڪنهن به اي آءِ اي لاءِ لازمي هوندي آهي. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته واپڊا جا اڏاوتي ڪنسلٽنٽس پڻ پروجيڪٽ جي ڪنهن ماحولياتي اثر واري جائزي (اي آءِ اي) کان اڻڄاڻ

آهن. جيڪڏهن ڪا اي آءِ اي هجي ها ته مقامي ماڻهو باضابطه طور تي پنهنجا خدشا ۽ تجويزون رجسٽر ڪرائي سگهن ها. ايئن ٿو لڳي ته پروجيڪٽ جو هي اهم حصو يا ته نظرانداز ڪيو ويو يا وري لاڳاپيل ڌرين جي صلاح مشوري ڪانسواءِ مڪمل ڪيو ويو، جنهن ان کي مڪمل طور تي بي اثر بڻائي ڇڏيو آهي.

ساڳي طرح پروجيڪٽ جي پي سي ون کي پڻ هڪ ڳجهو دستاويز بڻايو ويو آهي ۽ ايتري تائين جو مقامي آبپاشي کاتي جا ذميوار عملدار جن کي مڪمل ٺيڪ ڪانپوءِ پروجيڪٽ سنڀالڻو آهي، چون ٿا ته کين پروجيڪٽ جي پي سي ون تائين پهچ حاصل نه آهي. ڊيم جي سائيٽ هاءِ سيڪيورٽي زون آهي جتي ڊيم کي مستقبل ۾ هلائيندڙ، آبپاشي کاتي جي ماڻهن کي به پهچ حاصل نه آهي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته لاڳاپيل ڌرين جي شموليت کي پروجيڪٽ ڊزائين، رٿابندي ۽ عمل وارن مرحلن تي مڪمل طور تي نظرانداز ڪيو ويو آهي. سرڪاري شعبي جي منصوبن جي اها خاصيت بڻجي وئي آهي. جنهن سبب رٿائن جي ڊزائين ۾ اهم نقص رهجي ويندا آهن جنهن جي نتيجي ۾ وسيلا ۽ مقامي ماڻهن جون جانيون ضايع ٿينديون آهن. بدقسمتي سان اسان جي رٿابندي ڪندڙن ڪڏهن به مقامي ماڻهن جي لوڪ ساڃاهه کي ليکيو ئي نه آهي ۽ سندن خدشن کي ترقي خلاف سازشون قرار ڏنو آهي.

تازي ٻوڏ ڊيم کي جنهن نموني متاثر ڪيو ان جي اڃا عام ماڻهن کي ڪا به ڄاڻ نه آهي. واپڊا جا ڪنسلٽنٽ مطمئن آهن ته ڊيم جي اڏاوت وڏي ٻوڏ کي برداشت ڪيو آهي تنهن ڪري اهو هڪ ڪامياب انجنيئرنگ اسٽرڪچر آهي. جڏهن ته اهي لٽ جي سطح بابت خاموش آهن جيڪا ٻوڏ پاڻ سان گڏ کڻي آئي ها. ڪيچ درياءَ جي ابتي وهڪري واري رستي ۽ ان جي شاخن تي ٻن ڪان ٽن فٽن جي ٿولهه جا چيڪي مٽيءَ جا ڇڪا ظاهر آهن. ان مان ڊيم ۾ لٽ جو وڏو مقدار ظاهر ٿئي ٿو جنهن سان ڊيم جي حياتي ڪجهه سال گهٽجي وئي هوندي.

## پاڪستان ۾ موسمياتي ڦير گهير ۽ قدرتي آفتون

واپڊا جي ڪنسلٽنٽس مطابق ڊيم 50 سالن تائين استعمال لاءِ تعمير ڪيو ويو آهي، مقامي ماڻهن جي دعويٰ آهي تہ ڊيم بنيادي طور تي نئين ٺهندڙ ساموندي شهر گوادر جي صنعتي ۽ رهائشي علائقن کي پاڻي جي فراهمي لاءِ اڏيو ويو آهي. حڪومت کي لَٽ گڏ ٿيڻ ڪري ڊيم کي پهتل نقصان جي ازالي لاءِ مستقبل ۾ ڊيم کي وڌيڪ وڏو ڪرڻ تي غور ڪرڻو پوندو. اهي سمجهن ٿا تہ ڪنهن بہ اهڙي تجربي سان ڊيم جي پرپاسي ۾ موجود وڌيڪ ڳوٺ ٻڏي ويندا ۽ جيڪڏهن اڳتي ڪنهن بہ مرحلي تي ڊيم جي سطح کي مٿي نہ ڪيو ويو تہ مستقبل جون ٻوڏون ان ڪان بہ وڏي تباهي آڻي سگهن ٿيون.

ڊيم انجنيئرنگ جون انتهائي خطري واريون بناوٽون آهن. ڊيم جي ڊزائين ۽ آپريشنل احتياطي اپاءَ ٻوڏن جي تاريخ جي بلڪل درست معلومات تي دارومدار رکن ٿا پر تيزي سان تبديل ٿيندڙ ماحولياتي نظام قدرتي واقعن کي وڌيڪ اڳڪٿي نہ ٿيڻ جوڳو ۽ ڊيمن جي اڏاوتن کي وڌيڪ خطري وارو بڻائي ڇڏيو آهي. گذريل ڪجهہ سالن دوران ماحولياتي تبديلي پنهنجا اثر مختلف طريقن سان ڏيکارڻ شروع ڪيا آهن. سونامي، ساموندي طوفان، واچوڙا ۽ ٻوڏون معمول بڻجندا پيا وڃن ۽ ڊيمن سان لاڳاپيل مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيا وڌيڪ محفوظ آپشنز ڳولڻ جي ضرورت آهي. ميراڻي ڊيم وارو واقعو اهي ڳڻتيون پڻ پيدا ڪري ٿو تہ جيڪڏهن هڪ ننڍو ڊيم ايڏي تباهي آڻي سگهي ٿو تہ وڏن ڊيمن ذريعي آيل تباهي ڪهڙي سطح جي هوندي. (ڪالاباغ ڊيم جي پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي گنجائش ميراڻي ڊيم کان 20 ڀيرا وڌيڪ هجي ها). پاڻي جي بقا، بجلي جي پيداوار ۽ زمين کي ترقي وٺرائڻ بهترين مقصد آهن پر اهي سڀئي شهرين جي ترقي لاءِ آهن. جيڪڏهن انسانن لاءِ وڏا خطرا پيدا ٿيڻ ۽ ان جا سنگين نتيجا ڀوڳڻ جو انديشو هجي تہ اهي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ خطري وارا ذريعا اختيار نہ ڪرڻ گهرجن.

روزاني ڊان، 20 آگسٽ 2007